قرآن حڪيم جي سورتن

جي مضمونن جو

مُختصر جائزو

اَلفاتِحه — کان — الڪهف

مصنف: ڊاڪٽر اسرار احمد

مترجم: عبدالهادي ٽيڀو

انجمن خدّام القرآن سنڌ
ڪراچي

قرآن حڪيم جي سورتن

جي مضمونن جو

مُختصر جائزو

اَلفَاتِحَه — کَانْ — اَلْڪَهَفْ

مصنف : ڊاڪٽر اسرار احمد

مترجم: عَبْدُ الهَادي ٽيپُو

انجمن خدام القرآن سنڌ

ڪراچي

ڪتاب جو نالو: قرآن حڪيم جي سورتن جي مضمونن جو مختصر جائزو
الفاتحه - کان - الڪهف

ليکڪ: ڊاڪٽر اسرار احمد
ترجمو: عبدالهادي ٽيٻو
شايع ڪندڙ: سراج الحق سيد
ڇاپائي: محمدي آرٽ پريس
ڪتابت: محسن پنو
تعداد اشاعت: ٣ هزار
ڇاپو: پهريون
تاريخ اشاعت: فروري ١٩٨٨ع
قيمت: ١٠ روپيا
مقام اشاعت: D56 بلاڪ B، شمالي ناظم آباد ڪراچي نمبر 33 فون: 613664 / 616980

ملڻ جا هنڌ

١. انجمن خدام القرآن سنڌ ڪراچي

D56 بلاڪ B، شمالي ناظم آباد ڪراچي نمبر 33 فون: 613664 / 616980

٢. سنڌ نيشنل اڪيڊمي حيدرآباد پوسٽ باڪس نمبر ٢٥ حيدرآباد

٣. نجيب صديقي

سنڌ جنرل اسٽور شاهي بازار سکر

مقدمو

گذريل سال ريڊيو پاڪستان لاهور وارن هڪ پروگرام رٿيو ته رمضان المبارڪ جي دوران روزانو پندرهن منٽ جي هڪ تقرير نشر ڪئي وڃي جنهن ۾ قرآن مجيد جي هڪ هڪ سيپاري جي چوند مضمونن جو خلاصو بيان ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ پهرين پندرهن سيپارن لاءِ مون کي چيو ويو. مون جواب ۾ عرض ڪيو ته سيپارن جي ورڇ جو آئون قطعي قائل نه آهيان. قرآن ڪريم جي اصل ورڇ سورتن ۾ ٿيل آهي، جيڪڏهن ان مطابق بيان ڪرڻ جي اجازت ڏيو ته آئون ڪوشش ڪندس. ٿوري ديرٺ پيرٺ کان پوءِ منهنجي ڳالهه مڃيائون ۽ مون تقريرون لکڻ شروع ڪيون. پرجلدئي احساس ٿيڻ لڳو ته ڪم خاصو مشڪل آهي. قرآن شريف جي هڪڙي هڪڙي آيت جي تشريح ڪرڻ ۽ تفصيل بيان ڪرڻ تمام آسان آهي بنسبت ان جي ته سورتن جي مضمونن جو خلاصو بيان ڪجي. دراصل قرآن مجيد جي هر آيت انسان جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي وٺي ٿي ۽ ماڻهو محسوس ڪندو آهي ته اها آيت خود به علم وحڪمت جو هڪ عظيم گوهر آهي. اهڙيءَ طرح آيتن جي تشريح ڪندي ڪنهن هڪ کي به نظر انداز ڪرڻ ممڪن نه هوندو آهي. مطلب ته انسان عجيب ڇڪتاڻ ۾ پئجي ويندو آهي. بهئي پاسي وري براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن سان معاهدو ٿي چڪو هو ۽ وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عَاهَدُوْا جو تقاضو هو ته جيئن تيئن واعدو پورو ڪجي. بهرحال دل تي جبر ڪري جيئن تئي سگهيو، پندرهن تقريرن ۾ سورة ڪهف تائين سورتن جي اهم مضمونن جو خلاصو لکڻ جي ڪوشش ڪيم. اهي تقريرون تحريري

شڪل ۾ اول "ميثاق" لاهور ۾ گذريل سال ٽن قسطن ۾ شايع ٿيون هيون ۽ هاڻي ڪن دوستن جي زور ڀرڻ تي انهن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو پيو وڃي.

خاڪسار
اسرار احمد عفي عنه
رمضان المبارڪ سنه ١٣٩٨ ھ

قرآنِ حڪيم جي سورتن جا گروپ

هڪ هفتي ۾ قرآن مجيد جي تلاوت مڪمل ڪرڻ لاءِ سورتن جي ورڇ ستن حزبن يا منزلن ۾ ته مشهور آهي پر حُسن اتفاق آهي ته مضمون جي لحاظ کان به قرآن حڪيم جون سورتون ستن گروپن ۾ ورهايل آهن. هرهڪ گروپ جي شروعات هڪ يا هڪ کان وڌيڪ مڪي سورتن سان ٿيئي ٿي ۽ پڇاڙي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ مدني سورتن تي ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح نهيل هرگروپ ۾ هڪڙي مرڪزي مضمون جي مالها بلڪل واضح نظر اچي ٿي جنهن ۾ شامل سموريون سورتون بيحد معنوي حسن سان جهنجهيل موتين وانگر پوتل آهن.

قرآن حڪيم جي سورتن جي ترتيب ۾ هڪڙي ٻي ڳالهه به ڪافي نمايان نظر اچي ٿي ۽ اها هيءَ آهي ته اڪثر سورتون جوڙن جي شڪل ۾ آهن: جيئن البقره ۽ آل عمران، النساءِ ۽ المائده، الانعام ۽ الاعراف الانفال ۽ التوبه وغيره. البته ڪٿي ڪٿي ٽن ٽن ۽ چئن چئن سورتن جا گروپ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيئن سورة يونس کان سورة انبياءِ تائين ٽن ٽن سورتن جا چار گروپ ۽ سورة الفرقان کان سورة السجده تائين چئن چئن سورتن جا مجموعا آهن.

مٿئين ورڇ مطابق سورتن جي پهرين گروپ ۾ مڪي سورة ته هڪڙي ئي آهي ۽ اها به تمام ننڍي پر اهميت ۽ جامعيت جي لحاظ کان سڄي قرآن جي برابر آهي يعني سورة فاتحه، ۽ چار مدني ڊگهيون سورتون ٻن ٻن جوڙن جي صورت ۾ آهن. هن گروپ جو مرڪزي مضمون هي آهي:— اسلامي شريعت ۽ ان جو تفصيلي خاڪو، اهو جڻ جواب آهي اِهْدِنَا

الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ جي دعا جو ۽ اهل ڪتاب کي نبي اڪرم صلی اللہ علیہ وسلم ني ايمان آڻڻ جي دعوت ۽ انهن جي فڪري، اعتقادي، عملي ۽ اخلاقي گمراهين تي ملامت، جن جي ڪري اهي الله جي درگاه مان تڙجي چڪا آهن.

ان سلسلي ۾ سورتن جو ٻيو گروپ وڏيڪ متوازن آهي ڇوجو هن ۾ هڪڙو جوڙو مڪي سورتن جو يعني الانعام ۽ الاعراف ۽ هڪڙو جوڙو مدني سورتن جو آهي يعني الانفال ۽ التوبة. هن ۾ مرڪزي مضمون هي آهي: مڪي جي مشرڪن لاءِ خاص طور تي ۽ عربن لاءِ عام طور تي حجت پوري ڪرڻ ۽ انهن جي انڪار جي نتيجي ۾ عذاب ۽ استيصال جو اچڻ. ٽئين گروپ ۾ مرڪزي مضمون رسالت آهي.

پهرئين پندرنهن سيپارن ۾ مڪي سورتن جا ٽن ٽن سورتن وارا ننڍا گروپ ٿي سمائجي سگهجن ٿا.

بهرحال هي مختصر تمهيد انهن تقريرن جي ترتيب ۽ انهن جي مطلب ۽ سندن مضمونن جي تجزئي ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. انشاءَ الله

ٻيون گروپ

الفاتحه ـــ کان ـــ المائده

تقرير نمبر ١

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ
بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اها رات، رمضان المبارڪ جي ئي هڪڙي ئي برڪت پري ۽ قابل قدر رات هئي جنهن ۾ اڄ کان هڪهزار چارسو ڏهه ورهيه اڳ، زمين ۽ آسمان جي خالق تبارڪ وتعاليٰ جو ازلي ۽ ابدي ڪلام، لوح محفوظ مان جبريل امين جي ذريعي محمد علیٰ صاحبه الصلوٰة والسلام جي قلب تي نوع انسان جي لاءِ هڪ واضح ۽ روشن هدايت بڻجي نازل ٿيڻ شروع ٿيو. ۽ اهو مهينو به رمضان شريف جو ئي بابرڪت مهينو هوندو هو جيڏهن ۾ هر سال ان وقت تائين نازل ٿيل ڪلام الله جو ذڪر حضور اڪرم صلی الله عليه وسلم جن، حضرت جبرئيل عليه السلام سان ڪندا هئا. اهو سلسلو هلندو رهيو تانجو پنهنجي دنيوي حياتي جي آخري سال يعني رمضان سنه ١٠هه ۾ حضور اڪرم ﷺ سموري ڪلام الله جو مذاڪرو ٻه دفعا جبرئيل ؑ سان ڪيو ۽ ٻيو ۽

انهي خداوندي ڪلام کي هڪ مرتب ۽ سهيڙيل ڪتاب، قرآن مجيد جي روپ ۾ امت جي حوالي فرمائي ويا. اڳتي هلي خلافت راشده جيڪا اصل ۾ خِلَافَة عَلَىٰ منهاج النبوة هئي، جي دور ۾ ان مرتب ۽ مدوّن قرآن، باقاعدهْ هڪ مصحف جي شڪل اختيار ڪئي. انهيءَ مصحف جا ڪروڙين نسخا گذريل زماني ۾ قلم سان لکيا ويندا ۽ لکيا ويا اهئا ۽ ان کانپوءِ هر دور ۾ ان وقت هلندڙ اعليٰ ڪان اعليٰ ڇپائي ۾ تيار ٿيندا رهيا ته نه جو اڄ اربن جي تعداد ۾ نسخا هن زمين جي سطح تي موجود آهن ۽ اتي به بس ڪا نه ڪئي وئي آهي، الله جو هي ڪلام ڪروڙين نيڪ بخت انسانن جي سينن ۾ محفوظ رهندو پئي آيو آهي. انهن هن برڪت پرئي ڪلام جي حفاظت پنهنجو رت ولوڙي پئي ڪئي آهي ۽ اڄ جڏهن ان سلسلي کي چوڏنهن سؤ سال گذري رهيا آهن ته هر سال رمضان المبارڪ ۾ هن ڌرتي جي هڪ وڏي حصي تي (هڪ) ساليانو جشن ملهائجي ٿو جنهن ۾ حافظ سگورا پوري ذوق ۽ توجه سان پنهنجو حفظ ڪيل قرآن مجيد وري تازو ڪن ٿا ۽ ڪروڙين عشاق سندن پويان صفون ٻڌي بيهي رباني ڪلام سان پنهنجين مرده دلين کي نئين سر زنده ڪن ٿا. بقول علامه اقبال:

تیرے ضمیر پہ جب تک نہ ہو نزولِ کتاب
گرہ کشا ہے نہ رازی نہ صاحبِ کشاف

مصحف سگوري جي اولين يا افتتاحي سورت، سورة فاتحه آهي جنهن کي خود قرآن حڪيم به "سَبۡعًا مِّنَ الۡمَثَانِيۡ" جو لقب ڏنو آهي ۽ ان کي "عظيم قرآن" به ڪوٺيو آهي. هن سورة جي حيثيت؛ قرآن جي ديباچي يا مقدمي جهڙي به آهي ته قرآن جي فلسفي ۽ حڪمت جي تت يا خلاصي جهڙي به. هن جو اسلوب دعا جو آهي ۽ هن ۾ انساني فطرت جي ترجماني ڪئي وئي آهي. هن سورت جا ٽي حصا آهن. پهرين حصي ۾ انهن حقيقتن کي بيان ڪيو ويو آهي جن تائين صحيح فطرت ۽ سليم عقل رکندڙ انسان پنهنجي غور ۽

فڪر جي نتيجي ۾ پهچندا آهن، يعني الله جي توحيد، هن جي علم ربوبيت، سندس رحمت جو جوش، وسعت ۽ پائيداري ۽ سندس طرفان جزا ۽ سزا جي فيصلي جو ڏينهن مقرر ٿيڻ جڏهن هر طرح اختيار سندس ئي هٿ وس هوندو ـــ ٻئي حصي ۾ ڳالهه ٿوري اڳتي وڌي ٿي ۽ بندا الله جي روبرو واعدي وفائي جو عهد ڪن ٿا ته "اسين فقط تنهنجي ئي عبادت ۽ ٻانهپ اختيار ڪريون ٿا ۽ ڪندا رهنداسين ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا ۽ گهرندا رهنداسين" ـــ آخري حصي ۾ ڇڻ انساني عقل اعتراف ڪري ٿو ته هدايت ۽ فلاح جي صراط مستقيم ڳولي لهڻ منهنجي وس ۾ نه آهي تنهنڪري انسان، وحي ۽ رسالت جو هر حال ۾ محتاج آهي، اهڙي طرح اسين ڇڻ گوڏن ڀر ڪري الله جي آڏو عرض ڪريون ٿا ته "اي رب سائين! اسان کي هدايت بخش، ان سنئين واٽ جي، جنهن تي تنهنجا اهڙا بندا هلي ويا جيڪي تنهنجي طرفان انعام اڪرام جا حقدار بڻيا ۽ جن تي نه توهان جو ڏمر ٿيو ۽ نڪي اهي گمراهه ٿيا؟

سورة فاتحه کان پوءِ ـــ سارو قرآن مجيد عام طور تي ۽ پهريون چار طويل مدني سورتون خاص طور تي؛ ڄڻ ان دعا جي جواب ۾ نازل ڪيون ويون آهن ۽ انهن ۾ انهيءَ "صراط مستقيم" جي تفصيل بڌڻي وئي آهي جنهن جو ذڪر سورة فاتحه ۾ آيو هو.

انهن سورتن مان پهريون ٻه سورتون يعني سورة البقره ۽ سورة آل عمران، جن کي نبي اڪرمﷺ جن "الزهراوين" جو لقب ڏنو آهي يعني ٻه نهايت چمڪندڙ سورتون، هڪ حسين ۽ جميل جوڙي جي شڪل ۾ موجود آهن جن جي پاڻ ۾ گهڻين ڳالهين ۾ مشابهت آهي. مثال طور: ٻنهي جي منڍ ۾ الٓمٓ حروف مقطعات آهن ۽ ٻنهي ۾ ڪتاب الله جو اعلىٰ شان بيان ڪيو ويو آهي ۽ ٻنهي جي

پڇاڙي ۾ بيحد جامع دعائون آهن.

ٻيون به ڪيتريون ڳالهيون آهن جن جي ڪري انهن ٻنهي جي وچ ۾ مضمونن جي حد درجي حڪمت ڀريل ورڇ موجود آهي. مثال طور: سورة بقره ۾ اهل ڪتاب مان يهودين ڏانهن رخ ڪري گفتگو ڪئي ويئي آهي ته سورة آل عمران ۾ نصارن کي مُخاطب ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح سورة بقره ۾ ايمان تي بحث ڪيل آهي ته وري سورة آل عمران ۾ اسلام تي بحث ڪيل آهي. ساڳئي طرح جهاد فِي سَبِيْلِ الله جي سلسلي ۾ سورة بقرة ۾ جهاد بالمال يا انفاق في سبيل الله (الله جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ) تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي ته سورة آل عمران ۾ وري جهاد بالسيف يا قتال في سبيل الله (الله جي راهه ۾ تلوار هلائڻ) تي زور ڏنو ويو آهي. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترا موضوع آهن.

ٻنهي سورتن مان پهرئين ۽ سڀ کان ڊگهي سورة يعني سورة البقره آهي جنهن ۾ ٢٨٦ آيتون ۽ چاليهه رڪوع آهن ۽ جنهن کي حضور اڪرمؐ قرآن حڪيم ۾ "ذروة السنام" يعني چوٽي يا عروج سڏيو آهي. سواءِ ڪن ٿورين آيتن جي، سموري سورت هجرت کان جلد پوءِ ۽ رمضان سنه ٢ هجري جي وچ ڌاري يعني غزوه بدر کان اڳ ۾ ٿورو ٿورو ٿي نازل ٿي.

هي سورة مبارڪ اٽڪل ٻن هڪ جيڏن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي ۾ جنهن ۾ ١٥٢ آيتون ۽ ١٨ رڪوع آهن، خطاب جو رخ سڌي يا اڻ سڌي طرح اهل ڪتاب ڏانهن آهي، خاص ڪري يهودين ڏانهن. ٻئي حصي ۾، جنهن ۾ باقي بچيل ١٣٤ آيتون ۽ ٢٢ رڪوع آهن، خطاب جو رخ امت محمد علیٰ صاحبها الصلواة والسلام ڏانهن آهي.

پهريون حصو ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي جن ۾ هڪ عجيب ترتيب آهي يعني وچ ۾ ڏهه رڪوع آهن جن ۾ يهودين کي سڌي طرح مخاطب ڪيو ويو آهي ۽ منڍ ۽ پڇاڙي وارن ڀاڱن ۾ چار چار رڪوع آهن جن ۾ خطاب ته يهودين کي ئي آهي پر اڻ سڌي طرح ۽ نرم انداز ۾.

شروعاتي چار رڪوع موضوع جي مناسبت مطابق جڻ ارض ۽ سماء جي شهنشاه جو فرمان آهي جنهن ۾ انسانذات جي امامت واري ابراهيمي وراثت ابراهيم جي هڪڙي نسلي شاخ بني اسرائيل کان ڪسي ٻئي نسلي شاخ بني اسماعيل کي ڏني وئي آهي جنهن ۾ حضور اڪرم معبوث ٿيا ۽ مسلم امت لاءِ هڪ مرڪز (NUCLEUS) ميسر ٿيو. انهيءَ منصب امامت جي تبديلي جي نشاني (SYMBOL) قبلي بدلائڻ وارو واقعو آهي.

مٿين مختصر بيان کان پوءِ سورة بقره جي پهرئين اڌ جي مضمونن تي ڪي قدر تفصيلي نظر ڪريون ٿا:

١- سورت جي پهرين چئن تمهيدي رڪوعن مان ٻن رڪوعن ۾ ٽن قسمن جي ماڻهن جو ذڪر آهي، جيڪي هن سورت جي نازل ٿيڻ وقت موجود هئا. هڪڙا اهي متقي ۽ نيڪ ماڻهو جن قرآن مجيد مان پورو پورو فائدو ورتو. انهن جون وصفون بيان ڪندي اهي شرط به ڏنا ڪيا ويا جيڪي هن الڪتاب مان هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ بيحد ضروري آهن. ٻيا اهي ماڻهو جيڪي ڪفر تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيا. انهن لاءِ ڪنهن به قسم جي تبليغ، نصيحت يا خدا کان ڊيڄارڻ ڪارگر نه ٿيو. هتي هڪ اصول بيان ڪيو ويو آهي ته ڪو وقت اهڙو به ايندو آهي جو جڏهن انسان پنهنجي شامت اعمال سببان پاڻ پنهنجي لاءِ هدايت جا سڀ دروازا هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيندو آهي. ٽيان اهي انسان جيڪي ايمان جي دعوا ڪندڙ هئا پر حقيقت ۾ ايمان کان بلڪل محروم هئا. ان ٽئين قسم جي ماڻهن جو ذڪر سڀ کان وڌيڪ تفصيل سان ڪيو ويو آهي، جو ته نالي وٺڻ بنا جنهن ڪردار کي پڌرو ڪيو ويو آهي سو جيتوڻيڪ سيڪي منافقن جي عڪاسي ڪري ٿو پر اصل ۾ يهودين جي ڪڌي ڪردار کي کولي بيان ڪيو ويو آهي.

ان کان پوءِ جي ٻن رڪوعن ۾ يعني ٽئين ۽ چوٿين رڪوع ۾ قرآن جي دعوت جو خلاصو بيان ڪيل آهي. ٽئين رڪوع ۾ مذهبي فڪر کي نظر ۾ رکندي

۽ چوٿين رڪوع ۾ فلسفي ۽ حڪمت جي بنياد تي. انهيءَ ڪري ٽئين رڪوع جي شروعات توحيد ۽ رب جي بندگي ڏانهن سڏڻ سان ٿئي ٿي. ان کان پوءِ قرآني اعجاز جي سلسلي ۾ نبوت، رسالت ۽ پوءِ جنت دوزخ جي سلسلي ۾ آخرت تي ايمان آڻڻ جو ذڪر آهي. اهڙيءَ طرح ٽن بنيادي ايمانيات جي وضاحت ڪئي ويئي آهي. چوٿين رڪوع ۾ حضرت آدم ؑ جي تخليق ۽ سندس خلافت جي عظمت ۽ علم عطا ٿيڻ، ملائڪن جو سجدو ڪرڻ ۽ پوءِ ابليس لعنتي جي عداوت ۽ جنت مان نيڪالي جي سلسلي ۾ انسان جي مقام ۽ مرتبي جي وضاحت سان گڏ هن جو خير ۽ شر جي ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿيڻ وغيره جو ذڪر آهي. ان خير ۽ شر (نيڪي ۽ بدي) جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جي موقعي تي هميشه انسان کي، شيطان جي طرفان گمراهه ڪرڻ ۽ ڦيلائڻ جي عمل جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو، جنهن ۾ بچاءَ جي واٽ فقط رسالت جي اوٽ ۾ پناهه وٺڻ ئي آهي.
بقولے هڪ شاعر جي :

فرشتے سے بہتر ہے انسان بننا مگر اس میں پڑتی ہے محنت زیادہ !

غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته هتي به يهودين جي ڪڌي ڪردار کي کوليو ويو آهي. مطلب ته جيئن ابليس ملعون کي حضرت آدم ؑ کي مليل عزت ۽ عظمت جي ڪري ساڙ ٿيو هو ۽ ان ياهه وچان هن آدم سان ازلي دشمني شروع ڪئي هئي تيئن هي يهودي به جيڪي خدائي علم جا دعويدار ۽ دين ۽ شريعت جا ٺيڪيدار سڏائين ٿا، محمد عربي صلى الله عليه وسلم کي مليل اعزاز ۽ عظمت جي ڪري حسد وچان سڙي رهيا آهن ۽ حضورﷺ کي ڄاڻڻ سڃاڻڻ کان پوءِ به مخالفت تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن. عداوت ۾ ته مشرڪن کي به مات ڏيئي ڇڏي اٿن.

پنجين رڪوع ۾ يهودين کي اسلامي دعوت ڏانهن سڏيو ويو آهي، هن ۾ ست آيتون ته تمام اهم آهن، جو ته انهن ۾ بيحد دلڪش لفظن ۾ ڪين حضور اڪرم ﷺ ۽ قرآن مجيد تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏنل

آهي ۽ دعوت ڏيڻ جو اصنداز ۽ اسلوب ايتريقدر ته اثرأئتو استعمال ڪيل آهي جو دل ۾ جيڪڏهن ترجيتري به حق جي قبوليت جي صلاحيت موجود هجي ته جيڪر يڏندڙ يڪدم حق کي مڃي لبيڪ لبيڪ چوندو اچي حاضر ٿئي.

ڇهين رڪوع کان وٺي پندرنهين رڪوع تائين نون رڪوعن کان وڏيڪ مضمون آهي. جنهن ۾ يهودين جي ڪيل ڏوهن جي ڊگهي فهرست ڏنل آهي جن جي ڪري سزا طور انهن کان ابراهيمي وراثت يعني امامت الناس جو منصب کسيو ويو.

ڏوهن جي تفصيلي فهرست بيان ڪندي سندن تاريخ مان ڪي اهم واقعا به بيان ڪيا ويا آهن جن مان ثابت ٿئي ٿو ته يهودين مٿي ڪان ٿي الله جي طرفان عطا ٿيل احسانن ۽ نعمتن جو قدر نه ڪيو ۽ انهن کي ضايع ڪندا رهيا. سندن سڀني اعتقادي، عملي ۽ اخلاقي گمراهين کي به تفصيلوار سندن تاريخ جي حوالي سان بيان ڪيو ويو آهي.

هن حصي ۾ بي به هڪڙي خاص ڳالهه آهي جيڪا نظر ۾ رکڻ ضروري آهي يعني ته هن ۾ ذرگو ماضي جي تاريخ ڏنل آهي پر بقول علامه اقبال "ايندڙ زماني جي به هڪ ڏندلي تصوير پيش ڪيل آهي: چوته حضور اڪرمؐ جي قول مطابق لَيَأْتِيَنَّ عَلَى أُمَّتِيْ كَمَا أَتَى عَلَى بَنِيْ إِسْرَائِيْلَ حَذْوَ النَّعْلِ بِالنَّعْلِ" (يعني منهنجي امت تي ساڳئي حالت ايندي جيڪا بني اسرائيل تي تي گذري آهي بلڪل ائين جيئن جُتي جو هڪ پاد ربئي پادر سان مشابهت رکندو آهي) آخرڪار امت مسلمه ۾ به اهي سڀ اخلاقي، عملي ۽ اعتقادي يا نظرياتي ۽ فڪري گمراهيون پيدا ٿي پيون آهن. مثال طور: نجات جو مدار ايمان ۽ عمل جي بدران نسلي يا جماعتي تعلق تي رکڻ جنهن جو ذڪر آيت ع۱۱۱ ۾ آهي يا آخرت جي پڇاڻي جي احساس ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڏار حيثيت قائم ڪرڻ ۽ الله جي پياري هجڻ ۽ رسولن جي پوئلڳن مان هجڻ يا ڪنهن پهتل جي شفاعت ۾ اميد هجڻ يا ڪنهن الله لوڪ جي طرفان مدد پهچڻ جي غلط

اميد رکڻ، جنهن جو ذڪر آيت نمبر ٤٨ ۾ آهي. عمل ڪرڻ جي بدران نلهين سڌن جي سهاري جيئڻ جو ذڪر آيت نمبر ٨٠ ۽ نمبر ٨٢ ۾ آهي ۽ جدوجهد، سعيي ۽ عمل جي بدران عمليات يا جادو، ٽوڻن ۽ ڦيڻن جو ذڪر آيت نمبر ١٠٣ ۾ آهي. ڪتاب الله کي بلڪل ڇڏي ڏيڻ يا بنهه نظر انداز ڪري ڇڏڻ جو ذڪر آيت نمبر ١٠١ ۾ آهي. ڪتاب الاهي جا ڀاڱا ڪري ڇڏڻ، اهڙي طرح جو شريعت جو هڪڙو ڀاڱو واجب التعميل سمجهڻ ۽ ٻين ڀاڱن کي حيلن بهانن سان تعميل جوڳو نه سمجهڻ، ان لاءِ تنبيهي انداز ۾ ذڪر آيت ع٨٥ ۾ آهي. دنياوي زندگيءَ جي محبت ۾ مبتلا ۽ مغلوب ٿي وڃڻ ۽ دنيا ۾ وڏي حياتيءَ جي خواهش جو ذڪر نهايت تنديل انداز ۾ آيت ع٩٤، ع٩٥ ۽ ع٩٦ ۾ آهي. ۽ اهڙن ٽولن ۽ جماعتن ۾ ورهائجي وڃڻ جن ۾ ڪوششون هڪ ٻئي کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جي ترديد ڪرڻ هجي، جو ذڪر آيت ع١١١ کان ع١١٣ ۾ آهي —————— ۽ انهن سڀني سببن جي ڪري سزا طور ذلين جو مخت ٿي وڃڻ جو ذڪر آيت ع٤٢ ۾ نهايت ترا سا شي سان ڪيو ويو آهي. ظاهري طرح الله جي غضب هيٺ اچي، ذلت، خواريءَ ۾ مبتلا ٿي وڃڻ جو عبرتناڪ لفظن ۾ آيت ع٦١ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

فاعتبروا يا اولی الابصار !

آخري حصي جي ڀرين ڇن رڪوعن يعني پندرهين ۽ سورهين رڪوع ۾ ڀريائين بني اسرائيل ۽ بني اسماعيل جي ڏاڏي سڳوري حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ کين عطا ڪيل امامت الناس (انسانن جي اڳوائي) جي منصب جو ذڪر آهي. پوءِ ڪعبي جي تعمير ۽ ان دعا جو ذڪر آهي جيڪا تعمير جو ڪم ڪندي معمارانِ حرم يعني حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما السلام جي زبان تي هئي: ”اي اسان جا رب سائين! اسان جي اولاد مان هڪ رسول پيدا فرم ۽ جيڪو انهن کي تنهنجيون پاڪ آيتون پڙهي ٻڌائي ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ۽ انهن جو تزڪيو (عملي طرح پاڪ) ڪري“.
ان کان پوءِ هڪ دفعو وري يهودين کي اثرائتي انداز ۾ تنبيهه ڪئي وئي آهي.

۽ آخري ٻن رڪوعن يعني سترهين ۽ ارڙهين رڪوع ۾ اعلان ڪيو ويو آهي ته هاڻي يهودي هميشه هميشه لاءِ امامت الناس (ماڻهن جي اڳواڻي) ۽ شريعت خداوندي ۽ ڪتاب الله پاڻ وٽ رکڻ جي منصب کان محروم ڪيا ويا آهن ۽ هاڻي "شهادت علىٰ الناس" جو اهو مرتبو ۽ منصب امت محمد علىٰ صاحبها الصلواة والسلام کي عطا فرمايو ويو آهي ۽ انهيءَ عظيم تبديلي لاءِ نشاني طور هاڻي ابد تائين اهل ايمان ۽ اهل يقين عارفن جو قبلو؛ بني اسرائيل جي عظمت ۽ شان جو يادگار ۽ سندن ديني ۽ مذهبي مرڪز بيت المقدس مان بدلائي بيت الله مقرر ڪيو ويو، جيڪو "اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ" ۽ "مُبَارَكًا وَّ هُدًى لِلْعَالَمِيْنَ" جو مصداق آهي؛ ۽ جنهن جي تعمير ۾ حضرت ابراهيمؑ سان گڏ حضرت اسماعيلؑ به شريڪ هو ۽ جنهن کي هاڻي امت محمد علىٰ صاحبها الصلواة والسلام جي مرڪز جي حيثيت حاصل آهي.

هن حصي ۾ ان اهم تبديلي جي اعلان سان گڏ مسلم امت کي تنبيهه ڪئي ويئي آهي ته هي منصب ملڻ؛ جتي وڏي عزت ۽ مرتبو آهي اتي زبردست ذميواري ۽ هڪ نازڪ فرض به آهي. جنهن لاءِ الله وٽ پڇاڻو ٿيندو. جو ته ڪين ان ڪم لاءِ اڀارڻ ۽ اٿارڻ جو مقصد ئي اهو آهي ته جيئن رسول اڪرم صلى الله عليه وسلم الله جي دين جي گواهي انهن جي اڳيان؛ قولي ۽ عملي طرح ڏني هئي ۽ ڪنهن ملامت ڪندڙ جي ملامت جو خيال نه ڪيائون هٿائون ۽ نڪي ڪنهن مخالف جي مخالفت جو لحاظ ڪيو هٿائون، متن الله جي حجت قائم ڪري ڇڏي هٿائون؛ بلڪل تيئن هاڻي امت جي ذميواري آهي ته اهي دين جي گواهي قولي ۽ عملي طرح انفرادي ۽ اجتماعي طرح، ساري انسان ذات جي اڳيان ڏين ۽ انسانن تي الله جي حجت قائم ڪري ڇڏين.

ان سان گڏ اهو به واضح ڪيو ويو آهي ته حضور اڪرمؐ جي بعثت دراصل حضرت ابراهيمؑ ۽ حضرت اسماعيلؑ جي دعا جو اظهار آهي جنهن جو ذڪر بويل گذري چڪو آهي ۽ ان جو عملي طريقو به اهوئي آهي جيڪو هن

آيت ۾ آيل آهي يعني ته ”اي مسلمانو! اسان توهان ڏانهن پنهنجو رسول موڪليو آهي، جيڪو توهان کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ توهان جو تزڪيو (عملي طرح پاڪ) ڪري ٿو ۽ توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو؟ ماڻي توهان جو ڪم اهو آهي ته اسان جي هن احسان کي ياد ڪريو ۽ ان جو حق ادا ڪريو، يعني ڪتاب ۽ حڪمت جا وارث هئڻ جون ذميواريون ادا ڪريو.

تقرير نمبر ٢

سورة بقره جو ٻيو اڌ ارڙهين رڪوع جي ٻچپارڙي کان شروع ٿئي ٿو ۽ سورت جي آخر تائين پکڙيل آهي. هن رڪوع ۾ امت مسلمه کي سندس مسلم امت جي حيثيت سان مخاطب ڪيو ويو آهي. هن جي مضمونن جي ترتيب هڪ اهڙي نوڙي وانگر آهي جيڪا ٻن ڏورين کي وٽي ٺاهيل آهي ۽ هرهڪ ڏور ۾ ٻه ٻه تندون وٽيل آهن. انهن ٻن ڏورين مان هڪڙي ۾ دين ۽ شريعت جي تفصيل ڏنل آهي ۽ ٻيءَ ۾ دين کي غالب ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۽ سعيي ڪرڻ جي رغبت ۽ شوق ڏياريل آهي. وري دين ۽ شريعت واري ڏور ۾ ٻه تندون آهــن: هڪڙي تندم ۾ اعمال، عبادات، اخلاق، آداب، اوامر ۽ نواهي ۽ حلال حرام جي تفصيل اچي ٿي يعني شريعت جا احڪام ـــــــــــ ۽ وري دين جي غلبي لاءِ سعيي ۽ جدوجهد واري ڏور جون ٻه شاخون آهن: هڪڙي ۾ انفاق مال يعني دولت خرچ ڪرڻ آهي ۽ ٻيءَ ۾ بذل نفس يعني جسماني قوتن کي خرچ ڪرڻ، جنهن جي آخري حد جان جي بازي لڳائڻ آهي.

مٿئين تمهيد کان پوءِ اچو ته هر موضوع جو ڏار ڏار ۽ مختصر جائزو وٺون.

عقائد ۽ ايمانيات

عقائد ۽ ايمانيات جي سلسلي ۾ سڀ کان اڳ آية الڪرسي جو ذڪر مناسب آهي جنهن کي حضور اڪرم ﷺ قرآن مجيد جي عظيم ترين آيت فرمايو آهي

بيشڪ توحيد في الصفات جي سلسلي ۾ هن آيت مبارڪ کي اهو سڀ کان اعليٰ درجو حاصل آهي جيڪو توحيد في الذات جي سلسلي ۾ سورة اخلاص کي حاصل آهي. فرمايو ويو آهي ته :

"الله (ئي معبود برحق آهي) هن کانسواءِ ڪو به معبود نه آهي. هو زنده آهي. سڀ شيءِ کي قائم رکندڙ آهي، نه کيس جهوٽو اچي ٿو ۽ نڪي ننڊ. آسمانن ۽ زمين جي هر شيءِ سندس ملڪيت ۾ آهي، ڪير آهي جيڪو هن جي اڳيان سندس اجازت کان سواءِ ڪنهن جي به سفارش ڪري سگهي؟ هن کي معلوم آهي هر شيءِ جيڪا اڳيان آهي يا پويان آهي. اهي هن جي معلومات مان ڪنهن به شيءِ جو احاطو نٿا ڪري سگهن سواءِ ان شيءِ جي جيڪا هو چاهي. سندس اقتدار آسمانن ۽ زمين سڀني تي حاوي آهي. ۽ ان جي حفاظت هن تي بار نه آهي ۽ هو بلند مرتبي وارو ۽ عظمت جو صاحب آهي".

توحيد جي سلسلي ۾ سورة بقره جو ويهون رڪوع به وڏي اهميت رکي ٿو جنهن ۾ توحيد جون آفاقي آيتون تفصيل سان ڏنل آهن ۽ توحيد جو مقصد ۽ مطلب به بيان ڪيل آهي يعني ته انسان لاءِ الله تعاليٰ جي ذات ئي سڀني موجودات کان وڌيڪ محبوب ۽ عزيز هجي ۽ الله تعاليٰ ئي انسان لاءِ اصلي مقصود ۽ مطلوب ٿي پوي.

دين جي فلسفي ۽ حڪمت جي سلسلي ۾ سورة بقره جي ٻاوهين رڪوع جي پهرين آيت يعني آية برّ به قرآن حڪيم جي عظيم ترين آيتن مان هڪ آهي جنهن ۾ برّ ۽ تقويٰ (نيڪي ۽ خدا ترسي) جي غلط تصور جو انڪار ڪري اصل حقيقت کي آشڪار ڪيو ويو آهي ۽ ان جي ظاهري شڪلين جي به وضاحت ڪئي وئي آهي. فرمايو ويو آهي ته :

"نيڪي فقط اها نه آهي ته توهين پنهنجو رخ اڀرندي ڪريو يا الهندي

ڪريو. اصل نيڪي (ڪندڙ اهو آهي) جنهن ايمان آندو الله تي، قيامت جي ڏينهن تي، فرشتن تي، ڪتابن تي، نبين تي ۽ ڏنائين (پنهنجو) مال ان سان دل هوندي به مائٽن کي ۽ يتيمن کي، محتاجن کي، مسافرن کي، ۽ سوالين کي ۽ ڪنڌ آجو ڪرائڻ لاءِ ۽ قائم ڪيائين نماز ۽ ادا ڪيائين زڪوات ۽ پاڙيائون پنهنجا عهد جڏهن ڪنهن سان معاهدو ڪيائون ۽ خاص صبر ڪرڻ وارا آهن بک، ڏک ۽ تڪليف ۾ ۽ جنگ ۽ قتال جي وقت. اهي ئي ماڻهو حقيقت ۾ سچا آهن ۽ اهي ئي اصلي متقي ۽ پرهيزگار آهن؟

ايمان جي سلسلي ۾ ضروري ايمانيات جي تفصيل مٿين آيت ۾ به اچي ويئي آهي ۽ آيت نمبر ٢٨٥ ۾ به ڏنل آهي جيڪا (صحيح مسلم جي روايت مطابق) آخري آيت نمبر ٢٨٦ سان گڏ حضور اڪرم ﷺ کي معراج جي وقت عطا ٿي هئي.

شريعت جا احڪام

اهان سڀني کي خبر آهي ته اسلامي شريعت جو مدار ٻن شين تي آهي هڪ حقوق الله يعني عبادتون ۽ ٻيو حقوق العباد يعني معاملات.

عبادات: عبادات جي سلسلي ۾ نماز جو ذڪر ساري سورت ۾ تاڪيد سان ڪيل آهي. اهوئي سبب آهي جو ٻئي اڌ جي شروعات ئي هن آيت سان ٿي آهي: "يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اسْتَعِينُوا بِالصَّبْرِ وَالصَّلَاةِ" (اي ايمان وارؤ! مدد حاصل ڪريو صبر ۽ نماز مان) وري آيت نمبر ٢٣٨ ۽ ٢٣٩ ۾ تاڪيد ڪئي ويئي آهي ته نماز جي پوري طرح حفاظت ڪريو، ايتري قدر جو خوف جي حالت ۾ هجو ته به پيادل هلندي يا سواري تي. بهرحال ڪنهن به حالت ۾ ان باري ۾ غفلت نه ڪريو. البته صلواة ۽ زڪواة جو گڏ ذڪر سڄو ساري قرآن مجيد ۾ مختلف هنڌن تي جيئن آيل آهي تيئن هن سورة ۾ به پنج دفعا آيو آهي.

جن مان هڪ دفعو سورة بقره جي پهرئين اڌ ۾ يهودين کي خطاب ڪندي ۽ چار دفعا ٻئي اڌ ۾ مسلمانن کي خطاب ڪندي آيت ع ٨٣ ، ع ١١٠ ، ع ١٤٤ ۽ ع ٢٤٤ ۾ آيل آهي:

روزي جي حڪمت ۽ احڪامن بابت قرآن مجيد ۾ سارو ذڪر سورة بقره ۾ هڪڙي ئي جاءِ تي يعني تيويهين رڪوع ۾ آيت ع ١٨٣ کان ع ١٨٤ تائين آيل آهي. حڪمتِ صوم جي سلسلي ۾ اها ڳالهه به کولي ٻڌائي ويئي آهي ته روزي جو اصل مقصد، تقويٰ حاصل ڪرڻ آهي؛ ۽ ان جي به وضاحت ڪئي ويئي آهي ته روزي جي عبادت لاءِ رمضان جو مهينو انهيءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي جو ان ۾ قرآن شريف نازل ٿيڻ شروع ٿيو هو ۽ روزي جو اصل فائدو دعا ۽ مناجات مان لطف حاصل ڪرڻ آهي. روزي جا احڪام به تفصيل سان ارتقائي مرحلن سود و بيان ڪيا ويا آهن، يعني ته ابتدائي حڪم مطابق روزو هڪ چڱي شيءِ جي حيثيت سان مقرر ڪيو ويو هو ۽ آخري حڪم مطابق روزو فرض ڪري ڇڏيو ويو.

و اهڙي طرح حج ۽ ان جا مناسڪ ۽ احڪام آهن جن بابت آيتون نمبر ١٩٦ کان ٢٠٣ تائين بيحد اهم آهن. اهو ته توهان کي ياد هوندو ته حج جي هڪ رڪن صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي جو ذڪر هن سورة مبارڪ ۾ آخري اڌ جي شروعات ۾ آيت نمبر ١٥٨ ۾ آيل آهي.

معاملات : انساني معاملات جي سلسلي ۾ هن سورت سڳوري کي شريعت محمدي علىٰ صاحبها الصلواة والسلام ۾ ايتري زياده اهميت آهي جيتري کنهن به عمارت تعمير ڪرڻ کان اڳ ان جي نقشي يا ابتدائي خاڪي *BLUE PRINT* جي. اهو ان ڪري جو زندگي جي سڀني گوشن بابت ابتدائي احڪام هن ئي سورت ۾ ڏنا ويا آهن ۽ ان مان اسلامي شريعت جو ابتدائي خاڪو تيار ٿئي ٿو ــــــ اڳتي هلي وڌيڪ احڪام سورة نساءِ ۽ سورة مائده ۾ آهن ۽ آخر ۾ سورة نور ۽ سورة احزاب وغيره ۾ تڪميلي احڪام نازل ٿيا آهن جن سان اسلام

جي عظيم عمارت مڪمل ٿي وئي آهي ۽ ان بابت قرآني لفظ آهن : اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَ اَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ .

بهرحال سڀ کان اڳ آيتن ع١٦٨ کان ع١٧٦ تائين کائڻ پيئڻ جي شين بابت حلال حرام جو ضابطو بيان ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ وڌيڪ تڪميلي حڪم سورة مائده جي پهرئين رڪوع ۾ آيل آهن. آيت ع١٧٨ ۽ ع١٧٩ ۾ قتل جي سلسلي ۾ قصاص ۽ ديت جا حڪم ڏنا ويا آهن جيڪي هڪڙي ڪندي، اسلامي وراثتي قانون جي شروعات هئا جن جي وڌيڪ وضاحت سورة نساءِ ۾ نازل ٿي، آيت ع١٨٨ ۾ حرام خوري ۽ خاص ڪري رشوت جي منع ڪئي ويئي آهي. آيت ع٢١٩ ۾ شراب ۽ جوا کي حرام ڪرڻ لاءِ ابتداء ڪئي وئي جنهن جي تڪميل سورة مائده ۾ ٿي. آيت ع٢٢٠ ۾ يتيمن جي حقن ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي. هي حڪم به هڪ قسم جي تمهيد آهي ان بابت تفصيلي هدايت سورة نساءِ جي پهرئين رڪوع ۾ آهي، آيت ع٢٢١ ۾ مشرڪ عورتن سان نڪاح ڪرڻ جي منع ڪئي وئي آهي ۽ ان کانپوءِ آيت نمبر ٢٣٣ کان ٢٤٣ ۾ نڪاح، طلاق، ايلاءِ، خلع، رضاعت، ٻارن لاءِ ڪا ڌي ڪيڙي، بيوه عورتن جي حقن، مهر ۽ گهرو زندگي جي ٻين ڪيترن معاملن بابت تفصيلي حڪم ڏنا ويا آهن جن ۾ ڪي قدر اضافو ڪري اسلام جي عائلي (گهرو) نظام جو هڪ حسين ۽ پاڪ صاف محل اڏيو ويو آهي.

سورة جي آخري حصي ۾ جيڪو مديني ۾ نازل ٿيو هو سڀ کان اڳ آيت ع٢٧٥ کان ع٢٨١ ۾ وياج حرام ٿيڻ جو بيان نهايت سخت لفظن ۾ آهي. اڳتي آيت ع٢٨٢ ۾ قرض وٺڻ ۽ ان بابت دستاويز تحرير ڪرڻ، گواهي ۽ شهادت جي قانوني تفصيل آيل آهي. ان سلسلي ۾ آيت ع٢٨٣ ۾ گروي رکڻ بابت ضابطو بيان ڪيو ويو آهي ۽ اهڙي طرح جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته شريعت محمدي علىٰ صاحبها الصلواة والسلام جو ابتدائي خاڪو تيار ڪيو ويو آهي.

جهاد في سبيل الله

سورة بقره جي ٻئي اڌ حصي جي مضمونن جي ٻئي ڌوري ۾ دين حق جي غلبي لاءِ سعيو، جدوجهد ۽ ان لاءِ شوق ڏيارڻ شامل آهي. ۽ جيئن مٿي عرض ڪري چڪو آهيان ته ان جا ٻه جزا آهن:

(۱) هڪ جهاد بالمال يا انفاق في سبيل الله (الله جي واٽ ۾ مال ۽ ڏوڪڙ خرچ ڪرڻ) مطلب ته الله جي پيغام کي ڦهلائڻ، قرآني علم ۽ حڪمت جي تعليم کي پکيڙڻ ۽ الله جي دين کي غالب ڪرڻ لاءِ مال ۽ رقم خرچ ڪرڻ. مومنن ته ان جي تاڪيد هن سورة مبارڪ جي ٻئي اڌ ۾ اول کان آخر تائين ٿيل آهي ۽ آيت ع۱۹۵، ع۲۱۵، ع۲۱۹، ع۲۴۵ ۽ ع۲۵۴ ۾ ان جو ذڪر ورجائي ورجائي ڪيو ويو آهي؛ پر آيت ع۲۶۱ کان ع۲۷۴ ۾ يعني رڪوع ڇٽيهون ۽ رڪوع سٺيهون. ته ان سلسلي ۾ ساري قرآن مجيد ۾ "ذروة السنام" يعني چوٽي يا عروج جي حيثيت رکن ٿا.

(۲) ٻيو قتال في سبيل الله يعني الله جي دين کي غالب ڪرڻ لاءِ ڪفار سان جنگ جنهنجو آخري مقصد شهادت جو مرتبو ماڻڻ آهي بقول علامه اقبال:

شہادت ہے مطلوب و مقصودِ مومن نہ مالِ غنیمت نہ کشور کشائی

ان ڪري سورة بقره جي ٻئي اڌ جو آغاز ئي شهادت جي رتبي ۽ عظمت بيان ڪرڻ سان ٿئي ٿو، جيڪو آيت ع۱۵۴ کان وٺي ع۱۵۷ تائين پکڙيل آهي؛ الله تعالى جو ارشاد آهي:

"۽ جيڪي ماڻهو الله جي واٽ ۾ قتل ٿين ٿا تن کي مرده نه چئو. اهي زنده آهن پر توهان محسوس نٿا ڪريو. بيشڪ اسين توهان جو امتحان وٺنداسين ڪجهه قدر خوف، بک ۽ مال ۽ جان ۽ ميون ۾ نقصان سان. ۽ اهڙن ثابت قدم انسانن کي خوشخبري ڏيو، جن جو حال هيءُ آهي ته

جڏهن متن ڪامصيبت اچي ٿي نڇون ٿا تہ "بلا شڪ اسين الله جا ئي آهيون ۽ ان ڏانهن ئي موٽڻ وارا آهيون" اهي ئي ماڻهو آهن جن تي سندن رب جون عنايتون آهن ۽ رحمتون پڻ . ۽ اهي ئي مرادون ماڻڻ وارا آهن؟"

ان کانپوءِ باقاعده قتال جوحڪم آيو جيڪو آيت عـ١٩٠ کان عـ١٩٤ ۾ پکيڙيل آهي. مطلب تہ قتال جوحڪم حج جي حڪم سان ڳنڍيل اڳ ۾ آيل آهي ان مان اها رهنمائي ملي ٿي تہ قتال جو اول هدف حج جي مقامات يعني حرم شريف کي مشرڪن جي قبضي کان ڇڏائڻ آهي. اتي اها بہ وضاحت ڪئي وئي آهي تہ قتال ايستائين جاري رهندو جيستائين فتنو فساد بلڪل ختم ٿي نہ وڃي ۽ دين سمورو الله لاءِ ٿي نہ وڃي .(وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ) مطلب تہ قتال في سبيل الله جو آخري هدف (نشانو) دين حق جو غلبو آهي.

ان کانپوءِ آيت عـ٢١٤ ۾ قتال کان نٽائڻ وارن کي تنبيه ڪئي وئي آهي تہ "ڇا توهان اهو سمجهو ٿا تہ توهان جنت ۾ ائين ئي داخل ٿي ويندا ۽ بنا الله جي واٽ ۾ مصيبتون سهڻ ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ جي ؟ جڏهن تہ توهان کان اڳ ايمان وارن جو امتحان اسين چڱيءَ طرح سان وٺندا رهيا آهيون."

پوءِ آيت عـ٢١٦ کان عـ٢١٨ ۾ قتال في سبيل الله جي فرض هجڻ ۽ شريعت جي مطابق هئڻ جي وضاحت ڪئي وئي آهي ۽ تورو اڳتي هلي آيت عـ٢٤٤ ۾ نہ رڳو انهيءَ ڳالهہ کي ورجايو ويو آهي پر آيت عـ٢٤٦ کان عـ٢٥٢ ۾ بني اسرائيل جي تاريخ جا اهي واقعا بيان ڪيا ويا آهن جن ۾ مشرڪن ۽ ڪافرن سان قتال ڪرڻ جي نتيجي ۾ تاريخي نقطہ نظر کان يهودين جي عظمت ۽ عوج جو دور شروع ٿيو يعني اها جنگ جيڪا طالوت عليہ السلام ۽ جالوت جي وچ ۾ ٿي هئي ۽ جنهن کان پوءِ حضرت دائود ۽ حضرت سليمان جي عاليشان بادشاهي شروع ٿي. هي تفصيلي ذڪر حقيقت ۾ غزوه بدر جي تمهيد هو، جنهن کان

پوءِ خود مسلمانن جي شان شوڪت ۽ دين حق جي عظمت ۽ غلبي جو دور شروع ٿيو جيڪو خلافت راشده جي زماني ۾ عروج تي پهتو.

ان بيان کان پوءِ هي مبارڪ سورة ختم ٿئي ٿي: پڇاڙي ۾ هڪ زبردست دعا ڏنل آهي جيڪا شهادت على الناس جي نازڪ ذميوارين ۽ جهاد ۽ قتال في سبيل الله جي ڏکين مرحلن ۾ مومنن لاءِ اطمينان ۽ سڪون جو سبب بڻجي ٿي. دعا جي آخري لفظن ۾ ڪافرن جي مقابلي ۾ الله جي مدد ۽ نصرت لاءِ عرض ڪيو ويو آهي. هيءَ دعا نبي اڪرم ﷺ کي معراج جي رات امت محمديؐ لاءِ هڪ رباني تحفي طور ڏني ويئي آهي. دعا هيءَ آهي:

"اي پروردگار سائين! جيڪڏهن اسان کان ڪا ڀل چڪ ٿي وڃي ته اسان جي پڪڙ پڇاڙ نه ڪجان ۽. اي اسان جا پروردگار! اسان تي ايترو بار نه رک جيترو تو اسان کان اڳين ماڻهن تي رکيو هو. اي اسان جا پروردگار! اسان مٿان ايترو بار نه وجهه جنهنجي کڻڻ جي اسان ۾ طاقت نه هجي. اسان کي معاف فرماءِ، اسان کي بخشش ڪر ۽ اسان تي رحم فرماءِ. تون اسان جو مولا آهين ڪافرن جي مقابلي ۾ اسان جي مدد ڪر."

و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين

تقرير نمبر ٣

سورة آل عمران

هونئن ته نزولي ترتيب ۾ سورة بقره کان پوءِ سورة انفال آهي ڇوته اها سڄي سورة غزوه بدر کان پوءِ نازل ٿي پر مصحف جي ترتيب ۾ سورة انفال کي سورة انعام ۽ سورة اعراف کان پوءِ ۽ سورة توبه کان اڳ رکيو ويو آهي. ان متعلق حڪمتون انشاءَ الله سورة انفال جي سلسلي ۾ بيان ڪبيون. بهرحال مصحف سڳوري ۾ سورة بقره کان پوءِ سورة آل عمران آهي. ان جي

باري ۾ اڳ ۾ ئي عرض ڪيو ويو آهي ته هيءَ سورة هر طرح ۽ هر لحاظ کان سون بقره سان هڪ جوڙي وانگر نظر اچي ٿي .

هيءَ سورة به مضمون جي لحاظ کان، سورة بقرة وانگر بلڪل ٻن هيڪجهڙن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي ۾ مخاطب اهل ڪتاب آهن ۽ خاص ڪري نصارىٰ (عيسائي) آهن ۽ ٻئي حصي ۾ خطاب جو رخ سنئون سڌو مسلم امت ڏانهن آهي .

هن سورة جو پهريون اڌ بلڪل سورة بقره وانگر ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهريون ڀاڱو آيت ١ کان ٣٢ تائين آهي .اهو غزوه بدر کان پوءِ جلدئي نازل ٿيو هوءِ ۽ ان کي اهل ڪتاب ۽ خاص طرح نصارىٰ ڏانهن خطاب جي تمهيد چئي سگهجي ٿو. ٻيو ڀاڱو آيت ٣٣ کان ٦٤ تائين آهي ۽ صحيح روايتن مطابق سن ٩ هجري ۾ نجراني يهودين جي اچڻ وقت نازل ٿيو هو. ان ۾ نصارىٰ ڏانهن سڌو سنئون خطاب فرمايل آهي ۽ سندن مسيح[٤] جي الوهيت جي عقيدي کي سخت ننديو ويو آهي .ٽيون ڀاڱو آيت ٦٥ کان ٩٩ تائين آهي ۽ اهو غزوه اُحد سان لڳو لڳ ٿورو اڳ نازل ٿيل ٿو ڀانئجي.ان ۾ خطاب جو رخ اهل ڪتاب جي ٻنهي جماعتن ڏانهن آهي يعني يهودين ڏانهن به ۽ ته نصارىٰ ڏانهن به ۽ ٻنهي کي سورة بقره واري انداز ۾ دعوت به ڏني ويئي آهي ته حجت ۽ ملامت به ڪئي ويئي آهي.

ساڳئي طرح هن سورت مبارڪ جو ٻيو اڌ به ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي پهرئين ڀاڱي ۾ آيت ١٠٠ کان ١٢٠ تائين آهن . ان جي نازل ٿيڻ ۽ ٽئين ڀاڱي جي نزولي جو زمانو ساڳيو آهي. ان ۾ مسلم امت کي عام خطاب فرمايو ويو آهي ۽ کين سندن مقام ۽ مرتبي کان آگاهه ڪرڻ سان گڏ کي اصولي هدايتون پڻ ڏنيون ويون آهن ۽ خاص طرح اهل ڪتاب جي چالبازين کان هوشيار رهڻ جي هدايت ڪئي ويئي آهي. ٻيو ڀاڱو آيت ١٢١ کان ١٨٠ تائين آهي ۽ صحيح روايتن موجب غزوه احد کان جلد پوءِ پيدا ٿيل ڏکين حالتن تي جامع تبصرو ڪيو ويو آهي

۽ انهيءَ سلسلي ۾ اهل ايمان کي خاص هدايتون ڏنيون ويون آهن. ٽيون پاڱو آيت ١٨١ کان ٢٠٠ تائين آهي ۽ گفتگو ختم ڪرڻ وقت پڇاڙي جي چند جملن وانگر آهي، پانئجي ٿو ته غزوه اُحد کان اڳ جو نازل ٿيل آهي. والله اعلم بالصواب.

هن مختصر تجزئي کان پوءِ اچو ته هر هڪ حصي جي اهم مضمونن جو جائزو وٺون :

(١) سورة بقره وانگر سورة آل عمران جي شروعات به حروف مقطعات آلمّ سان ٿئي ٿي. پهرئين رڪوع ۾ سڀ کان اڳ قرآن جي عظمت ۽ جلال جو بيان آهي. ان جي وضاحت ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته هي ڪو نئون يا انوکو ڪتاب نه آهي. هي ته آسماني ڪتابن جي ان عظيم سلسلي جي آخري، جامع، مڪمل ۽ محفوظ ڪڙي آهي، جنهن ۾ توريت ۽ انجيل جهڙا ڪتاب به شامل آهن. ان کانپوءِ سورة بقره جي پهرئين رڪوع وانگر هتي به ٻن ٽولن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪڙا اهي هدايت جا طالب جيڪي ڪتاب الله مان صحيح فائدو وٺن ٿا ۽ ٻيا اهي جن جي قلبن ۾ ڪيت آهي ۽ ڪنهن نه ڪنهن فتني جي ڳولا ۾ هوندا آهن. آخر ۾ پاڻ به گمراه ٿين ٿا ۽ ٻين کي به گمراه ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ اها حقيقت به ٻڌائي وئي آهي ته ڪتاب الله ۾ ٻن قسمن جون آيتون آهن. هڪڙيون "آيات محڪمات" آهن جن جو مفهوم ۽ مطلب بلڪل صاف ۽ واضح آهي اهي ڪنهن به شڪ شبهي کان بالاتر آهن ۽ ٻيون "آيات متشابهات" آهن جن جي اصل مطلب ۽ معنيٰ ۾ شڪ پيدا ٿي سگهي ٿو. هاڻي جن جي دلين ۾ ڏِنگ يا نيت ۾ ڦير هوندو آهي ۽ جيڪي هدايت جي بدران فتني جا طالب هوندا آهن سي "آيات مشابهات" جي ڪوتڙي ۾ لڳا پيا هوندا آهن ۽ وري جن حق جي طالبن کي الله سائين رسوخ في العلم عطا ڪندو آهي تن جي دلچسپي فقط "آيات محڪمات" ۾ هوندي آهي. اهي آيات متشابهات جي ظاهري معنيٰ تي ئي بس ايمان رکندا آهن. ويتر الله کان دعا پيا پنندا آهن ته:

”اي اسان جا رب! اسانجين دلين کي ڏنگائيءِ ۾ مبتلا نه ڪج بعد ان جي ته تو اسان کي هدايت عطا فرمائي. اسان کي پنهنجي فضل جي خزاني مان خصوصي رحمت عطا ڪر. تون ئي بخششمار ۽ گهڻو ڏيندڙ آهين؟

هتي هڪ لطيف اشارو نصاريٰ جي گمراهي بابت بيان ڪيل آهي. انهن ”رُوحُ الله“ ۽ ”کَلمة منه“ جي متشابه لفظن تي ايتري قدر خيال آرائي ڪئي جو ڳاله مان ڳالهوڙ ۽ ٿي پيو ۽ مسيحؑ بابت الله هجڻ جو عقيدو جوڙي ورتائون.

پهرين پاڱي جي باقي آيتن يعني ع١٠ کان ع٣٢ تائين آيتن بابت مضبوط روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن جي پس منظر ۾ هڪ خاص واقعو آهي غزوه بدر کان واپسي تي آنحضور صلى الله عليه وسلم ۽ سندن مومن ساٿي بني قينقاع جي بازار مان لنگهائو ٿيا. انهي پاڻ سڀني يهودين کي دعوتي خطبو ڏنو. جواب ۾ بني قينقاع جي يهودين نهايت گستاخيءَ سان چيو ته ”بدر جي فتح جي ڪري دوکي ۾ مبتلا نه ٿجو، اسان سان مقابلو ٿيو ته جنگ جي تيج ياد اچي ويندو“. ان وقت هي آيتون نازل ٿيون هيون. انهن ۾ اهل ڪتاب تي سخت تنقيد به آهي ته شديد تنبيهه به ۽ ان سان گڏ مومنن کي به خبردار ڪيو ويو آهي ته انهن سان گهڻي ميل ميلاپ يا ويجهڻ لاڳاپن ۽ دلي دوستي کان پاسو ڪن.

(٢) سورة آل عمران جي پهرئين اڌ جي ٻئي حصي جي شروعات انبياء ۽ رسولن جي عظيم ذڪر سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ آدم، نوح ۽ آل عمران جا نالا خاص طور تي ورتا ويا آهن. پوءِ جلد ئي حضرت مريمؑ جي والده ماجده جو ذڪر آهي ۽ پوءِ خود حضرت مريمؑ سندس نيڪ خصلت، عبادت، طهارت ۽ پاڪدامني تفصيل سان بيان ڪئي وئي آهي. تنهن کان پوءِ انهيءَ سلسلي ۾ حضرت زڪرياؑ جي دعا ۽ ان جي قبوليت ۽ حضرت يحييٰؑ جي ولادت جو ذڪر ڪيل آهي. اهو خود عجيب واقعو هو جو ته حضرت زڪرياؑ ان وقت بيحد ضعيف ٿي چڪو هو ۽ سندس گهرواري يعني حضرت يحييٰؑ جي والده به

جهور پوڙهي ٿي چڪي هئي جڏهن ته پاڻ ساري عمر سنڍ به هئي. هي واقعو گويا تمهيد هئي حضرت مسيحؑ جي عجيب ولادت جي ذڪر جي. تنهنڪري اڳيان اينڊڙ بيان حضرت مريمؑ ۽ حضرت مسيحؑ ڏانهن موت ڪائي ٿو ۽ سندن معجزن ۽ احوال جي ذڪر ڪانپوءِ اصل حقيقت کي پڌرو ڪيو ويو آهي ته حضرت مسيحؑ نه پاڻ خدا هو ۽ نه خدا جو پٽ. هو ته الله جو هڪ رسول ، بندو ۽ مخلوق هو. سندن ولادت بلاشڪ بنا پيءُ جي ٿي هئي ۽ ڪين ذاتي طرح نهايت عظيم معجزا به ڏناويا هئا. پر هي سڀ ڪجهه الله جي قدرت سان ٿيو هو ۽ نه ڪنهن ٻئي جي ارادي ۽ اختيار سان ٿيو هو. جيڪڏهن حضرت يحييٰؑ جي ولادت علم حالتن کان هٽيل هوندي به سندس الوهيت لاءِ دليل نه آهي ته پوءِ حضرت عيسىٰؑ جي پيدائش ۾ جيڪڏهن طبعي قانون ڪجهه وڌيڪ ٽٽل ڏسجن ٿا ته آخر ان مان سندس خدائي ۾ شريڪ هجڻ ڪيئن ثو ثابت ٿئي؟

جيئن اڳي ئي عرض ڪيو ويو آهي ته هي عظيم خطبو ، حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم تي سن ٩ هجري ۾ نجراني عيسائين جي وفد جي اچڻ وقت نازل ٿيو هو ، ان ڪري آخر ۾ ڪين مباهلي جو چئلينج پڻ ڏنو ويو آهي ۽ صحيح روايتن مطابق جيتوڻيڪ انهن عيسائين ايمان ڪين آندو پر مباهلي جي چئلينج قبول ڪرڻ جي همت به ساري نه سگهيا !

(٣) پهرين اڌ جي ٽئين حصي ۾ جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته اهل ڪتاب کي دعوت به آهي ته ملامت به. لهٰذا ان جي ابتداءِ هڪ عظيم آيت سان ٿئي ٿو. جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

”(اي نبي !) چئي ڇڏيون ته اي اهل ڪتاب ! اچو هڪ اهڙي ڳالهه ڏانهن جيڪا اسان ۽ توهان جي وچ ۾ ساڳئي آهي. يعني ته اسين عبادت نه ڪريون ، الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي ۽ شريڪ نه ڪريون الله سان ڪنهن ٻئي کي ۽ نه بنايون الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي رب ۽ معبود ! “

هن اصولي يڪسانيت (اشتراڪ) کان پوءِ دعوت جي سلسلي ۾ بني

اسرائيل ۽ بني اسماعيل ٻنهي جي ساڳئي هڪڙي ڏاڏي يعني حضرت ابراهيمؑ جو ذڪرڪيو ويو آهي ۽ سندن باري ۾ فرمايو ويو ته هو نه يهودي هو ۽ نه نصراني. هن جو دين به ته اهو ساڳيو اسلام ئي هو جنهن جي دعوت نبي امي صلى الله عليه وسلم ڏيئي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ سورة بقره وانگر هتي به ڪعبة الله جو ذڪرڪيل آهي ته خدا جي بندگي لاءِ روءِ زمين تي تعمير ٿيندڙ پهريون گهر اهوئي آهي جنهن جي (مجاوري) توليت اسماعيلؑ ۽ اسماعيل جي اولاد کي عطا ڪئي وئي.

هن دعوت سان گڏوگڏ سندن اخلاقي، عملي، فڪري ۽ اعتقادي گمراهين تي تنقيد به ڪئي وئي آهي. مطلب ته سورة بقره ۾ جيڪا سندن ڏوهن جي فهرست تفصيل سان بيان ٿيل آهي تنهنجو خلاصو هتي ٻيهر پيش ڪيو ويو آهي.

(۴) ٻئي اڌ جي پهرئين حصي ۾ سڀ کان اڳ مسلمانن کي خبردار ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن هو پنهنجي سادي طبيعت جي ڪري اهل ڪتاب جي پروپيگنڊا کان متاثر ٿي ويا ته اهي ڪين اسلام کان ڦيرائي واپس ڪفر ڏانهن وٺي ويندا.

و ان کان پوءِ ٽي بنيادي هدايتون ڏنيون ويون آهن، هڪ ته الله کان تقوىٰ اختيارڪريو جيئن تقوىٰ جو حق آهي. ٻيو ته الله جي رسي کي مضبوطي سان جهليو. صحيح روايتن مطابق آنحضورؐ وضاحت فرمائي آهي ته الله جي رسي مان مراد الله جو ڪتاب آهي ۽ ٽيون ته تفرقو ۽ اختلاف پيدا ٿيڻ نه ڏيو ۽ متحد ۽ متفق رهو.

و ان کان پوءِ مسلمانن کي سندن منصبي فرض کان واقف ڪرايو ويو آهي ته "توهين اها بهترين امت آهيو جنهن کي دنيا لاءِ برپا ڪيو ويو آهي. توهان جو ڪم اهو آهي ته نيڪي جو حڪم ڏيو ۽ بدي کان روڪيو ۽ الله تي ڀروسو رکو." هي اهو ساڳيو مضمون آهي جيڪو سورة بقره ۾ امت مسلمه جي وجود جو مقصد بيان ڪندي "شهادت على الناس" جي اصطلاح هيٺ واضح ڪيو ويو هو.

ان سلسلي ۾ اها به عملي هدايت ڏني ويئي آهي ته جيڪڏهن خدانخواسته ڪڏهن امت مجموعي حيثيت ۾ هن فرض کان غافل به ٿي وڃي پر به امت ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي ته اهڙي جماعت هئڻ گهرجي جيڪا ان اصول کي پنهنجي زندگي جو مقصد ۽ حياتي جو فرض سمجهي.

(۵) ٻئي اڌ جي ٻئي حصي ۾ غزوه احد جي حالتن ۽ حرڪتن سان تفصيلي تبصرو ڪيل آهي جنهن جي خاص طرح ان اهم ۽ نازڪ مرحلي ۾ مسلمانن جي ڪن جماعتن طرفان ظاهر ٿيون هيون ۽ جن جي نتيجي ۾ فتح عارضي طور شڪست ۾ بدلجي ويئي ۽ نبي اڪرم صلی الله عليہ وسلم پاڻ به زخمي ٿي پيا ۽ ستر ٻين مسلمانن شهادت جو جام پيتو. ان سلسلي ۾ اهم ترين آيت جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

”۽ الله تعالیٰ توهان سان ڪيل واعدو پورو ڪري ڏيکاريو جڏهن توهين الله جي تائيد ۽ امداد سان انهن (ڪافرن) کي تلوارن سان ڪڌي رهيا هئا، تان جو توهان پاڻ سستيءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ ڏنل حڪم جي باري ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳا ۽ نافرماني ڪئي. ان کان پوءِ الله توهان کي اها شيءِ (فتح يا مال غنيمت) ڏيکاري جيڪا توهان کي پسند آهي. توهان مان ڪي اهڙا آهن جيڪي آخرت جا طلبگار آهن. سو الله تعالیٰ توهان جو منهن انهن ڏانهن موڙي ڇڏيو ته جيئن توهان کي آزمائش جي ڪوري ۾ نپائي. ۽ آخرڪار توهان کي معاف به ڪري ڇڏيائين. حقيقت ۾ الله مؤمنن لاءِ بيحد بخشڻهار ۽ مهربان آهي.“

قرآن مجيد جون مٿيون آيتون ايمان وارن کي الله جي طرفان پيش ايندڙ آزمائشن جي سلسلي ۾ نهايت جامع ۽ اهم آهن. ان ڪري هڪ پاسي ته اهو واضح ڪيو ويو آهي ته ايماندارن لاءِ آزمائشون الله جي سنت آهي جنهن کان بچڻ جي واهه ڪانهي: ٻئي پاسي آزمائش جي حڪمت بيان ڪئي ويئي ته ان مان خبر پوي ٿي ته ڪير ڪيتري پاڻي ۾ آهي ۽ مسلم جماعت ۾ ڪمزوريون ڪٿي ڪٿي آهن ته جيئن هو پنهنجي تطهير ۽ اصلاح ڪري آئينده مرحلن ۾ وڌيڪ خبردار ۽ تيار ٿي سگهن. ٽئين پاسي منافقن جي ڪردار کي پڌرو ڪيو ويو

آهي ته جيئن مسلمان پنهنجي جماعت ۾ موجود فتنن ڪالمسن کان به هوشيار رهن.

اهو مضمون هن سورة سڳوري ۾ آيت ع ١٤٠ کان آيت ع ١٤٢ تائين ورجايو ويو آهي ۽ پوءِ آيت ع ١٥٢، ع ١٥٤ ۽ اڳتي هلي آيت ع ١٦٥ کان آيت ع ١٦٨ ۾ وري آيل آهي ۽ آخر ۾ نهايت جامع طرح آيت ع ١٧٩ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ان جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

" الله جو اهو طريقو نه آهي ته هو توهان کي توهان جي حال تي ائين ئي ڇڏي ڏي- (هو توهان جي جاچ جاري رکندو ايندو) ايستائين جو پاڪ ۽ ناپاڪ هڪ ٻئي کان بلڪل ڌار ٿي وڃن "

۽ ان سلسلي ۾ هن سورة ۾ به اهوئي مضمون ٻيهر بيان ڪيو ويو آهي جيڪو اڳي سورة بقرة جي رڪوع ع ١٩ ۾ بيان ڪيو ويو هو ته "جيڪي (شخص) الله جي واٽ ۾ قتل ٿين ٿا تن کي ڪڏهن به مرده نه سمجهو اهي ته زنده آهن ۽ پنهنجي رب وٽ رزق حاصل ڪري رهيا آهن ۽ پاڻ به خدا پاڪ جي عنايتن تي خوش آهن. ۽ پنهنجي پويان رهجي ويل مومن ساٿين جي باري ۾ خوشيون ملهائي رهيا آهن ته انهن لاءِ نه ڪوئي خوف آهي ۽ نه غم "

(٦) آخري حصو جيڪو گفتگو جي پڇاڙي جي حيثيت رکي ٿو، ٻن رڪوعن تي ٻڌل آهي.

و پهرئين يعني هن سورة جي اڻويهين رڪوع ۾ هڪ ڀيرو وري انهي ڪشمڪش ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي جيڪا اهل ايمان ۽ اهل ڪتاب جي وچ ۾ خاص ڪري غزوه احد کان پوءِ گهڻي سخت ٿي ويئي هئي. هتي به اهل ڪتاب کي سا ڳئي تنبيه ۽ تنقيد ڪئي ويئي آهي ۽ اهل ايمان کي ساڳيون هدايتون ڏنيون ويون آهن جن جي تفصيل اڳي ئي گذري چڪي آهي.

و ۽ آخري رڪوع جون ڏهه آيتون اُهي آيتون آهن جن جي بيحد فضيلت صحيح حديثن ۾ آيل آهي. انهن آيتن سان آنحضور صلى الله عليه وسلم

جي ڏاڍي دل هوندي آهي. انهن ۾ توحيد، آخرت ۽ رسالت بابت انهن دليلن جو خلاصو ڏنو ويو آهي، جيڪي مڪي سورتن ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيل آهن انهن ۾ اهل ايمان جي جان نثاري، سرفروشي، دين حق جي غلبي لاءِ گهربار تياڳڻ، عزيزن قريبن سان لاڳاپا ڇنڻ ۽ جهاد ۽ قتال جي ميدان ۾ جان جي بازي لڳائي ڇڏڻ جو نقشو چٽيو ويو آهي. هن رڪوع ۾ سورة بقره وانگر پڻ هڪ عظيم دعا آيل آهي يعني:

"اي اسان جا پالڻهار! توهي (ڪائنات جو) ڪارخانو بي مقصد پيدا نه ڪيو آهي. تون ان کان پاڪ آهين ته ڪو عبث ڪم ڪرين. لهٰذا اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. اي اسان جا پالڻهار! جنهن کي تو دوزخ ۾ وڌو تنهن کي بيشڪ تو خوار ڪري ڇڏيو. ۽ ظالمن جو ڪو به اوهي واهي ڪونه ٿيندو. اي اسان جا رب! اسان هڪ پڪاريندڙ جي پڪار ايمان جي دعوت ڏيندي ٻڌي سين ته اي انسانو! پنهنجي رب تي ايمان آڻيو ته اسان ايمان آندو. اي اسان جا رب! اسان جا گناه بخش ڪر، اسان جي گندگين کي اسان کان دور ڪر ۽ اسان کي موت تنهنجي وفادار بندن سان ڏي. اي اسان جا رب! اسان کي عطا ڪر اهو سڀ ڪجهه جن جو واعدو تو پنهنجن رسولن جي ذريعي اسان سان ڪيو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اسان کي خوار نه ڪج، بلاشڪ تون پنهنجي واعدي کان ڦرڻ وارو نه آهين؟

۽ سورة جو خاتمو هن نهايت جامع آيت تي ٿئي ٿو:

"اي ايمان وارؤ! صبر کان ڪم وٺو. مقابلي ۾ مڙسي ڏيکاريو حفاظت ۽ مدافعت ۾ خبردار رهو ۽ الله کان ڊڄندا رهو ته توهان کي ڪاميابي حاصل ٿئي."

وآخر دعوانا عن الحمد لله رب العالمين

تقرير نمبر ۴

شروعاتي طويل مدني سورتن جو ٻيو جوڙو

قرآن مجيد جي شروعاتي ڇهن ڏگهين مدني سورتن جو ٻيو جوڙو سورة النساءِ ۽ سورة مائده تي ٻڌل آهي ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ سورة بقره ۽ سورة آل عمران وانگر ظاهري ۽ اندروني قسمن جون مشابهتون موجود آهن. اندروني مشابهتن جي سلسلي ۾ هڪ طرف ته گويا اسلامي شريعت مڪمل ٿي ويئي آهي ۽ سورة النساءِ ۾ گهرو ۽ خانداني سطح تي ۽ سورة مائده ۾ معاشرتي ۽ قومي سطح تي مسلمانن جي اجتماعي زندگي بابت تڪميلي هدايتون ڏنيون ويون آهن ۽ ٻئي طرف يهودين ۽ نصارن سان به آخري ڳالهيون ڪيون ويون آهن. ظاهري مشابهتن جي سلسلي ۾ هيٺيون ڳالهيون بلڪل واضح آهن:

ٻنهي سورتن جي منڍ ۾ ڪا به تمهيد يا حروف مقطعات نه آهن. البته خطاب جي شروعات سڌو سنئون "يا ايها الناس" ۽ "يا ايها الذين امنوا" جي لفظ سان ٿي آهي. ساڳئي طرح ٻنهي جي پڇاڙي به نهايت سادي آهي.

هڪڙي ٻئي به مشابهت ويچار جهڙي ملي آهي ته هن ٻنهي سورتن کي گذريل ٻنهي سورتن يعني بقره ۽ آل عمران وانگر ٻن اڌن ۾ ورهائي ڏٺو آهي ڇو ته انهن جا مضمون پاڻ ۾ بلڪل ڳتيل آهن.

سورة النساءِ

سورة النساءِ جي مضمونن جي تجزئي بابت به ڳالهيون شروعات ۾ ذهن ۾ هجڻ وڏيڪ فائديمند آهن، يعني:

هڪ ته هن سورة ۾ خطاب ٽن ٽولن کي ڪيو ويو آهي. هڪڙو

مسلم امت کي؛ جنھن کي مسلم امت جي حيثيت ۾ خطاب ڪيو ويو آھي.
مسلم امت ۾ ڦفٽ ڪالمسٽ عنصر يعني منافقن کي، انھن کي به خطاب
يا ايھا الذين امنوا جي ڳرديءَ ۾ ڪيو ويو آھي ۽ ٽيون اھل ڪتاب يعني يھود ۽ نصاريٰ کي. انھن ٽنھي ٽولن کي خطاب ھڪ ھڪ پيرو نه پر ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ ڪيترائي ڀيرا ڪيو ويو آھي.

امت مسلمه کي خطاب پهريون دفعو آيت نمبر ١ کان وٺي ع ٣٢ ۾ ڪيو ويو آھي. ٻيھر آيت ع ١٢٧ کان وٺي ع ١٣٥ ۾ ۽ پوءِ آخري آيت ع ١٧٦ ۾. اھڙي طرح اھل ڪتاب سان گفتگو اول آيت نمبر ٤٤ کان وٺي ع ٥٧ ۾ ۽ پوءِ آيت ع ١٥٣ کان وٺي ع ١٧٥ ۾. ۽ منافقن کي خطاب پهريائين آيت ع ٥٨ کان وٺي ع ١٢٦ ۾ ڪيل آھي ۽ پوءِ آيت ع ١٣٦ کان وٺي ع ١٥٣ ۾.

ھاڻي اچو ته ھر ھڪ عنوان جي مضمونن کي مجموعي طور تي نظر مان ڪيون.

امت مسلمه کي خطاب

ھن سورة مبارڪ جا اھي حصا جن ۾ مسلم امت کي مسلم امت جي حيثيت سان خطاب فرمايو ويو آھي مجموعي طرح سورة بقره جي ٻئي اڌ سان گھڻي مشابھت رکن ٿا. انھن ۾ شرعي احڪام به آھن ته اخلاقي تعليم به آھي؛ دين جي بنيادي عقيدن بابت گفتگو به آھي ته فلسفي ۽ حڪمت جي نھايت ڳوڙھي تعليم به آھي.

شرعي احڪام: شرعي احڪامن جي سلسلي ۾ ھن سورة مبارڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ تفصيل گھريلو ۽ خاندان زندگي بابت آھي ۽ جيئن ته خانداني ۽ سماجي زندگي جي شروعات ھڪڙي گھر جي آبادي ۽ ھڪ مرد ۽ ھڪ عورت جي ازدواجي رشتي ۾ ڳنڍجڻ سان ٿئي ٿي، ان ڪري سڀ کان وڌيڪ تفصيلي حڪم به ان جي باري ۾ آيل آھن. تنھنڪري سورة بقره جي شروعات ۾ اھڙي

آيت سان ٿئي ٿي جيڪا ان موضوع لاءِ بهترين عنوان جي حيثيت رکي ٿي .
ان ڪري حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن يلڪل بجا طور تي انهي آيت کي
هميشه لاءِ نڪاح جي خطبي جو هڪ حصو بنائي ڇڏيو . ارشاد ٿئي ٿو ته :

"اي انسانو ! پنهنجي ان رب جو تقوى اختيار ڪريو جنهن
توهان کي هڪڙي جان مان پيدا ڪيو ۽ پوءِ ان مان ئي
سندس جوڙو به بنايائين ۽ پوءِ انهن ٻنهي مان گهڻا مرد
۽ عورتون پکيڙي ڇڏيائين ـــــ ۽ بچندا رهو ان
الله جي نافرماني کان جنهن جو توهين هڪٻئي کي واسطو
ڏيندا آهيو ۽ بچندا رهو قطع رحمي کان به ـــــ ۽
معلوم هجيوَ ته الله توهان جي مٿان نگراني ڪري
رهيو آهي ."

ان جامع هدايت کان پوءِ سماجي زندگي جي مختلف گوشن بابت
هيٺيون هدايتون ڏنيون ويون آهن :

(١) آيت ٢ کان ٦ تائين : يتيمن جي حقن جي سنڀال ۽ انهن سان
حسن سلوڪ جي تاڪيد ڪيل آهي .

(٢) آيت ٧ کان ١٤ تائين : وراثت جي ورڇ بابت اخلاقي تعليم ۽ قانوني
ضابطا ڏنل آهن جيڪي آيت نمبر ١٧٦ ۾ وڌيڪ مڪمل طرح آيل آهن .

(٣) آيت ١٥ کان ١٦ تائين : جنسي گمراهي تي روڪ لاءِ قانون
بيان ڪيو ويو آهي .

(٤) آيت ١٩ کان ٢٥ تائين : عورتن سان چڱي سلوڪ رکڻ جي تاڪيد
ڪيل آهي ۽ ان سلسلي ۾ هيٺيون ڳالهيون کولي بيان ڪيون ويون آهن :

(ا) عورت کي پنهنجي هڪ آزاد شخصيت آهي . قانوني طور تي هوءَ انفراديت
جي حقدار آهي ۽ هوءَ مردن جي ملڪيت نه آهي ۽ نه ئي وراثت جو مال آهي .

(ب) عورتن کي ڏنل مهر يا ٻيو ڪو مال واپس حاصل ڪرڻ لاءِ کين ناحق

تنگ ڪرڻ ۽ انهن تي تهمت هڻڻ نهايت ڪمين پاڻيءَ آهي.

(ج) پيءُ جي نڪاح ۾ آيل عورت پٽ لاءِ حرام آهي.

(د) انهن عورتن جي تفصيل ڏنل آهي جن سان نڪاح جائز نه آهي.

(ه) نڪاح جو اصل مقصد گهر آباد ڪرڻ ۽ عصمت عفت جي حفاظت آهي ۽ نه فقط شهوت پوري ڪرڻ يا مستي ڪيدڻ. لهذا نڪاح جا جي شرط رکيل آهن جن جو خيال رکڻ ضروري آهي.

(و) جيڪي شخص آزاد ۽ خانداني مسلم عورتن سان نڪاح ڪرڻ جي طاقت نٿا رکن تن کي مجبوريءَ ۾ ٻانهين سان نڪاح جي اجازت آهي.

(ز) هڪ کان وڌيڪ زالن جي حالت ۾ عدل ڪرڻ جو شرط آهي.

(ح) ۽ پوءِ آيت ١٢٧ کان ١٣٤ ۾ وڌيڪ وضاحت ڪئي ويئي آهي ته عدل ۾ فقط انهن شين جو خيال رکو جن جي تور ياماپ ڪري سگهجي ٿي. البته دلي لاڙ ۽ رغبت انسان جي وس کان ٻاهر آهي، تنهنڪري ان تي پڪڙ نه ٿيندي، پر ائين به ٿيڻ نه گهرجي جو هڪڙي زال ڏانهن مانهوجهڪي پوي ۽ ٻئي ويچاري مڙس هوندي به بيواهن جهڙي زندگي گذاري.

(ط) ۽ جيڪڏهن زال مڙس ۾ ڪنهن به طرح موافقت نه ٿي سگهي ته پوءِ مجبوري حالت ۾ طلاق جو رستو اختيار ڪرڻ ۾ ڪو حرج نه آهي. طلاق الله تعالى کي ناپسند ته آهي پر حرام ڪانهي. ٿي سگهي ٿو ته ائين ڪرڻ سان الله تعالى ٻنهي لاءِ ڪا بهتر صورت پيدا ڪري.

(ي) گهريلو زندگي ۽ خانداني نظام بابت تفصيلي حڪمن سان گڏ هن سورة مبارڪ ۾ ڪي اهم اصول پڻ بيان ڪيا ويا آهن. آيت نمبر ٣٢ کان ٣٥ ۾ ٿي اهم حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن. هڪ ته الله پنهنجي مخلوقات ۾ هڪڙن کي ٻين تي مختلف ڳالهين ۾ فضيلت ڏني آهي. ٻندن جو ڪم آهي ته خوش دليءَ سان ان کي قبول ڪن. ٻيو ته عورتن جي ڀيٽ ۾ مردن کي ڪن ڳالهين ۾ فضيلت حاصل آهي ۽ خانداني نظام جي بهتري ۽ درستگي

جو دارومدار مرد جي قوّاميت جي اصول تي ٻڌل آهي. ٽيون ته نڪاح جو ٻنڌڻ ايترو معمولي نه آهي جو ذري ذري ڳالهه تي ٽوڙي ڇڏجي، نا اتفاقي گهريلو جهيڳڙن ۽ اختلافن جي صورت ۾ ٻنهي طرفن جي عزيزن کي گهرجي ته صلح لاءِ حد ڪوشش ڪن.

حڪمت ۽ معرفت: عائلي نظام (گهريلو سرشتي) جي باري ۾ اسان حڪمت ڀريل بحثن کان علاوه سورة بقره وانگر ئي هن سورة سڳوريءَ ۾ به دين جي بنيادي فلسفي ۽ حڪمت جا ٻيا به ڪيترائي موتي جڙيل آهن. جيئن ته:

(١) آيت نمبر ٢٦ کان ٢٨ ۾ شريعت سڳوري بابت افراط ۽ تفريط[1] جي وضاحت ڪئي وئي آهي، يعني ڪن ماڻهن کي شريعت سڳوري في نفسه هڪ ناپسنديده بار محسوس ٿيندي آهي حالانڪ اها انسان لاءِ ڀلائي ۽ ڪاميابي ڏياريندڙ آهي ۽ انساني زندگي جي مختلف مسئلن ۽ معاملن کي حد درجي حسين، معتدل ۽ متوازن رکڻ لاءِ بهترين ذريعو آهي. ۽ ٻئي پاسي وري ڪي ماڻهو پنهنجي مشڪلات پسند طبيعت جي ڪري شريعت سڳوري ۾ سختيون پيدا ڪندا رهندا آهن، جنهنڪري عام ماڻهن لاءِ واقعي وڏو بار محسوس ٿيندو آهي. انهن ٻنهي قسمن جي لاڙن کان بچڻ جي بيحد ضرورت آهي.

(٢) آيت نمبر ٢٩ کان نمبر ٣١ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته شريعت جي نظام ۾ جان ۽ مال جو احترام، بنيادي اهميت رکي ٿو. گناهن بابت ٻڌايو ويو آهي ته جيڪڏهن انسان پنهنجو پاڻ کي ڪبيره گناهن کان بچائيندو رهندو ته الله تعالىٰ صغيره گناه پاڻ ئي بخشي ڇڏيندو.

(٣) آيت نمبر ١٧ ۽ ١٨ ۾ توبه بابت ٻڌايو ويو آهي ته هڪڙي توبه اها آهي جيڪا قبول ڪرڻ الله پاڪ پاڻ تي لازم ڪئي آهي. يعني ان شخص

---

[1] حد کان گهٽ مٿي يا گهٽ وڌ هيٺ.

جي توبه جنهن کان ڪوگناه جذبات جي وهڪري ۾ ٿي ويوهجي پر پوءِ هو جلديئي پشيمان ٿيوهجي. ۽ ٻئي توبه اها آهي جنهن جي قبوليت جو ڪو به امڪان ناآهي. يعني انهن ماڻهن جي توبه جيڪي ڄاڻي ٻجهي گناهن سان ڀريل زندگي گذارين ٿا ۽ جڏهن موت ڪنڌ تي اچي کڙڪندو آهي تڏهن توبه ڪرڻ لڳندا آهن. انهن ٻنهي نقطن جي وچ وارو معاملو ڇڏي ڏنو ويو آهي ته جيئن انسان خوف ۽ اميد جي وچ ۾ هجي.

(٤) آيت ٣٦ کان ٤٠ ۾ نهايت جامع نموني بنيادي ديني حڪمن جو خلاصو پيش ڪيو ويو آهي. يعني ته دين جو اصل الاصول توحيد آهي. ان ڪري سڀ کان وڏو گناه جنهن جي بخشش ڪا نه ٿيندي سو شرڪ آهي، تنهن کان پوءِ معاملو حق ادائي ۽ چڱي سلوڪ جو آهي. ان ۾ سڀ کان اول ماءُ پيءُ جا حق آهن، پوءِ مٽن مائٽن جا، پوءِ يتيمن ۽ مسڪينن جا، پوءِ پاڙيسرين جا حق آهن خواه اهي مائٽ هجن يا ڌاريا، يا انهن سان ٿورڙي وقت لاءِ ساٿ رهيو هجي. پوءِ مسافرن جا حق آهن. حقن جي ذڪر کان پوءِ انفاق في سبيل الله جي تاڪيد ڪيل آهي ۽ بخل کي ننديو ويو آهي.

(٥) آيت ٤١ ۽ ٤٢ ۾ آخرت جي عدالت جو نقشو چٽيو ويو آهي، جتي قومن ۽ امتن جي حساب ڪتاب وقت سندن نبي ۽ رسول سرڪاري گواهن جي حيثيت سان پيش ٿيندا. ان سلسلي ۾ هڪڙي آيت توجه لائق آهي جيڪا پاڻ سڳورن ﷺ هڪ دفعي حضرت عبد الله رضه بن مسعود جي واتان قرآن ڪندي ٻڌي هئي ته سندن ﷺ اکين مان لڙڪ وهي پيا. ان آيت جو ترجمو هي آهي:

”ته پوءِ ان ڏينهن ڪهڙو حال ٿيندو، جڏهن اسين هر اُمت مان سندس برخلاف هڪڙو گواهه ڪڙو ڪندا اسين ۽ (اي نبيﷺ) توهان کي به انهن ماڻهن جي خلاف گواهه جي حيثيت ۾ بيهاريندا اسين. ان ڏينهن جن ماڻهن ڪفر ڪيو هوندو يا رسولﷺ جي نافرماني ڪئي هوندي؛ خواهش ڪندا ته جيڪر

هو زمين ۾ غرق ٿي وڃن ۽ مٿان مٽي وري وڃي ـــــ ۽
اهي الله کان ڪا به ڳالهه لڪائي ڪين سگهندا“.

هي ”شهادت علی الناس“ جو اُخروي پهلو آهي جنهن جو ذڪر سورة بقره ۾ اڳي ڇڪو آهي ۽ جيئن سورة بقره ۾ آيل ذڪر کان جلد پهرين مسلمانن کي هدايت ڪئي ويئي آهي ته هن عظيم منصب جي ذميوارين کي ادا ڪرڻ جي سلسلي ۾ مدد حاصل ڪريو صبر ۽ صلاة جي ذريعي ـــــ ساڳئي طرح هتي به ان کان جلد پهرين آيت ٤٣ ۾ نماز جو ذڪر آيو آهي ـــــ ۽ نماز جي ظاهري ۽ باطني رڪاوٽن ۽ انهن کان بچڻ جي طريقن جو ذڪر آهي.

اصول شهريت: گهريلو ۽ خانداني زندگي کان مٿي، بلند سطح تي هڪ صالح ۽ صحتمند معاشري جي تعمير جي سلسلي ۾ سورة النساء ۾ نهايت اهم ۽ اصولي هدايتون ڏنيون ويون آهن. آيت نمبر ٥٨ ۾ فرمايو ويو آهي :

(١) ”الله توهان کي حڪم ڏئي ٿو ته امانتون حقدارن جي حوالي ڪريو ۽ جڏهن ماڻهن جا فيصلا ڪريو ته عدل ۽ انصاف سان ڪريو. هيءَ تمام اعليٰ ۽ عمدي نصيحت آهي جيڪا الله توهان کي ڪري رهيو آهي، ۽ الله ته سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي“.

۽ ظاهر آهي ته امانت ادا ڪرڻ ۽ عدل انصاف قائم ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن به صحت مند اجتماعي نظام جي تعمير ممڪن نه آهي.

(٢) پوءِ آيت ٨٥ ۾ فرمايو ويو آهي: ”جيڪو به شخص نيڪي جي سفارش يا تائيد ڪندو ته ان کي به نيڪي جي اجر مان ڀتي ملندي ۽ جيڪو شخص برائي جي سفارش يا تائيد ڪندو ته هو پاڻ به ان وبال ۾ ڀائيوار ٿيندو . ۽ الله هر هڪ شيءِ جو پورو پورو حساب رکندڙ آهي“.

ظاهر آهي ته هي به اجتماعي زندگي جو هڪ سونهري اصول آهي ۽

اها ساڳئي ڳالهه آهي جيڪا آئنده سورة يعني سورة مائده ۾ هنن لفظن ۾ ايندي "۽ تعاون ڪريو بِرَّ ۽ تقوىٰ جي هرڪم ۾ ۽ هرگز تعاون نه ڪريو ڪنهن به گناهه يا ظلم جي ڪم ۾."

(٣) ان کان پوءِ آيت ٨٦ ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي:

"۽ جڏهن توهان کي سلام ڪيو وڃي يا دعا ڪئي وڃي ته توهين به جواب ۾ ان کان بهتر سلام ڪريو، نه ته گهٽ ۾ گهٽ اهوئي جواب ڏيو، ۽ الله هرهڪ شيءِ جو حساب وٺندڙ آهي."

هيءَ آداب ۽ اخلاق سيکاريندڙ تعليم آهي. ان سان اسلامي معاشري ۾ محبت ۽ يڪسانيت جو احساس وڌي ٿو.

ان سلسلي ۾ اهم ترين ڳالهه آيت ١٣٥ ۾ فرمايل آهي ته:

"اي اهل ايمان! پنهنجي پوري قوت ۽ استقامت سان عدل ۽ انصاف جا علمبردار رهو ۽ الله جا گواه بڻجي بيهو."

ساڳئي هدايت لفظن جي ٿوري تبديلي سان سورة مائده ۾ آيت ٨ ۾ آئي آهي. هي لفظ گويا ان منصبي فرض جي ادائگي لاءِ تاڪيد آهي، جنهن لاءِ امت مسلمه کي برپا ڪيو ويو آهي يعني خلق تي خالق ارض و سماء جي طرفان قولي ۽ عملي شهادت ۽ حجت پوري ڪرڻ لاءِ هن سورة مبارڪ جي اهم حصن جي مضمون جو خلاصو پورو ٿئي ٿو، جن ۾ امت مسلمه کي بحيثيت امت مسلمه جي، الله جي طرفان خطاب ڪيو ويو آهي.

اهل ڪتاب کي خطاب

اهل ڪتاب کي خطاب سورة نساءِ ۾ بيحد مختصر آهي. يعني پهريائين آيت ٤٤ کان وٺي ٥٧ ۾ ۽ پوءِ آيت ١٥٣ کان وٺي ١٧٥ ۾. انهي ۾ يهودين سان هڪ ته گفتگو سنئين سڌي ڪيل نه آهي، پر ڳالهين سان گڏ انهن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي. ٻيو ته گفتگو جو رنگ دعوت جي بدران ملامت

۽ تنبيھ جو آھي. البتہ نصارن سان گفتگو سڌي طرح ۽ بلا واسطہ آھي. ان ۾ تنبيھ سان گڏ وڏ دعوت ۽ سمجھائڻ جو رنگ بہ موجود آھي. اھوئي سبب آھي جو ھن سورة ۾ ھڪ ڀيرو وري يھودين جي ڏوھن جي فھرست بيان ڪئي ويئي آھي، جن جي تفصيل اڳ ۾ ئي سورة بقرہ ۾ اچي چڪي آھي، جيئن تہ الله جي ڪتابن ۾ لفظي ۽ معنوي ڦيرگھير يا زبان کي موڙ وڏئي يا الھجو بدلائي لفظن جي معنيٰ ڦيرائڻ يا حضرت موسيٰؑ کي چوڻ تہ اسين تيستائين نہ مڃينداسون جيستائين خدا کي پنھنجين اکين سان نہ ڏسون. پوءِ نبيؑ جي حياتيءَ ۾ ئي ڳائي جي پوڄا ڪرڻ ۽ اھڙي طرح بدترين قسم جو ڪليو شرڪ ڪرڻ؛ حضرت مريمؑ تي بھتان ھڻڻ؛ حضرت عيسىٰؑ کي پنھنجي طرفان امڪاني حد تائين سوريءَ چاڙھڻ؛ اھا ٻي ڳالھ آھي تہ الله تعالىٰ کين بچائي آسمان تي کڻائي ورتو. علاوہ ازين عملي ۽ اخلاقي لحاظ کان پستيءَ ۾ ڪرڻ جھڙا سفلي ڪم ۽ جادو ۾ دلچسپي، وياج ۽ بين حرام طريقن سان ماڻھن جا مال ڦبائڻ ۽ افسوسناڪ ڳالھ اھا تہ اھڙا ڪرتوت ھوندي بہ پاڻ کي دين ۽ شريعت جا علمبردار سڏائي فخر ڪرڻ. پنھنجي تقوىٰ ۽ پرھيزگاري جو ڍونگ رچائڻ وغيرہ.

مسلمانن کي بہ نھايت زوردار لفظن ۾ تنبيھ ڪئي ويئي آھي تہ انھن يھودين جي چيئي تي نہ لڳو. انھن جي اندر ۾ حسد جو ڪوڙو پيو ٻري ۽ توھان جي دشمني انھن کي انڌو ڪري ڇڏيو آھي، ان ڪري توھان کي ڪنھن نہ ڪنھن طريقي سان گمراہ ڪرڻ لاءِ ڪو بہ وجھ ھٿان نٿا وڃائين. اھا ڳالھ ھنن جي برداشت کان ٻاھر آھي تہ دين، شريعت ۽ ڪتاب الله رکندڙ قوم جو مرتبو ۽ مان انھن کان کسي توھان کي ڏنو ويو آھي. ان ڪري ھاڻي تہ ھو توھان کي گمراہ ڪرڻ لاءِ ھر دم تيار ۽ موقعا تلاش ڪرڻ ۾ رذل آھن.

ھن سورة مبارڪ ۾ اھي تنبيھون ھڪ لحاظ کان وڏي اھميت رکن ٿيون چو تہ ھن سورة جو وڏو حصو جنھن ڪونديءَ گھڻي اتجيتو آھي، نفاق ۽

منافقن بابت آهي. منافقت جو اهو مرض، يهودين مان ئي جيب جي ذريعي مسلمانن کي لڳو ۽ خاص طرح انصارن جي ٻنهي قبيلن اوس ۽ خزرج جي اهڙن ماڻهن کي لڳو جيڪي پاڻ ايماني ڪمزوري ۾ مبتلا هئا. يا وري ڪين دين جا گهرا تقاضا يعني مال خرچ ڪرڻ يا جهاد ۽ قتال ۾ حصو وٺڻ ڏکيا محسوس ٿيندا هئا. مطلب ته نفاق جي ٻوڪ لاءِ اهڙن جون دليون اڳ ئي تيار هيون ۽ يهودين پنهنجي مڪاري ۽ هوشياري سان انهن ۾ ٻج ڇٽيو. يا وري اهي ماڻهو ڏاڍا ڀورا هئا جو پنهنجي سادگي ۾ يهودين جي اوپارين لهوارين ۽ بظاهر عالماڻين ڳالهين کان متاثر ٿي ويا هئا.

اصل ۾ انصارن ۽ يهودين جا پاڻ ۾ پراڻا لاڳاپا ۽ اڳوڻا گهاٽا تعلقات ئي اهڙيون خطري جون جايون هيون جتان نفاق جو مرض مسلمانن ۾ پيدا ٿي رهيو هو.

يهودين جي شرارت جو هڪڙو وڏيڪ نمايان مثال هن سورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي سو هي آهي ته انهن ظاهر ۾ ڏاڍي معصوميت سان حضور اڪرم کان گهر ڪئي ته جيئن حضرت موسىٰ عليه السلام کي پٿر جي پٽن تي لکيل ڪتاب ڏنو ويو هو، سو اسين به توهان کي تيستائين تسليم نه ڪنداسون جيستائين توهان به اهڙو ئي ڪتاب پيش نه ڪريو. تنهن تي آيت ع١٦٤، ع١٦٥ ۽ ع١٦٦ ۾ نبوت، رسالت ۽ وحي ۽ ڪتابن نازل ٿيڻ بابت اهم حقيقتون بيان ڪيل آهن ۽ واضح ڪيو ويو آهي ته وحي اڳي به ڪنهن هڪڙي صورت ۾ ڪانه آئي آهي. ان جي نزول جون مختلف صورتون پئي رهيون آهن.

ٻڌايو ويو ته رسولن جي اچڻ جو اصل مقصد، فقط ماڻهن کي خدا کان ڊيڄارڻ ۽ بشارت ڏيڻ آهي ته جيئن انهن تي الله تعالىٰ جي طرفان حجت پوري ٿئي ۽ هو خداوند کو به عذر پيش ڪري نه سگهن، رُسُلاً مُّبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌ بَعْدَ الرُّسُلِؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ۝

هن سورة مبارڪ ۾ نصارن سان گفتگو، يهودين جي حضرت مريمؑ تي بهتان ۽ حضرت مسيحؑ بابت انهن جي گمان ته اسان سوريءَ تي چاڙهيو ۽ قتل ڪيو آهي، جي ڳالهين شروع ٿئي ٿي.

ان ڪري هڪ پاسي يهودين جي انهن غلط دعوائن جي ترديد ڪئي ويئي آهي ۽ اصل حقيقت تي روشني وڌي ويئي آهي ته ٻئي پاسي نصارن کي ڌار خطاب ڪندي فرمايو ويو آهي ته:

”اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ غلو (وڌاءُ يا مبالغو) نه ڪريو الله تي ڪوڙ نه ٻڌو، مسيح عيسىٰؑ ابن مريمؑ، الله جي هڪ رسول ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي ۽ الله جي طرفان هڪ ڪلمو آهي جيڪو هن مريمؑ ڏانهن اماڻيو هو ۽ هڪ روح هو هن وٽان. سو ايمان آڻيو الله تي ۽ سندس رسولن تي ۽ تثليث (ٽن خدائن) جي دعوىٰ نه ڪريو. موٽي اچو، انهيءَ ۾ چڱائي آهي. الله ته بس اڪيلوئي معبود برحق آهي هو پاڪ آهي ان ڳالهه کان ته ڪو سندس اولاد هجي. باقي آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪي آهي سڀ هن جوئي آهي ۽ هو ڪافي آهي ڀروسي ۽ اعتماد ڪرڻ لاءِ. نه ته مسيحؑ کي الله جي بندگيءَ ۾ ڪو عار آهي ۽ نه مقرب ملائڪن کي. ۽ جيڪو به الله جي بندگي ۾ عار محسوس ڪندو ۽ تڪبر ڪندو، ته هو انهن سڀني کي جمع ڪندو، پوءِ جيڪي ماڻهو ايمان وارا هوندا ۽ عمل به چڱا ڪيا هوندائون تن کي هو پوري عيوض ڏيندو ۽ وڌيڪ فضل ڪندو. ۽ جن شخص عار ۽ تڪبر جي واٽ اختيار ڪئي هوندي تن کي هو دردناڪ عذاب ڏيندو ۽ اهي الله جي مقابلي ۾ نه ڪو دوست لهي سگهندا ۽ نه ڪو مددگار. اي انسانو! توهان وٽ توهان

جي رب وٽان دليل ۽ برهان اچي چڪو آهي ۽ اسان توهان لاءِ هڪ واضح روشني نازل ڪئي آهي. پوءِ جيڪي الله تي ايمان آڻيندا ۽ هن جو پلءُ مضبوطيءَ سان جهليندا ته تن کي هو پنهنجي رحمت ۽ فضل جي ڇانوَ ۾ داخل ڪندو ۽ انهن جي رهنمائي فرمائيندو صراط مستقيم ڏانهن جيڪا هن تائين پهچائيندڙ آهي؟"

تقرير نمبر ۵

منافقن کي خطاب

سورة نساءِ جا اهي حصا جن ۾ منافقن کي مخاطب ڪيو ويو آهي سي سورة مبارڪ جي اڪثر حصي جيترا آهن. ان سلسلي ۾ ٻه ڳالهيون اڳ ۾ سمجهڻ ضروري آهن. هڪ ته جيئن ته منافق قانوني لحاظ کان امت مسلمه جو حصو هئا تنهنڪري انهن کي خطاب "يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" لفظ جي ذريعي ڪيو ويو آهي. پر خطاب جو مضمون ۽ سياق سباق صاف ٻڌائي ٿو ته مخاطب سچا مومن نه آهن پر منافق آهن. جيڪڏهن ان ڳالهه جو خيال نه رکيو ته اڪثر هنڌن تي انهن لفظن جي عام معنيٰ مان غلط فهمي ۽ صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي باري ۾ بدظني پيدا ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪا وڏي خطرناڪ ڳالهه آهي. ٻيو ته منافقن کي ملامت ڪندي دين جون اهي سموريون ڳالهيون تفصيل سان بحث هيٺ آنديون ويون آهن جيڪي انهن کي ڳريون ۽ ڏکيون محسوس ٿينديون هيون. اهڙي طرح دين جي ڏکين ۽ ڳرن تقاضائن جي عنوان هيٺ سورة النساءِ جا اهي سڀ حصا بيحد اهم ۽ جامع حيثيت رکن ٿا.

رسول جي مڪمل تابعداري ۽ اطاعت:

دين جي انهن ٻين
تقاضائن ۾ اولين ۽ اهم ترين تقاضا رسول جي مڪمل اطاعت ۽ تابعداري
آهي، جيڪا سرڪش ۽ انانيت پسند طبيعتن لاءِ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي ۽ خاص
ڪري انوقت جڏهن جان ۽ مال جي نقصان جو انديشو هجي ته پوءِ جن جي
دلين ۾ ايمان مضبوط نه هوندو آهي تن لاءِ رسول جي اطاعت جبل جيان
ڳري ٿي پوندي آهي.

قرآن مجيد ۾ ان موضوع تي گفتگو
سپ کان اڳ ۾ آيت ۵۹ کان وٺي آيت ۶۷ ۾
ڪئي ويئي آهي. حقيقت ۾ اهي آيتون هن مخصوص موضوع تي ساري
قرآن مجيد ۾ "ذروة السنام" وانگر آهن.

(١) رسول جي اطاعت جي سلسلي ۾ سڀ کان اڳ، اسلام ۾ اطاعت جي نظام
جو حوالو ڏنو ويو آهي ته:

"اي اهل ايمان! اطاعت ڪريو الله جي ۽ اطاعت ڪريو
سندس رسول جي ـــــــ ۽ توهان مان اختياري وارن جي ـــ ۽ جيڪڏهن
ڪنهن معاملي ۾ پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پوي ته ان کي الله ۽ رسول ڏانهن موٽايو"
مطلب ته الله جي اطاعت وانگر رسول جي اطاعت به مستقل بذات آهي ـــ
ٻيون سموريون اطاعتون انهن ٻنهي اطاعتن جي تابع آهن ۽ انهن سان
مشروط آهن!!

(٢) ٻي اها ڳالهه به واضح ڪئي ويئي آهي ته رسول موڪليائي ان لاءِ ويندا
ته جيئن انهن جي اطاعت (فرمان برداري) ڪئي وڃي. رسولن جو ڪم نعوذ
بالله تبالين وانگر رڳو ڪتاب پهچائڻ نه آهي پر اهي پنهنجي ذاتي حيثيت
۾ مطاع (جن جي فرمانبرداري ڪجي) هوندا آهن ۽ اطاعت به ايتريقدر
مڪمل گهربل آهي جو ڪنهن به معاملي ۾ رسول جو فيصلو نه مڃڻ وڏي
ڳالهه آهي، رڳو ايترو جو فيصلو ته برابر مڃيو ويو پر دلي رضا مندي سان
نه ته به ايمان ختم ٿي ويندو آهي (ثُمَّ لَا يَجِدُوا فِيْ اَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا

قَضَيْتَ وَ يُسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا﴾

(٣) انهيءَ تنبيه سان گڏ مثبت طرح رسول جي اطاعت ۽ اتباع ڪرڻ جو درجو واضح ڪيو ويو آهي: ـــ ”جيڪي شخص الله ۽ رسول جي اطاعت تي ڪار بند ٿي ويندا آهن، تن کي ساٿ نصيب ٿيندو آهي، انهن ماڻهن جو؛ جن تي الله جا انعام هوندا يعني انبياءِ، صديق، شهيد ۽ صالح انسان. ۽ انهن جو ڪهڙو نه چڱو ساٿ آهي!؟ (اُولٰئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِنَ النَّبِيّٖنَ وَ الصِّدِّيْقِيْنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ الصّٰلِحِيْنَ وَحَسُنَ اُولٰئِكَ رَفِيْقًا﴾

(٤) اڳتي هلي آيت ٨٠ ۾ وڌيڪ واضح ڪيو ويو آهي ته رسول جي اطاعت حقيقت ۾ الله جي ئي اطاعت آهي ۽ رسول جي نافرماني اصل ۾ الله جي نافرماني آهي. (مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ﴾

قتال في سبيل الله[1]:

هي شيءِ جيڪا منافقن کي بيحد ڏکي لڳندي هئي سو هو جهاد ۽ قتال جو حڪم؛ جنهن ۾ جان ۽ مال کپائڻو پيو ٿي ۽ سخت خطرن کي منهن ڏيڻو پيو ٿي. آيت ٧١ کان قتال في سبيل الله جو موضوع شروع ٿئي ٿو ۽ اڳ ۾ صاف لفظن ۾ حڪم ڪيو ويو آهي ته ”اي اهل ايمان! پنهنجي حفاظت جو سامان (تير، تلوار، ڍال وغيره) هٿ ڪريو ۽ نڪري پئو الله جي واٽ ۾ جنگ لاءِ، باقاعدي فوج ڪشي جي انداز ۾ ۽ ڇاپا مار (گوريلا) جنگي انداز ۾.“ ۽ پوءِ انهن ماڻهن کي نهايت فصيح ۽ بليغ انداز ۾ ملامت ڪئي وئي آهي جيڪي الله جي واٽ ۾ جنگ کان نتائڻ جا وجهه ڳوليندا رهن ٿا. ڪڏهن جاڻي ٻجهي دير ۽ سستي جو بهانو ڪري پويان رهي پوندا هئا ۽ ڪڏهن وري ميارون ڏيندا هئا ته ”اي الله سائين! تو اسان تي قتال ڇو فرض ڪيو ۽ اسان کي وڌيڪ مهلت ڇو نه ڏني.“ ان سلسلي ۾ مومنن کي رغبت ۽ شوق ڏيارڻ خاطر هڪ طرف

---

[1] الله جي واٽ ۾ هٿيارن سان وڙهڻ.

دنيا وي حياتي جي پيٽ ۾ آخرت جي نعمتن ۽ الله جي طرفان وڏي اجر ۽ ثواب جو حوالو ڏنو ويو آهي ۽ ٻئي طرف انهن جي غيرت کي للڪاريو ويو آهي ته "توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو الله جي واٽ ۾ انهن ڪمزورن ۽ ستايل مسلمانن جي مدد لاءِ جهاد نٿا ڪريو جيڪي مشرڪن جي ظلم هيٺ لتاڙجي رهيا آهن ۽ ٽئين طرف اها حقيقت به سمجهائي وئي آهي ته جيڪڏهن موت جو خوف روڪ بڻجي رهيو آهي؟ ته موت کان آخر ڪيڏانهن ڀڄي سگهبو. موت نه قلعن ۽ ڪوٺن اندر لڪي وڃڻ کان پوءِ به اچي رسندو.

هي مضمون آيت ۸۴ ۾ پهچي عروج (CLIMAX) تي پهتل آهي جنهن ۾ فرمايو ويو آهي ته "اي نبي! (جيڪڏهن اهي الله جي واٽ ۾ قتال کان نٿا ئين ته به) توهان جنگ ڪريو الله جي واٽ ۾ ؛ توهان تي ته فقط پنهنجي ذميواري آهي. البته مومنن کي ان لاءِ اڀاريندا (۽ جوش ڏياريندا) رهو. ٿي سگهي ٿو ته الله ڪافرن جي جنگي قوت کي ڀڃي ڇڏي . ۽ ظاهر آهي ته سڀ کان زوردار جنگ ته الله جي (طرفان) هوندي آهي."

هن آيت پڙهڻ سان سچن مومنن جي دلين تي ڪيڏو ڏگهرو اثر ٿيو هوندو؟ جنهن جي دل ۾ ترجيترو ذرو به ايمان هوندو ڪيئن نه لچڻ ڦٿڪڻ لڳو هوندو ۽ ڪيئن نه ضعيف ارادي جو زنگ دلين تان لٿو هوندو.

اهڙوئي هڪ مثال اڳتي اينديڙ سورة مائده ۾ به آهي جتي حضرت موسىٰ عليه السلام جو قول نقل ٿيو آهي. جڏهن بني اسرائيل قتال کان انڪار ڪيو تڏهن حضرت موسىٰؑ رب جي دربار ۾ عرض ڪيو ته "اي رب سائين! مون کي سواءِ پنهنجي ذات ۽ پنهنجي ڀاءُ جي، ٻئي ڪنهن تي به اختيار نه آهي" فرق رڳو سوا ايترو هو جو بني اسرائيل جي عظيم اڪثريت قتال کان انڪار ڪيو هو امت محمدي علي صاحبها الصلواة والسلام جي فقط ٿورڙن منافقن جنگ کان نٽايو هو.

هجرت : جهاد ۽ قتال سان گڏ ٽئين ڳالهه جيڪا منافقن لاءِ ڏاڍي

ڏکي هئي، سو هو هجرت ڪرڻ جو حڪم ۽ جو ته ان ۾ گهر ٻار ڇڏڻو ٿي پيو ۽ عزيزن قريبن سان تعلقات ختم ڪرڻا ٿي پيا. اهو ڪم آسان نه هو، ان لاءِ ته دلين ۾ پختو ايمان هئڻ ضروري هو. ان سلسلي ۾ هي ڳالهه واضح هئڻ گهرجي ته هجرت اصل ۾ جهاد ۽ قتال جي شروعات هئي؛ ڇو ته هجرت جي ڪري ئي مسلمان هڪ جاءِ تي جمع ٿيا هئا ۽ کين اهڙو مرڪز (BASE) هٿ آيو جتان ڪفر ۽ شرڪ جي خلاف قدم کڻڻ جو امڪان پيدا ٿيو.

(١) ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريائين آيت ٨٨ ۽ ٨٩ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته جيڪي ماڻهو هجرت جي عام حڪم اچڻ کان پوءِ به هجرت نٿا ڪن، سي ڄڻ اهو ثابت ڪن ٿا ته کين وطن يا گهر ٻار يا مٽ مائٽ، عزيز قريب ۽ مال ملڪيتون ۽ ڪاروبار وغيره وڌيڪ پيارا آهن الله ۽ سندس رسول، سندس دين ۽ دين جي غلبي لاءِ جدوجهد ڪرڻ کان: ۽ اها شيءِ نفاق جو اصل بنياد آهي. تنهنڪري پين مسلمانن کي حڪم ڏنو ويو ته اهڙن ماڻهن سان واسطو نه رکو ۽ ان باري ۾ ڪنهن به دلي تعلق يا مصلحت کي وچ ۾ اچڻ نه ڏيو.

(٢) ان کان پوءِ آيت ٩٧ کان وٺي آيت ١٠٠ ۾ وڌيڪ وضاحت ڪئي ويئي آهي ته ”ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جو جڏهن ملائڪ سندن ساهه ڪڍن ٿا ۽ کين ملامت ڪن ٿا ته (زندگي ۾) توهان ڪهڙي حال ۾ هئا؟“ يعني توهان جي ايمان، (اهو ڪيئن ڇيو ته هجرت نه ڪريو ۽ دارالڪفر ۾ دير وڃمائي ويهي رهو؟ تنهن تي اهي عذر پيش ڪندا ته ”اسين (مجبور ۽) مغلوب ٿي ويا هئاسين ۽ اسان کي دٻائي ڇڏيو ويو هو“ جواب ملندو ”ڇا الله جي زمين ڪشادي ڪانه هئي، جو ڪنهن پاسي هجرت ڪري هليا وڃو!“ پوءِ صاف اعلان ڪيو ويندو ته ”انهن کي جهنم ۾ جاءِ ملندي. اها ڪا اڀي خراب جاءِ آهي؟“

(٣) هن سخت وعيد کان مستثنيٰ ڪيو ويو، ته فقط انهن معذورن ۽

مجبورمردن، عورتن ۽ ٻارن کي، جن وٽ سفر لاءِ ٿمر نه هو يا واٽ جي خبر کاڌ هئي.

(۴) ۽ آخر ۾ رغبت ۽ شوق ڏيارڻ لاءِ چيو ويو آهي ته جيڪو الله جي واٽ ۾ هجرت ڪندو سو الله جي زمين کي وسيع ۽ ڪشادو ڏسندو ۽ پناهه لاءِ جايون لهندو. بقول شاعر:

سفر ہے شرط مسافر نواز بہتیرے ہزارہا شجر سایہ دار راہ میں ہے

۽ جيڪو شخص هجرت ۾ سفر ڪندي گذاري ويو ۽ دارالهجرت يعني مديني نه پهچي سگهيو سو به الله وٽ مهاجر ليکبو ۽ ان جو اجر الله جي ذمي آهي، ڇو ته حضور اڪرم صلی الله عليه وسلم فرمايو آهي: "عملن جو مدار نيتن تي آهي".

چند ضمني مسئلا

قتال في سبيل ۽ هجرت جي بحث ۾ ضمني طور ڪي اهڙا مسئلا به بحث هيٺ آيا جيڪي ان وقت عملي مشڪلاتون پيدا ڪري رهيا هئا:

(۱) انهن مان پهريون مسئلو هو هڪ مومن جي هٿان ٻئي مومن جو قتل، ان سلسلي ۾ فرمايو ويو آهي ته ڪو مومن ڪنهن ٻئي مومن کي ڄاڻي ٻجهي قتل ڪري يعني قتلِ عمد جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. البته ڀليپ ۾ قتل يا قتل خطا جو امڪان آهي. ان حالت ۾ عام قانون مطابق مقتول جي وارثن کي ديت (خون بها) ادا ڪرڻي پوندي، سواءِ ان جي ته وارث پاڻ معاف ڪن، ته به هڪ مسلمان کي غلامي آزاد ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن مقتول ڪافر قبيلي جو ماڻهو آهي ته پوءِ ديت ادا ڪرڻي ڪانه پوندي، رڳو هڪ مسلمان غلام آزاد ڪرڻ ڪافي آهي. پر جيڪڏهن مقتول ڪنهن معاهد قبيلي (جنهن سان عهدنامون ڪيل هجي) سان تعلق رکندڙ آهي ته پوءِ ديت به ڏيڻ لازم آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ۾ غلام آزاد ڪرڻ جي طاقت نه آهي، ته پوءِ لڳاتار ٻه مهينا روزا رکڻا پوندا.

آخر ۾ تنبيهه ڪئي ويئي آهي ته "جيڪڏهن ڪنهن مومن ڄاڻي ٻجهي يعني عمداً ڪنهن مومن کي قتل ڪيو ته ان کي هميشه جي لاءِ جهنم جي حوالي ڪيو ويندو."

(٢) ٻي هدايت اها ڏني ويئي آهي ته جنگ هلندي جيڪڏهن ڪو شخص اسلام ۽ ايمان جو اظهار ڪري ٿو ته ان جي اسلام ۽ ايمان کي قبول ڪرڻ کان انڪار نه ڪيو.

(٣) ٽيون معاملو صلواة خوف (خوف جي حالت ۾ نماز ادا ڪرڻ) جو آهي ۽ ان بابت مختصر اشارو سورة بقره ۾ اچي چڪو آهي البته هتي تفصيل ڏني ويئي آهي، خاص طور تي حضور اڪرمؐ جي موجودگي ۾، جڏهن ته هر هڪ مسلمان پاڻ سڳورنؐ جي امامت ۾ نماز ادا ڪرڻ لاءِ آتو هوندو هو. ان صورتحال ۾ ڀيريائين هڪڙو ٽولو اچي نماز ادا ڪري ۽ ٻيا ڀيري تي بيٺل هجن. پوءِ وري پهريون ٽولو ڀيري تي هليو وڃي ۽ رهيل ماڻهو پاڻ سڳورنؐ جي پويان نماز ادا ڪن ته جيئن ڪو به ماڻهو حضورؐ جي امامت کان محروم نه رهي، وڌيڪ تاڪيد ڪيو ويو ته جيئن ٻئي حالتون سڌرن ته نماز جي نظام کي سمورن قاعدن ۽ ضابطن مطابق قائم ڪيو وڃي:

منافقن جون شرارتون

ان کان پوءِ آيت ع١٠٥ کان وٺي ع١٢٦ تائين يعني سورهين، سترهين ۽ ارڙهين رڪوع ۾ منافقن جي شرارتن جو ذڪر آهي ۽ انهن جي ڪردار جي طرح پڌرو ڪيو ويو آهي ته جيئن مومن ڪين پوري طرح سڃاڻن ۽ ڪنهن به خانداني يا جماعتي تعصب جي ڪري انهن جي حمايت تي آماده نه ٿين. ان سلسلي ۾ آيت ع١٠٩ ۾ ڏاڍي سخت وعيد آئي آهي ته:

"هن دنياوي زندگي ۾ ته توهين انهن جي پاران جهيڙو ڪري ويندا پر سوچيو ته قيامت جي ڏينهن انهن جي طرفان ڪير دفاع ڪندو يا ڪير انهن جو حمايتي ۽ وڪيل بڻجي ڪوشش ڪندا!"

انهن جي شرارتن جي سلسلي ۾ انهن ڳالهين جو ذڪر به ڪيو ويو آهي جيڪي اهي پنهنجين خانگي محفلن ۾ حضور اڪرمؐ ۽ مسلمانن جي خلاف ڪندا هئا. غلطيون پاڻ ڪندا هئا پر مڙهيندا هئا مخلص ۽ پورڙن مسلمانن مٿان. ۽ آخر ۾ ارشاد فرمايل آهي ته، "جيئن ته اهي يهودين جي اثر هيٺ هئا، تنهنڪري يهودين جي ٺلهين "اَمَانِيَّ" وانگر خدا وٽ بخشش ۽ بلند مرتبن ماڻڻ جا اميدوار پڻ هئا." بقول شاعر:

ببين تفاوتِ راه از ڪجا است تا به ڪجا!

تنهنڪري آيت ۱۱۵ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته "جيڪو شخص رسولؐ سان دشمني رکندو ۽ مخلص مومنن جو رستو ڇڏي ڪا ٻي وات وٺندو ته الله تعاليٰ کيس سندس عملن جي شامت جي حوالي ڪري ڇڏيندو ۽ آخرڪار جهنم ۾ وڌو ويندو."

نفاق جي حقيقت سورة نساء ۾ منافقن کي ڪيل خطاب جي ٻئي حصي ۾ آيت ۱۳۶ کان وٺي ۱۵۳ تائين آيتون اچي وڃن ٿيون. شروعات نهايت اثرائتي اپيل سان ڪئي وئي آهي، يعني "اي ايمان وارؤ! ايمان آڻيو الله تي، سندس رسول تي ۽ ان جي ڪتاب تي جيڪو ان (رسول) تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪتاب تي به، جيڪو هن کان اڳ نازل ڪيو ويو هو!"

ايمان جا به قسم آهن: هڪ ظاهري يا قانوني ايمان. اهو منافقن ۾ به هو. ٻيو سچو يا قلبي ايمان، جنهن تي انسان جو پڪو پختو يقين هوندو آهي. اهو منافقن ۾ نه هوندو آهي. مٿين آيتن ۾ منافقن کي خطاب فرمائيندي چيو ويو آهي ته اصلي يا قلبي ايمان جي ڪوشش ڪريو جو ته آخرت ۾ نجات جو دارو مدار الهيءَ تي ئي آهي.

ان کان پوءِ نفاق جي اصل حقيقت پڌري ڪئي وئي آهي ته اها ايمان ۽ ڪفر جي وچ ۾ شش پنج يا ٻڌتر جي حالت جو نالو آهي. مطلب

تہ هڪ پير هيڏانهن آهي تہ ٻيو پير هوڏانهن. سو آيت ع۱۳۷ ۾ فرمايو ويو آهي:
"بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ پوءِ (وري) ڪفر ۾ مبتلا ٿي ويا.
وري ايمان آندائون ۽ وري ڪفر ۾ مبتلا ٿيا. ۽ پوءِ ان (ڪفر) ۾ وڌندا
ويا، انهن کي الله ڪڏهن بہ معاف ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ نڪي ڪين رستو ڏيکارڻ
وارو آهي. اهڙن منافقن کي، اي رسول! توهان دردناڪ عذاب جي
خوشخبري ڏيئي ڇڏيو!"
آيت ع۱۴۳ ۾ فرمايو ويو:
"اهي مذبذب ٿي ويا، نہ يڪسو ٿي هيڏانهن ٿا ٿين ۽ نہ هوڏانهن".

منافقن جو ڪردار:

هتي ٻيهر انهن جي ڪردار جون ڪي جهلڪيون ڏيکاريون ويون آهن. هڪ تہ اهي ڪافرن سان سنگتون رکن ٿا ۽ انهن سان تعلقات کي پنهنجي لاءِ عزت ۽ مان جو سبب سمجهن ٿا. ٻيو تہ ايڏا بي غيرت آهن جو هن واضح هدايت هوندي بہ تہ "جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي الله جي آيتن مٿان ڪل مسخري ۽ ٺٺول ٿيندڙ هجي تہ اتان اٿي هليا وڃو!" هي اتي ويٺا هوندا آهن. ٽيون تہ هي دراصل انهيءَ انتظار ۾ آهن تہ ڏسون تہ ملهہ ڪير ٿو ماري؟ جيڪڏهن مسلمانن کي مڪمل فتح حاصل ٿيندي تہ هي اچي چوندا تہ اسين بہ تہ توهان سان شامل هئاسين. پر جيڪڏهن ڪافر غالب ٿيندا تہ هي انهن جي اڳيان پنهنجيون خدمتون ڳڻائيندا تہ اسان مسلمانن کي مختلف معاملن ۾ اهڙو تہ ڦاسائي ڇڏيو هو جو هو يڪسوئي توهان جي مقابلي لاءِ اچي نہ سگهيا. مطلب تہ اهي الله تعاليٰ ۽ ايماندارن سان دوکيبازي ڪري رهيا آهن. (اهي سگهيا لفظ سورة بقره جي ٻئي رڪوع ۾ آيل آهن) آخر ۾ انهن جي عبادت گذاري جا وڪا پڌرا ڪيا ويا آهن، تہ اهي نماز تہ پڙهن ٿا پر بيحد سستي سان ۽ اها بہ رڳو ڏيکاءَ لاءِ.

نفاق جي پڇاڙي:

ان کان پوءِ اهي ڏهڪائيندڙ لفظ آيل آهن جن جي ڪري ايمان وارن جون دليون ڪنبيو وڃن يعني:

" إِنَّ الْمُنَافِقِيْنَ فِي الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ وَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا ۝ " (منافق جهنم جي سڀ کان هيٺين طبقي ۾ هوندا ۽ تون هان انهن لاءِ ڪو مددگار نه لهندا). نعوذ بالله من ذالك .

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَعُوْذُ بِكَ مِنَ النِّفَاقِ وَالرِّيَاءِ (اي الله سائين ! اسين تنهنجي پناهه گهرون ٿا نفاق ۽ رياءڪاري کان) فَاَعِذْنَا مِنْهُمَا يَا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ .

الله ۽ سندس رسولن جي وچ ۾ تفريق

هن دگهي بحث جو خاتمو انهيءَ سائي ڳالهه تي ٿيئ ٿو جنهن سان شروعات ٿي هئي، يعني نه الله ۽ سندس رسولن جي وچ ۾ تفريق (ويڇو). يعني ته الله کي مڃجي پر رسولن جو انڪار ڪجي، يا رسولن مان ڪن کي مڃجي ته ڪن کي نه مڃجي؛ يا الله تعاليٰ جي اطاعت جو اقرار ڪجي پر رسولن جي اطاعت ڪندي ڏکيائي محسوس ڪجي. اهي سڀ حالتون حقيقت ۾ ڪفر جون ئي حالتون آهن. " اُولٰئِكَ هُمُ الْكَافِرُوْنَ حَقًّا " جيتوڻيڪ اهي پنهنجو پاڻ کي پنهنجن خيالن ۾ مؤمن ۽ مسلم سمجهن ٿا. ٿورو غور ڪبو ته محسوس ٿيندو ته جيئن سورة بقره جي ٻئي رڪوع ۾ جنهن ڪردار جو نقشو پيش ڪيو ويو هو ۽ جنهن ۾ يهودي ۽ منافق پوري طرح ڦٽ ٿي آيا هئا، تيئن سورة نساءِ ۾ هن جاءِ تي به جنهن گمراهي کي کولي بيان ڪيو ويو آهي ان ۾ اهي ٻئي ٽولا شريڪ هئا ۽ ٻنهي جو مرض به ساڳيو ئي هڪڙو هو، يعني حضور اڪرمؐ سان بغض ۽ عداوت ۽ پاڻ سڳورنؐ تي ايمان آڻڻ ۽ سندن اطاعت ڪرڻ کان پاسو. دراصل نفاق جو ٻج پوکيل ئي يهودين جو هو ۽ ان جي اوسر به يهودي سازش ۽ پروپيگنڊا جي ڪري ٿي هئي.

آخر ۾ فرمايو ويو آهي ته انهن منافقن جي ابتڙ جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسولن تي ايمان آڻين ٿا جو انهن جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي تفريق (گهٽ وڌ ويڇو) روا نٿا رکن، اهي ئي حقيقت ۾ ايمان

وارا آهن ۽ اهڙن جو اجر سندن رب وٽ محفوظ رکيل آهي.

بقول علامه اقبال رح :

بمصطفیٰ برساں خویش را کہ دیں ہمہ اوست
اگر باُو نہ رسیدی تمام بولہبی است

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين

تقرير نمبر ٦

سورة مائده

هي سورة، سورة فاتحه کي شامل ڪندي قرآن مجيد جي پنجين سورة آهي ۽ مدني سورتن ۾ پهرين ڇئن سورتن جي گروپ ۾ چوٿين ۽ آخري سورة، سورة مائده آهي. هن جي ظاهري ۽ معنوي طرح وڏيڪ ويجهڙائپ سورة نساءِ سان آهي پر مجموعي لحاظ کان ساري گروپ جا مضمون هن سورت ۾ مڪمل ۽ پوري طرح سمايل آهن. مثلاً هن ۾ :

هڪ پاسي اسلامي شريعت جو عظيم محل مڪمل ٿي چڪو آهي، جنهنجو ابتدائي خاڪو سورة بقره ۾ بيان ڪيو ويو هو، جنهن ۾ خاص طور تي گهريلو زندگي بابت احڪام ڏنا ويا هئا ۽ جنهن جي وڌيڪ تفصيل سورة نساءِ ۾ آئي هئي. اهوئي سبب آهي جو هن سورة ۾ زمين آسمان جي بادشاه جو هي اهم فرمان پڌايو ويو آهي ته "اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَ اَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا" (اڄ اسان توهان لاءِ پنهنجو دين مڪمل ڪيو آهي ۽ پنهنجي نعمت پوري ڪئي اٿئون ۽ توهان لاءِ اسلام کي پسند ۽ قبول ڪيو اٿئون.) ۽ شريعت عطا ڪرڻ کان پوءِ جيئن گذريل امتن کان شريعت جي پابندي جو پختو عهد ورتو ويو هو، تيئن امت محمدي علي صاحبها الصلواة والسلام کان به ورتو ويو. اهڙي طرح هي سورة ڄڻ "سورة ميثاق" آهي.

هن سورة جو نهايت موزون عنوان "عهد پاڙڻ" جو حڪم چئي سگهجي ٿو ـــــ يعني "يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ" (اي ايمان وارؤ! پاڙيبو پنهنجا عهد ۽ قول اقرار).

ٻئي پاسي اهل ڪتاب کي دعوت، ملامت ۽ حجت پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾ جيڪو ڊگهو بحث گذريل ٽن سورتن ۾ آيو پئي تنهن ني آخري مهر هن سورة ۾ هنئي ويئي آهي. اهڙيءَ طرح اهو مضمون به مڪمل ٿيو آهي.

مٿيون ٻئي ڳالهيون مدني سورتن جي گروپ ۾ عمود وانگر آهن. انهن ٻنهي ڳالهين کانسواءِ ٻيا به اهم مضمون جيڪي پوين سورتن ۾ آيل آهن سي هن سورة ۾ تڪميلي رنگ ۾ بيان ڪيل آهن. مثال طور حق جي شاهدي ۽ ان جا دنيوي اخروي پهلو؛ جهاد في سبيل الله ۽ ان کان نتائيندڙ منافقن کي تنبيهه ۽ ملامت؛ عقائد ۽ ايمانيات جون بنيادي ڳالهيون ۽ ديني حڪمت ۽ معرفت جا قيمتي موتي.

مٿين ابتدائي معلومات کان پوءِ اچو ته هن سورة جي مضمونن جو تفصيلي جائزو وٺون: ـــــ ان سلسلي ۾ اڳي ئي واضح ڪيو ويو آهي ته سورة نساءِ وانگر هن سورة جا مضمون به مختلف تاندورن مان وٺيل هڪ نوڙي وانگر پاڻ ۾ بلڪل ڳنڍيل آهن ۽ هڪ ٻئي کان عليحده حصن ۾ ورهايل ڪين آهن.

شريعت جا تڪميلي احڪام

اسلامي شريعت جي سلسلي ۾ جيڪي تڪميلي حڪم هن سورة سڳوري ۾ نازل ٿيا آهن اهي مختصر طور هيٺ ڏجن ٿا.

(١) کائڻ پيئڻ ۾ حلال حرام بابت آيت نمبر ٣ کان ۵ تائين ۾ سورة بقره ۾ بيان ٿيل ضابطي جي وڌيڪ تشريح ڪئي ويئي آهي. هڪ پاسي مر دار رت ۽ سور وغيره جي فهرست ۾ آيل "مردار" جي وڌيڪ تشريح ڪئي ويئي آهي يعني گهٽو ڏيئي ماريل، ڌڪ ڏئي مئل، مٿاهين تان ڪري مئل يا ڪنهن ٻئي جانور

جي سڱن وڳھي مثل جانور/سيپ مردار آهن . ۽ ٻئي پاسي شرڪ جي باطني گندگي جي ڪري غير الله جي نالي ذبح ڪيل جانورن سان گڏ، انهن جانورن کي به حرام ڪيو ويو آهي جيڪي ڪنهن آستاني تي ذبح ڪيا وڃن؛ خواه ذبح ڪرڻ وقت الله جو نالو ڇو نه ورتو وڃي .

از انسواءِ شڪاري جانورن وسيلي پڪڙيل شڪار ۽ اهل ڪتاب جي هٿان ذبح ڪيل جانور حلال آهن . جهنگلي جانورن جي ماريل شڪار بابت وضاحت ڪئي وئي آهي ته جيڪڏهن اهي جيئرا هجن ۽ ڪاتي رسي وڃن ته حلال آهن .

(٢) نڪاح جي باري ۾ آيت نمبر ٥ ۾ اهل ڪتاب جي شريف خاندانن عورتن سان نڪاح جي اجازت آهي، پر نڪاح ۾ انهن سيني شرطن جو خيال رکيو جن جي وضاحت سورة نساءِ ۾ آيل آهي .

(٣) جان ۽ مال جي حرمت، جيڪا انساني سماجي زندگي ۾ شاه شريان جي حيثيت رکي ٿي ۽ جنهن بابت اصولي گفتگو سورة نساءِ ۾ گذري چڪي آهي، ان بابت آيت نمبر ٢٧ کان ٣٤ تائين (۾) ناحق قتل کي سخت ننديو ويو آهي ان سلسلي ۾ پهريائين هابيل ۽ قابيل جو واقعو ۽ پوءِ تورات جو حڪم بيان ڪيو ويو آهي ۽ تنهن کان پوءِ انهن ماڻهن لاءِ سزا جي تشريح ڪئي وئي آهي جيڪي معاشري ۾ بدامني ۽ فساد ڦهلائين ٿا . آيت نمبر ٣٨ ۽ ٣٩ ۾ چور جي سزا هٿ وڍڻ جو ذڪر آهي ۽ آيت نمبر ٤٥ ۾ قصاص جي ضابطن جي وڌيڪ وضاحت ڪئي وئي آهي .

(٤) آيت نمبر ٨٨ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته بي مقصد کنيل قسمن تي پڪڙ ڪانهي پر سوچي سمجهي کاڌل قسمن ڀڃڻ تي ڪفارو ڏيڻو پوندو . يعني ڏهن مسڪينن کي ماني کارائي يا ڪپڙا ڍڪائجن يا هڪڙو غلام آزاد ڪيو ۽ جيڪڏهن انهن جي طاقت نه آهي ته ٽي ڏينهن روزا رکڻا پوندا .

(٥) آيت نمبر ٨٩ ۽ ٩٠ ۾ شراب، جوا، آستانن تي وڃڻ ۽ پاسن وجهڻ

(لاءِ تيرن جو استعمال) قطعي ۽ بلڪل حرام ھجڻ ـــــ جو اعلان ڪيو ويو آھي. پونين ڳالھين جو ذڪر آيت نمبر ٢ ۾ ڪيو ويو آھي:

(٦) نماز جي ذڪر ۾ آيت نمبر ٦ ۾ وضو ڪرڻ جي تفصيل ڏنل آھي. پر مجبوري ۽ معذوري جي حالت ۾ وضو ۽ غسل بنھي جي بدران تيمم جي سائي ضابطي جو اعلان ڪيو ويو آھي جيڪو سورة نساءِ ۾ اڳي ئي بيان ٿي چڪو آھي.

(٧) حج ۽ مقاماتِ حج سان تعلق رکندڙ ڳالھين جو ذڪر آيت نمبر ١-٢ ۽ آيت نمبر ٩٤ ۽ ٩٩ ۾ ڪيل آھي. (١) شعائر الله خاص طور تي بيت الله، حرام مھينا، ھدي، قرباني جي جانورن ۽ بيت الله جي حاجين جو احترام ڪرڻ لاءِ تاڪيدي حڪم ڏنا ويا آھن. (معلوم ھجي ته صفا ۽ مروه شعائر الله آھن، ان جي وضاحت سورة بقره ۾ آيل آھي.) (٢) احرام جي حالت ۾ شڪار ڪرڻ جي منع ۽ ان حڪم جي خلاف ورزي تي سزا جو ضابطو تفصيل سان بيان ڪيو ويو آھي. البته سامونڊي شڪار کي ان حڪم مان خارج ڪيو ويو آھي.

(٨) وصيت بابت آيت نمبر ١٠٦ کان ١٠٨ تائين شاھدي جي قانون جي تفصيل ڏنل آھي. خاص طور تي مسافري ۾ جا ڪرڻ گھرجي ۽ جيڪڏھن وصيت يا ان جي شاھدي بابت شڪ پيدا ٿي پوي ته پوءِ ڇا ڪجي، تنھن جو ابتدار آھي.

شريعت جي حڪمت

تشريع جي حڪمت بابت قيمتي ھدايتون جيڪي ھن سورة ۾ ڏنل آھن سي ھي آھن:

١- حڪم جو اختيار الله کي آھي ۽ سندس اھو حق خود اختياري ۽ مطلق آھي. "إِنَّ اللهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيدُ" (الله جيئن چاھي تئين حڪم ڏئي ٿو) آيت نمبر ١.

٢- شريعت جي حڪمن تي مسلمانن کي معذرتي انداز اختيار ڪرڻ جي بدران خود اعتمادي ظاھر ڪرڻ گھرجي ۽ ماڻھن جي طعن تنڪن جي

هرگز پرواه نہ ڪرڻ گهرجي. "فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ" آيت نمبر٣. (انهن کان نہ ڊڄو فقط مون کان ڊڄو) .

٣-شريعت جو قانون بار نہ آهي پر هڪ نعمت آهي! "وَلِيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ" آيت نمبر ٦ . (۽ تہ جيئن نعمت پوري (طرح عام) ڪري توهان تي تہ من توهين شڪر ڪريو) .

٤- تشدد پسندي بہ فتني جو ڪارڻ آهي. اجازتن مان فائدو وٺي دل من هٺ چڱي ڳالهہ ڪانهي. "مَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيَجْعَلَ عَلَيْكُمْ مِنْ حَرَجٍ" آيت نمبر٦ (الله توهان لاءِ ڏکيائي پيدا ڪرڻ نٿو گهري!) .

٥-اهڙيءَ طرح الله وٽان حلال ڪيل شيون هرو ڀرو پاڻ تي حرام ڪرڻ بہ وڏي گمراهي آهي. (آيت نمبر٨٧-٨٨) .

٦- ساڳئي طرح ايمان آڻڻ کان اڳ جيڪي حرام شيون کاڌيون يا پيتيون ويون هيون، تن بابت پريشاني جي ضرورت نہ آهي. اهي سڀ ايمان آڻڻ ۽ توبہ ڪرڻ سان ميٽجيو وڃن. (آيت نمبر ٩٣) .

٧- ايمان وارن کي ناپاڪ شين جي ڪثرت (گهڻائي) کان خوف نہ ڪرڻ گهرجي. اصل شيءِ تہ طهارت ۽ پاڪائي آهي. گهڻائي يا گهٽتائي ڪا بہ شيءِ نہ آهي. (آيت نمبر ١٠٠)

٨- هر ويهڪ گهڻا سوال نہ پڇجن ; خاص طور تي قرآن مجيد نازل ٿيڻ وقت تہ غير ضروري پڇ پڇان مباح شين کي گهٽائڻ جو سبب ٿئي ٿي. (هائي تہ خراب عادت هئي جنهن کي اختيار ڪرڻ ڪانءِ يهودين پنهنجو پاڻ تي شريعت جو بار گرو ڪرائي ڇڏيو هو. (آيت نمبر ١٠١) .

٩- آخري ۽ اهم ترين ڳالهہ هي آهي تہ شريعت سڄوري هڪ مڪمل وحدت آهي جنهن کي ياڱن ۾ ورهائي نٿو سگهجي. سو هڪ ياڱي جو انڪار ساري شريعت جو انڪار آهي. جيڪو مسلمان شريعت جو ڪو ضابطو ڄاڻي ٻجهي ٽوڙي ٿو سو جڻ ايمان سان گڏ ڪفر ڪري ٿو. ائين ڪرڻ سان سڀ چڱا عمل برباد ٿي ويندا

آهن "وَمَنْ يَّكْفُرْ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ٥" (آيت نمبر ٥)

هي ته اهو ساڳيو مضمون آهي جيڪو هن کان اڳ سورة بقره ۾ يهودين کي خطاب ڪندي هيٺين لفظن ۾ چيو ويو هو :

"اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰى اَشَدِّ الْعَذَابِ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ٥" (ڇا توهان الله جي ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان رکو ٿا ۽ ٻئي حصي کان انڪار ڪريو ٿا؟ جيڪي ماڻهو توهان مان ائين ڪن ٿا تن جي سزا دنيا جي زندگي ۾ خواري کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي ۽ آخرت ۾ اهي سخت ترين عذاب طرف موڪليا. الله انهن ڳالهين کان ناواقف ناهي جيڪي تو هين ڪري رهيا آهيو.)

شريعت رکندڙن جي ذميواري ۽ جوابداري: شريعت سڳوري بابت آخري ۽

نهايت ضروري ڳالهه هي آهي ته موهڪ معاملو آهي الله ۽ شريعت رکندڙ امت جي وچ ۾. تنهنڪري شريعت جي پيڪڙي حقيقت ۾ انهيءَ معاهدي يا عهدنامي جي پيڪڙي آهي. ان ۾ سستي ڪرڻ سان عاقبت تباهه ٿيڻ جو خطرو آهي. اها ڳالهه هن سورة ۾ ٽن نمونن ۾ ورجايل آهي ۽ ٽنهي طريقن ۾ اڳوڻين امتن جو حوالو ۽ سندن محرومي جو داستان بيان ڪيل آهي:

١. لفظ "ميثاق" جي حوالي سان آيت نمبر ٧ ۾ مسلمانن کي فرمايو ويو آهي: (ياد رکجو پاڻ تي الله جي هن نعمت کي ۽ ان ميثاق کي جنهن ۾ الله توهان کي ٻڌي ڇڏيو آهي جڏهن توهان چيو هو ته "اسان ٻڌو ۽ مڃيو" ۽ الله کان ڊڄندا رهو، هو دلين جي رازن کان به واقف آهي) ۽ پوءِ آيت نمبر ١٣ کان ١٤ تائين فرمايو ويو آهي ته انهي طرح اسان "ميثاق" ورتو هو بني اسرائيل کان ۽ نصاريٰ کان به. پر انهن ڄاڻي ٻجهي ان عهد کي پٺي ۽ بلڪل وساري ڇڏيو. اهو ئي

سبب آهي تہ کانئن شريعت جي نعمت کسي توهان کي ڏني ويئي آهي.

٢-”حڪم بما انزل الله“ جي اصطلاح جي حوالي سان آيت نمبر ١ ۾ فرمايو ويو آهي: (الله جيڪو چاهي ٿو سو حڪم ڏئي ٿو) آيت نمبر ٤٤ ۾ فرمايو ويو آهي: ”اسان توريت نازل ڪئي هئي، جنهن ۾ هدايت بہ هئي ۽ روشني بہ. جنهن جي ذريعي الله جا نبي فيصلا ڪندا هئا.“ ان کان پوءِ آيت نمبر ٤٤، ٤٥ ۽ ٤٦ ۾ ڪنبائيندڙ لفظ آهن جن جو مطلب آهي تہ ”جيڪي ماڻهو الله جي نازل ڪيل شريعت مطابق فيصلا نہ ڪن سي ڪافر آهن، اهي ئي ظالم آهن ۽ اهي ئي فاسق آهن؟“ هيءُ اهو زبردست ڌوڪو هو جنهن جا مجرم يهودي بہ هئا تہ نصاريٰ بہ هئا. آخر ۾ آيت نمبر ٤٨ ۽ ٤٩ ۾ ورجائي ورجائي آنحضور صلى الله عليہ وسلم کي چيو ويو آهي تہ ”فيصلو ڪريو، انهن جي وچ ۾ الله جي طرفان نازل ڪيل شريعت مطابق“ ۽ آيت نمبر ٥٠ ۾ ڏونڌاڙيندڙ انداز ۾ فرمايو ويو آهي ”ڇا اهي ماڻهو جاهليت جي فيصلن جا طلبگار آهن. جڏهن تہ ايمان وارن ۽ يقين رکندڙن لاءِ الله جي حڪم کان وڌيڪ ڀلو بہ ڪنهن جو بہ فيصلو نٿو ٿي سگهي.“

٣- ۽ ٽيون ”اقامت ما اُنزل من الله“ جي حوالي سان: آيت نمبر ٦٦ ۾ اهل ڪتاب جي باري ۾ فرمايو ويو آهي: ”جيڪڏهن اهي قائم ڪن ها توراة ۽ انجيل ۽ جيڪو نازل ڪيو ويو هو انهن ڏانهن سندن رب وٽان، تہ برڪتون نازل ٿين ها انهن تي سندن مٿان ۽ رزق جا چشما ڦٽي نڪرن ها سندن پيرن هيٺان!“ ۽ پوءِ آيت نمبر ٦٨ ۾ وڏي واڪي اعلان ڪيو ويو آهي تہ (اي نبيؐ) توهان انهن کي چئي ڇڏيو تہ اي اهل ڪتاب! توهان جو ڪو بنياد آهي ئي ڪونہ جيستائين توهين قائم نہ ڪريو توراة ۽ انجيل کي ۽ ان شيءِ کي جيڪا توهان ڏانهن توهان جي رب وٽان نازل ڪئي ويئي آهي!“

ڪاش! مسلمان هن آيت ۾ ”يا اهل الڪتاب“ جي بدران

"يا اهل القرآن" جا لفظ ذهن ۾ رکي پڙهن نه هوندڪين خبر پوي ته خدا جي رحمت ڪانئن ڇو رنل آهي؟ ۽ اسان جون دعائون ڇو قبول ڪونه ٿيون ٿين؟ هڪ حديث جي شروعات ۾ واقعي "يا اهل القرآن" جا لفظ آيا آهن جنهن ۾ حضور اڪرمﷺ جن مسلمانن کي قرآن رکندڙ امت جي ذميوارين کان واقف فرمايو آهي.

شهادت علی الناس

عام ماڻهن مٿان الله تعاليٰ جي طرفان، حق جي گواهي ۽ حجت پوري ڪرڻ لاءِ جيڪو فرض اڳوڻا نبي ۽ رسول ادا ڪندا آيا آهن ۽ جيڪو هاڻي مسلم امت تي به مقرر ڪيل آهي تنهن بابت هن سورت مبارڪ ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

١- هڪ آهي سا ڳيا عظيم لفظ ٿوري گهڻي لفظي مٽا سٽا سان آيت نمبر ٨٠ ۾ آيا آهن جيڪي هن کان اڳ سورة نساءِ جي آيت نمبر ١٣٥ ۾ به آيا آهن، يعني ـــــ "اي ايمان وارؤ! پوري قوت ۽ مڙسي سان الله لاءِ اٿي کڙا ٿيو، عدل ۽ انصاف جا گواه بڻجي!" وڌيڪ فرمايو ويو ته "ڪنهن قوم جي عداوت توهان کي ايترو آماده نه ڪري جو توهين عدل جي وات کان هٽي وڃو. عدل ڪريو اها تقويٰ سان تعلق رکندڙ شيءِ آهي." ساڳئي مضمون جي وڌيڪ تاڪيد هن کان اڳ الهيءَ سورة مبارڪ جي آيت نمبر٢ ۾ به اچي چڪي آهي. ان ۾ اضافو فقط ايترو آهي ته مسلمانن کي نيڪي ۽ تقويٰ جي ڪمن ۾ تعاون ڪرڻ لاءِ هردم تيار رهڻ گهرجي ۽ گناهه ۽ ظلم ۾ ڪڏهن به تعاون نه ڪرڻ گهرجي.

٢- بيونه هن سورة جي پڇاڙي ۾ آيت نمبر ١٠٩ کان ١٢٠ تائين هڪ جهلڪ ان حقيقت جي ڏيکاري وئي آهي جنهن بابت سورة نساءِ جي آيت نمبر ٤١ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قيامت جي ڏينهن عدالت لڳندي جتي سڀ نبي، رسول ۽ حق جا داعي سرڪاري گواهن جي حيثيت ۾ سندن امتن جي برخلاف گواهي لاءِ ڪڙا ڪيا ويندا. ان جو به نقشو ڇٽيو ويو آهي ته ڪيئن حضرت مسيحؑ

اچي شاهدي ڏيندو ته ”اي رب سائين! مون ته انهن کي هرگز اهڙو حڪم نه ڏنو هو، سواءِ انهن جي جن جو توهان مون کي حڪم ڏنو هو ـــــ باقي سندن اعتقادي گمراهي ۽ عملي ڏنگائي جا جوابدار نه اهي پاڻ آهن“.

جهاد في سبيل الله

ساڳئي طرح جهاد ۽ قتال جي حڪم ۽ ان لاءِ رغبت ۽ شوق ڏيارڻ جي سلسلي ۾:

١- سپ کان اڳ آيت نمبر ٢٠ کان ٢٦ تائين بني اسرائيل جي تاريخ جو اهو شرمناڪ واقعو بيان ٿيو آهي جڏهن انهن تي قتال فرض ٿيو ته انهن صاف انڪار ڪري ڇڏيو ته اسان کان اهو ڪم ڪونه ٿيندو. تنهن تي الله جي رسول حضرت موسىٰ عليه السلام کي ڏٺي دل سان عرض ڪرڻو پيو ته ”اي رب منهنجا! مون کي پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي ڀاءُ کانسواءِ ٻئي ڪنهن تي به اختيار نه آهي، سو تون اسان ۾ اسان جي قوم جي وچ ۾ تفريق فرمائي ڇڏ“ هي لفظ جڻ تشريح آهن انهيءَ ساڳئي ڳالهه جي، جيڪا سورة نساءِ ۾ نبي اڪرمؐ کي چئي ويئي هئي ته ”جيڪڏهن اهي ماڻهو قتال لاءِ نه تيار ٿين ته توهين اڪيلا نڪري پئو!“ ان ڳالهه جو عڪس حضرت ابوبڪر صديق رضه جي سيرت ۾ به نظر اچي ٿو جڏهن زڪوات کان انڪار ڪندڙن جي لاءِ قتال جي مسئلي ۾ اختلاف راءِ پيدا ٿيو هو. ان وقت حضرت ابوبڪر صديقؓ جن فرمايو ته ”جيڪڏهن ٻيو ڪو جنگ لاءِ تيار نه ٿيو ته آئون اڪيلو ئي نڪرندس“.

٢- ايمان وارن کي پهرياڻين آيت نمبر ٣٥ ۾ مثبت طور جهاد لاءِ اپاريو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته الله تائين پهچڻ ۽ سندس راضپو حاصل ڪرڻ جو اصلي ذريعو فقط جهاد في سبيل الله ئي آهي. ٻوءِ وري آيت نمبر ٥٣ ۾ مسلمانن کي تنبيهه ڪئي ويئي آهي، جيڪڏهن توهان پنهنجن ديني فرضن ادا ڪرڻ کان نٽائيندا ته الله توهان کي پنهنجي دربار مان ڪڍي ڇڏيندو ۽ ڪنهن ٻئي قوم کي توفيق بخشيندو جيڪا اڳتي وڌي انهن فرضن پوري ڪرڻ لاءِ ڪمر ٻڌي تيندي“.

حڪمت ۽ معرفت

بنيادي ايمانيات ۽ دين جي فلسفي ۽ حڪمت پريل ڳالهين جي سلسلي ۾ :

هڪ ته آيت نمبر ۹۳ وڏي اهميت رکي ٿي، جنهن ۾ ايمان ۽ چڱا عمل هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. تنهن کان پوءِ احسان جو منزلون اچن ٿيون جن ۾ ترقي ۽ "سير الى الله" جي اصلي تحريڪي قوت يعني تقوىٰ، جو نهايت فصاحت بلاغت ۽ جامعيت سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

ٻيو ته دعوت، تبليغ ۽ شهادت على الناس جي سلسلي ۾ ٻه عظيم حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن يعني هڪ ته آيت نمبر ٦٧ مطابق تبليغ ڪبي ته مڪمل دين جي ڪبي. ان ۾ ڪا هڪڙي ڳالهه لڪائڻ ساري دين کي لڪائڻ ليکيو ويندو. ٻيو ته آيت نمبر ١٠٦ مطابق جيڪڏهن ڪوماڻهو پنهنجي وسعت ۽ آخري امڪاني حد تائين تبليغ جو حق ادا ڪري ٿو ته پوءِ ڪنهن جي گمراهي هن کي نقصان نه رسائي سگهندي.

دشمنن کي خطاب

جيستائين يهودين، نصارن ۽ منافقن جو تعلق آهي ته هن سورة مبارڪ ۾ هڪ ڀيرو وري انهن کي ايمان ۽ اصلاح جي دعوت ڏني ويئي آهي. ۽ سندن اعتقادي ۽ عملي گمراهين کي به واضح ڪيو ويو آهي ۽ کين ملامت به ڪئي ويئي آهي

البته موضوع جي لحاظ کان هن سورة مبارڪ کي "حرف آخر" جو درجو حاصل آهي. ان سلسلي ۾ اهل ڪتاب جنهن نموني "ڪتاب ۽ شريعت جي ميثاق" جي ابتڙ هليا هئا ۽ "حڪم بما انزل الله" ۽ "اقامت ما انزل الله" جي سلسلي ۾ ڪوتاهيون ڪيون هيون تن جو ذڪر اڳي گذري چڪو آهي. آيت ٧٨ ۾ فرمايل آهي ته انهن ڪرتوتن جي ڪري يهودين تي اڳي به حضرت دائود عليه السلام ۽ ان جي تڪميل ڪاڻ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم ۽ قرآن مجيد جي ذريعي ٿي رهي آهي ———— البته نصارن ۾ اهڙا حق پسند راهب ۽ قسيسي موجود آهن جيڪي جڏهن قرآن مجيد جون

آيئون بڌن ٿا ته سندن اکين مان لڙڪ ڪري پون ٿا ۽ روئندي پڪارين ٿا ته "اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو آهي ۽ اسان جو نالو شاهدن ۾ لکي ڇڏ!"
ان سلسلي ۾ آخري تنبيهه آيت علا ۾ آئي آهي. ترجمو هي آهي:
"اي اهل ڪتاب! آيو آهي توهان وٽ اسان جو رسول (صلى الله عليه وسلم) رسولن جي سلسلي ۾ ڪجهه عرصي کان پوءِ، جيڪو هدايت جي وات واضح ڪري ٿو اهوان عري جو متان توهان چئو ته اسان وٽ ڪو به بشارت ڏيڻ وارو ۽ خبردار ڪرڻ وارو آيو. سو هاڻي آيو آهي بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ!"
يعني آنحضور ﷺ جي اچڻ کان پوءِ هاڻي توهان وٽ ڪو به عذر نه آهي — اهي لفظ گويا تشريح آهن ان ضابطي جي جيڪو سورة نساءِ ۾ هنن لفظن ۾ بيان ٿيل آهي:
رُسُلاً مُّبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌ بَعْدَ الرُّسُلِ ؕ
وَآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين

تقرير نمبر ٧
بيو گروپ

الانعام —— کان —— التوبه

قرآن حڪيم جو اٺڪل ٻه پاڱي ٻن حصومڪي سورتن تي ٻڌل آهي، انهن مان سورة انعام ۽ سورة اعراف ڪلام پاڪ ۾ سڀ کان ڊگهيون سورتون جوهڪ نهايت حسين جميل جوڙو آهي.
ٻنهي ۾ خطاب جو رخ بني اسماعيل ۽ خاص ڪري مڪي جي قريش

ڏانهن آهي. ساري قرآن مجيد ۾ جيڪي دليل توحيد، رسالت ۽ آخرت تي ايمان آڻڻ لاءِ دعوت ڏيندي بيان ڪيا ويا آهن تن جو هڪ جامع خلاصو انهن ٻنهي سورتن ۾ اچي ويو آهي. ڇو ته جيئن ته اهي سورتون مڪي دور جي آخري حصي ۾ نازل ٿيون هيون، انڪري انهن ۾ تنبيه جو انداز به ڪجهه خاص نمايان آهي. ٻيو ته ان زماني ۾ آنحضورؐ جي دعوت جون ڳالهيون عربستان اندر ٻري ٻري تائين پکڙجي چڪيون هيون ۽ پاڻ سڳورن جي مخالفت ۾ اسڏي طرح يهودي به شامل ٿي چڪا هئا، تنهن ڪري ڪن هنڌن تي انهن جا اعتراضن جو جواب به ڏنو ويو آهي. البته سڌو سنئون خطاب انهن کي نه ڪيو ويو آهي جيستائين مسلمانن جو تعلق آهي ته جيئن ته اهي اجا تائين فقط هڪ تبليغي يا داعي جماعت وانگر هئا ۽ اجان انهن لاءِ پنهنجو معاشرو ۽ رياست قائم ڪرڻ جو مرحلو نه آيو هو، تنهنڪري شريعت جا تفصيلي حڪم اجان تائين نه ڏنا ويا هئا. البته آنحضور صلی الله عليه وسلم ۽ سندن جان نثار ساٿين کي ان وقت هلندڙ حق ۽ باطل جي سخت ڪشمڪش ۾ صبر ۽ بردباري اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي ۽ حالتن مطابق کين هدايتون پڻ ڏنيون ويون آهن.

سورة انعام ۽ سورة اعراف جي وچ ۾ مضمونن جي ورڇ کي شاه ولي الله دهلويؒ جي اختيار ڪيل ٻن اصطلاحن جي مدد سان چڱيءَ طرح سمجهي سگهجي ٿو. يعني سورة انعام ۾ گهڻو ڪري "اَلتَّذْكِيْرُ بِآلَاءِ اللهِ" آهي يعني الله تعالیٰ جي احسانن ۽ سندس عام ربوبيت جي نشانين جي ذڪر سان ايمان ڏانهن سڏيو ويو آهي ۽ سورة اعراف ۾ "التذكير بِاَيَّامِ اللهِ" جي ڳالهه آهي يعني گذريل قومن جي طرفان الله جي رسولن کي ڪوڙو ٺهرائڻ ۽ سندن سڏ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ جي ڪري جيڪي عذاب نازل ٿيا تن جو ذڪر ڪري تنبيه ڪئي وئي آهي.

سورة انعام

حضرت ابراهيمؑ جو ذڪر

سورة انعام ۾ ١٦٥ آيتون ۽ ٢٠ رڪوع آهن ۽ بلڪل وچ تي حضرت ابراهيم عليه السلام جو ذڪر آهي ته ڪيئن حضرت ابراهيمؑ جن سخت شرڪ جي پاڻ اونداهه ۾ اک کولي هئي پر پنهنجي سالم فطرت ۽ سالم عقل جي رهنمائي ۾ توحيد جي نور تائين پهچي ويو ۽ پوءِ حد درجي مخالف ماحول ۾ ڪيئن صبر، ثابت قدمي ۽ وڏي استقلال ۽ مڙسي سان توحيد تي جمي بيٺو رهيو ۽ نه رڳو ساري قوم جي مخالفت کين هيسائي يا ٻي همت ڪري ڪين سگهي پر حضرتؑ جن پنهنجن دليلن سان قوم کي شڪست ڏني.

حضرت ابراهيمؑ جو ذڪر خاص طرح انهيءَ ڪري ڪيو ويو، ته مڪي جا قريش به نسلي لحاظ کان سندس ئي اولاد مان هئا ۽ اهي ابراهيمي دين تي ڪاربند هجڻ جا دعويدار به هئا. ان دين کي هو دين حنيف پڻ ڪوٺيندا هئا. تنهنڪري انهن تي واضح ڪيو ويو آهي ته تو هان جو ڏاڏو حضرت ابراهيمؑ ته باطل معبودن جو انڪاري هو ۽ اعلان ڪيو هئائين ته:

يٰقَوْمِ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ۝ اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝	اي منهنجي قوم وارؤ! آءُ انهن سڀني شين کان بيزاري ۽ لاتعلقي جو اعلان ڪريان ٿو جن کي توهين خدائي ۾ شريڪ سمجهو ٿا. هون ته بلڪل هڪ

پنهنجو رخ ان هستي طرف ڪيو آهي جنهن زمين ۽ آسمان خلقيا آهن ۽ آئون مشرڪن مان نه آهيان. (انعام: آيت ٧٨-٧٩).

۽ پوءِ جڏهن قوم کيس سندن خيالي معبودن ۽ ديوتائن جي سزا کان به ڊيڄاريو، ته هن بنا هٻڪ اعلان ڪيو ته آخر آئون توهان جي ڪوڙن شريڪن کان ڇو ڊڄان، جڏهن ته الله سان اهڙن شين کي شريڪ ڪندي،

توهان کي کوخوف نٿو ٿئي جن لاءِ هن ڪا ثابتي نازل ڪانه ڪئي آهي.
جيڪڏهن عقل کان بلڪل ٻنهي ڪورا نه ٿيا آهيو ته پوءِ پاڻ ئي غور ڪريو
ته ٻنهي ڌرين مان ڪير وڌيڪ اطمينان ۽ بي خوفي جو حقدار آهي؟ پڌوءِ
ته حقيقي امن فقط انهن لاءِ ئي آهي ۽ هدايت وارا فقط اهي آهن جن
ايمان آندو ۽ پنهنجي ايمان کي شرڪ جي پليتيءَ سان گڏ ٿيڻ نه ڏنائون؟

بني اسرائيل جانبي

حضرت ابراهيمؑ جي ذڪر سان گڏ هن سورة مبارڪ ۾ سترنهن ٻين نبين ۽ رسولن جو
ذڪر به آيل آهي. معلوم هجي ته نبين سڳورن جي نالن جو ايڏو وڏو ۽ حسين
گلدستو ساري قرآن ۾ هن هنڌ کان علاوه فقط هڪڙي هنڌ آيل آهي يعني
سورة انبياءِ ۾ انهن جليل القدر نبين ۽ رسولن جي ذڪر کان پوءِ ٻه ڳالهيون
نهايت اهم ارشاد ٿيون آهن: هڪ ته بفرض محال جيڪڏهن اهي اعليٰ انسان
به شرڪ ڪن ها ته سندن ايڏي مرتبي ۽ شان هوندي به سندن عمل بيڪار ٿي
وڃن ها ۽ سندن سموريون نيڪيون برباد ٿي وڃن ها. مطلب ته شرڪ
ايڏو ته وڏو ڏوهه آهي جو ان جي موجودگيءَ ۾ وڏيون وڏيون نيڪيون به
فائدو ڏيئي نٿيون سگهن. ٻيو ته آنحضورؐ کي فرمايو ويو آهي ته اها پاڪ
جماعت هئي جيڪا الله جي طرفان هدايت تي هئي توهين ان جي نقش قدم
تي هلو يعني راهه حق تي جيڪي مصيبتون، انهن انسانن سٺيون ۽
جنهن صبر ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو انهن انسانن ڪيو سو ساڳيو طريقو
اوهان کي ۽ توهان جي مومن ساٿين کي به ڪرڻ گهرجي. گفتگو جي وچ ۾
اهل ڪتاب تي اها ڳالهه واضح ڪئي ويئي آهي ته حضور اڪرمؐ ۽ سندن مومن ساٿي
ـــــــ ڪنهن به نسلي تعصب ۾ هرگز قائل نه آهن جو ته جيتوڻيڪ
بني اسرائيل جانبي نسلي لحاظ کان يهودين جا بزرگ آهن پر قرآن انهن
جو اعليٰ مرتبو ۽ شان بيان ڪرڻ ۾ بخيلي کان ڪم ڪين ورتو آهي.

محسوس معجزي جو مطالبو

حضرت ابراهيمؑ جي ذڪر کي

هن سورة سگوري ۾ مرڪزي اهميت حاصل آهي ۽ سندن ذڪر ۾ ان صورتحال جي هڪ حقيقي جهلڪ ڏيکاري ويئي آهي جيڪا ان وقت مڪي شريف ۾ موجود هئي. هڪ طرف آنحضور صلى الله عليه وسلم ۽ سندن جانثار هئا ۽ ٻئي پاسي قريش سردار ۽ سندن پوئلڳ هئا. نقشو مڙيوئي ساڳيو هو :

"آگ ہے، اولادِ ابراہیمؑ ہے نمرود ہے کیا کسی کو پھر کسی کا امتحان مقصود ہے؟

"ستیزہ کار رہا ہے ازل سے تا امروز چراغِ مصطفویؐ سے شرارِ بولہبی"

سورة انعام جي نزول وقت مڪي ۾ اها ڪشمڪش عروج تي پهتل هئي ۽ پائڻي ٿونڊ قريش سردار هر طرف کان لاجواب ٿي آخر ۾ گنيد ان تي بيٺي بيهي رهيا هئا ته "جيڪڏهن تو هين سچا نبي يا رسول آهيو ته ڪو محسوس معجزو ڏيکاريو!" ۽ پائڻي ٿونڊ هن مطالبي جي ظاهري معقوليت کان عوام به متاثر ٿيا هئا ۽ اهڙي طرح جڻ اهو هڪ عوامي مطالبو ٿي پيو هو. پر ٻئي طرف الله تعالىٰ جو جڻ اهو فيصلو هو ته هاڻي انساني نسل پنهنجو بالڪپڻ جو دور لنگهي آيو آهي جنهن ۾ اڳي هن کي محسوس معجزن جي ضرورت پوندي هئي. هاڻي جنهن شخص کي ڪا ڳالهه سمجهڻي هجي سو عقل ۽ دليل جي روشني ۾ ڳالهه سمجهي. جيستائين عقلي دليلن ۽ نشانين جو تعلق آهي نه اهي آفاق ۽ انفس (ڪائنات ۽ انسان جي اندر ۾) ۾ هر هنڌ موجود آهن ۽ ان سلسلي ۾ وڏيڪ قرآن حڪيم جون جڻيون آيتون آهن جن ڪائنات ۽ انسان جي اندر ۾ رکيل دليلن کي معجزاتي انداز ۾ اجاگر ڪيو آهي. هاڻي جيڪو شخص حقيقت ۾ هدايت جو طالب آهي تنهن جي هدايت لاءِ هتي سڀ سامان موجود آهي باقي اهي انسان جن جي عقل تي پردا چڙهي ويا آهن يا دلين تي مهرون لڳي چڪيون آهن تن لاءِ نه وڏي ۾ وڏو محسوس معجزو به مفيد نه آهي ——

هن صورتحال ۾ دراصل نبي اڪرم ۽ سندن مومن ساٿين جي صبر جو سخت امتحان مطلوب هو.

اهڙي ماحول ۾ اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ڪن ايمان وارن جي

دلين ۾ بشري تقاضائن جي ڪري اهو خيال پيدا ٿيڻ هڪ فطري ڳالهه هئي ته جيڪڏهن قريشن جو مطالبو پورو ڪيو وڃي ۽ انهن جي مرضي مطابق ڪو محسوس معجزو ڏيکاريو وڃي ته ان ۾ ڪو حرج نه آهي ؟ ٿي سگهي ٿو ته اهي ماڻهو ايمان آڻين، ۽ نه به گهٽ ۾ گهٽ انهن جي حق پسندي ۽ معقوليت جا وڪالت پڌرا ٿي پوندا .

اهوئي سبب آهي جو اهو موضوع هن سورة مبارڪ ۾ ڪيترن هنڌن تي آيو آهي. بهرحال ان موضوع تي هيءَ سورة قرآن مجيد ۾ ذروة السنا مي ڀلي چوٽي جي حيثيت رکي ٿي .

و آيت نمبر ۴۸ ۽ ۴۹ ۾ فرمايو ويو آهي :

”اسين پنهنجن رسولن کي فقط بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ بنائي موڪليندا آهيون. پوءِ جيڪي ايمان آڻيندا ۽ پاڻ سڌاريندا تن لاءِ ڪو به خوف ۽ رنج نه آهي ۽ جيڪي اسان جين آيتن کي ڪوڙو ڪندا سي پنهنجي نافرماني جي سزا پاڻ ڀوڳيندا.“

و آيت نمبر ۱۰۴ ۾ فرمايو ويو آهي:

”ڏسو! توهان وٽ توهان جي رب وٽان بصيرت عطا ڪندڙ آيتون اچي چڪيون آهن، هاڻي جيڪو عقل ۽ بصيرت کان ڪم وٺندو ته فائدو ڪين ئي ٿيندو ۽ جيڪو انڌو ٿي پيو هلندو ته سمورو وبال به سندس سرتي پوندو. آئون توهان مٿان ذميوار هرگز نه آهيان .“

و آيت ۵۰ ۾ فرمايو ويو آهي:

”چئو ! ته مون اها دعوي ڪانه ڪئي آهي ته الله جا خزانا منهنجي وس ۾ آهن ۽ نه ئي مون کي غيب جو علم آهي ۽ نه ئي دعوى اٿم ته آئون ڪو فرشتو آهيان. آئون ته فقط ان وحي جي پيروي ڪندڙ آهيان جيڪا مون ڏانهن نازل ڪئي وڃي ٿي .“

۽ آيت ٤ کان ٩ تائين فرمايو ويو آهي :

"اي نبيؐ! جيڪڏهن اسين توهان تي انهن لکيل ڪتاب نازل ڪريون ها ۽ اهي ماڻهو ان کي هٿ لائي به ڏسن ها ته به اهي ڪافر اهوئي چون ها ته هي کليو جادو آهي. اهي چون ٿا ته (رسولؐ) تي انهن فرشتو ڇو نه نازل ڪيو ويو، پر جيڪڏهن اسين فرشتو نازل ڪريون ها ته پوءِ انهن جو فيصلو به ڪري ڇڏيون ها ۽ پوءِ کين ڪا مهلت نه ملي ها ۽ جيڪڏهن اسين فرشتو موڪليون ها ته ان کي به انسان جي صورت ۾ موڪليون ها ۽ کين ساڳئي شڪ ۾ وجهي ڇڏيون ها جنهن ۾ هي هينئر مبتلا آهن."

هي مضمون ساري قرآن مجيد ۾ فقط هن ئي سورت مبارڪ جي آيت نمبر ٣٣ کان نمبر ٣٨ تائين پهنچي عروج تي پهتل آهي جن جو ترجمو بيان ڪندي دل ڪنبيو وڃي ٿي، ڇو ته بظاهر انهن ۾ آنحضور صلى الله عليه وسلم تي عتاب (ڪاوڙ) فرمايو ويو آهي. پر اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته جيتوڻيڪ ظاهر ۾ خطاب آنحضورؐ کي ڪيو ويو آهي پر ڌمرجو رخ اصل ۾ ڪافرن ۽ دشمنن ڏانهن آهي جن پنهنجي اجائي ضد ۽ عياري سان بيڪل مطالبن جي ذريعي حضور اڪرمؐ ۽ سندن مؤمن ساٿين کي ايترو ته تنگ ڪيو ويو هو جو ڪن مسلمانن کي اهو خيال پيدا ٿيو ته ڇو نه انهن کي سندن طلب ڪيل معجزا ڏيکاري ڇڏجن. هن وضاحت کان پوءِ آيتن جو ترجمو پڙهو:

"اي نبيؐ! اسان کي چڱيءَ طرح معلوم آهي ته انهن جي ڳالهين کان توهان کي رنج پهچي ٿو. پر اهي ماڻهو توهان کي نه ڪوڙو ڪون ٿا ٺهرائين اهي ظالم ته دراصل الله جي آيتن کان انڪار ڪري رهيا آهن. توهان کان اڳ به ڪيترن رسولن کي ڪوڙو ٺهرايو ويو آهي پر انهن جي

تڪذيب ۽ ايذاءَ تي صبر ڪيو. تان جو ڪين اسان جي مدد اچي پهتي
الله جي ڳالهين کي بدلائڻ ڪنهن جي وس ۾ نه آهي ۽ اڳ گذريل رسولن
جا احوال توهان کي ٻڌايا ويا آهن. پوءِ جيڪڏهن توهان کان انهن
ماڻهن جي گوشــالي ۽ انڪار برداشت نٿو ٿئي ته پوءِ جيڪڏهن ممڪن
هجي ته توهان زمين ۾ سرنگهه کوٽي يا آسمان ۾ ڏاڪڻ رکي انهــن
لاءِ ڪا نشاني ڪڍي اچو. جيڪڏهن الله گهري ها ته انهن سڀني
کي زبردستي حق تي جمع ڪري ها ـــ سو توهين ان ناداني کان
بچو. حق جي سڏ تي لبيڪ اهي ئي ماڻهو چوندا آهن جيڪي حقيقت
۾ ٻڌندڙ هوندا آهن. باقي اهي ماڻهو جيڪي حقيقت جي لحاظ کان
مري چڪا آهن سو انهن کي الله ٻيهر اٿاريندو ۽ پوءِ اهي
هن ڏانهن ئي موٽايا ويندا ؟"

ڪافرن ۽ دشمنن جي باطني موت جي وضاحت آيت ۱۲۵ ۾ هيئن
لفظن ۾ ڪئي وئي آهي:

"انهن ۾ ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي بظاهر ته توهان جــي
ڳالهه کي ڪن ڏيئي ٻڌن ٿا پر حقيقت ۾ سندن دلين تي اسان پڙدا
چاڙهي ڇڏيا آهن جو اهي سمجهي نٿا سگهن ۽ انهن جي ڪنن
۾ ڳراڻ پيدا ڪري ڇڏي اٿئون، اهو ئي سبب آهي جو هائڻ ڪئي
ڪهڙي به نشاني ڏسن، پر ايمان ڪونه آڻيندا!"

معلوم هجي ته الله جي طرفان ڪافرن جي دلين تي پڙدو چاڙهڻ
شروع ۾ نه هو پر سندن گوشــالي ۽ انڪار جي سزا طور ائين ٿيو جيئن
ساڳئي سورت ۾ آيت نمبر ۱۱۰ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته:

"اسين ڦيرائي ڇڏيون ٿا انهن جون دليون ۽ نظرون جو ته انهن
ايمان نه آندو هو جڏهن ته حق انهن اڳيان واضح ٿي چڪو هو
اڳ ۾ ۽ اسين ڇڏي ڏيندا آهيون انهن کي ته جيئن اهي پنهنجي

سرڪشيءَ ۾ پئي ڪندا رهن ؟

توحيد ۽ آخرت

مشرڪن ۽ قيامت جي منڪرن کي توحيد ۽ آخرت تي ايمان جي دعوت هن سورت مبارڪ ۾ آفاق ۽ انفس (ڪائنات ۽ انسان) جي جن دليلن ۽ فطرت جي جن اصولن مطابق ڏني وئي آهي تن جي تفصيل جو هتي امڪان نه آهي. پرهوندڙن هي مضمون انشاءَ الله پين سورتن ۾ تفصيل سان بحث هيٺ ايندا.

يهودين کي ان سڌو خطاب

اهل ڪتاب ۽ خاص طرح يهودين کي هن سورة مبارڪ ۾ چٽن جاين تي اشارا ڪيل آهن: هڪ آيت عـ٢ـ ۾ فرمايو ويو آهي ته:

"جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو اهي هن کي يعني آنحضور صلى الله عليه وسلم يا قرآن کي بلڪل اهڙي طرح سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجن پٽن کي. اها ٻي ڳالهه آهي ته جيڪي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن سي هرگز ايمان نه آڻيندا؟"

ٻيو آيت عـ٩١ـ، عـ٩٢ـ ۾ يهودين جي مندجو ذڪر ڪيو ويو آهي ته آنحضورﷺ جي دعوت جو رستو روڪڻ جي لوري ۾ اهو به چئي ويا ته الله تعالى ڪڏهن به ڪنهن انسان تي ڪا شيءِ نازل ئي ڪانه ڪئي آهي. سو بيحد بليغ انداز ۾ انهن کان سوال پڇيو ويو آهي ته:

"اي نبيﷺ! انهن کان پڇو ته پوءِ انهي ڪتاب کي ڪنهن نازل ڪيو هو جيڪو موسىٰ آندو هو ۽ جيڪو ماڻهن لاءِ روشني به هو ته هدايت به هو ۽ جنهن کي توهان ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو آهي سو ٿورو حصو ظاهر ڪريو ٿا ۽ گهڻو حصو لڪايو ٿا؟"

انداز و ڪري سگهجي ٿو ته هن سوال تي يهودين مان جن شخص ۾ حق پسندي جو ڪو ڪڻو به هوندو تن جو ڪنڌ شرم وچان ڪيئن نه جهڪي ويو هوندو!

ٽيون ته آيت ع۱۴۶ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته ڪاڏي پيتي جي سلسلي ۾ جيڪي سخت پابنديون يهودين تي لڳايون ويون هيون سي اسلامي شريعت جو مستقل جزو نه هيون پر سندن سرڪشي جي سزا طور مٿن مڙهيون ويون هيون ۽ آخري ۽ چوٿون دفعو آيت ع۱۵۴ ۾ جتي توراة جو ذڪر نهايت شاندار لفظن ۾ ڪيو ويو آهي:

"اسان ئي موسىٰ کي اهو ڪتاب عطا ڪيو هو جنهن ۾ خير ۽ ڀلائي چاهيندڙ انسان لاءِ نعمت جي تڪميل ۽ ضروري ڳالهين جي تفصيل ۽ هدايت ۽ رحمت موجود هئي."

ان سان گڏ قرآن مجيد جو ذڪر به آيت ع۱۵۵ ۾ آهي:

"۽ اهڙيءَ طرح هي ڪتاب آهي جيڪو اسان نازل فرمايو آهي، سڄوئي خير ۽ برڪت وارو ـ سو انجي پيروي ڪريو ته جيئن توهان تي رحمت نازل ٿئي؟"

آسماني شريعتن جي بنيادي تعليم

سورة بني اسرائيل جي ٽئين ۽ چوٿين رڪوع وانگر

هن سورة مبارڪ جي اٺين رڪوع ۾ به انهيءَ بنيادي تعليمات جو خلاصو بيان ڪيو ويو آهي جيڪا سڀني آسماني شريعتن جو مضبوط حصو رهي آهي يعني (۱) الله سان ڪنهن کي به ڪنهن به طريقي سان شريڪ نه بنايو. (۲) ماءُ پيءُ سان نيڪ سلوڪ ڪريو. (۳) پنهنجي اولاد کي مفلسي جي ڊپ کان قتل نه ڪريو، اسين ئي توهان کي رزق ڏيون ٿا ۽ انهن کي به ڏينداسين. (۴) بي حيائي جي ڳالهين کي ويجهو به وڃو، خواه اهو ظاهري هجن يا لڪل. (۵) ڪنهن کي به ناحق قتل نه ڪريو. (٦) يتيمن جي مال جي ويجهو نه وڃو پر احسن طريقي سان، تان جو اهي بالغ ٿي وڃن. (۷) تور ماپ پوريءَ طرح ڪريو، وس پڄندي مڪمل عدل انصاف سان] (۸) جڏهن ڳالهايو ته انصاف جي ڳالهه ڪريو پوءِ ڀلي معاملو ڪنهن مائٽ جو ئي ڪٿي هجي! (۹) الله سان ڪيل عهد

پورا ڪريو. (١٠) آخري ۽ اهم ترين ڳالهه اها آهي ته هي ئي منهنجو سنئون رستو آهي، ان جي ئي پيروي ڪريو ۽ ٻين پيچرن تي نه هلو، اهي توهان کي سنئين رستي تان هٽائي منجهائي ڇڏيندا ـــــ ۽ اهي ئي آهن اهي ڳالهيون جن جي هدايت توهان جي رب توهان کي ڪئي آهي ته جيئن توهين سندس غضب کان بچي سگهو.

حضور اڪرمؐ جن جي طرفان حق جو نعرو

سورة جي پڇاڙي ۾ حق جو نعرو نبي اڪرمؐ جي زبان مبارڪ مان ادا ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ هڪ ڀيرو وري حضرت ابراهيمؑ جي ذڪر کي ورجايو ويو آهي، جنهن بابت اڳي ئي عرض ڪيو ويو آهي ته اهو هن سورة مبارڪ ۾ عمود، مرڪز ۽ محور جي حيثيت رکي ٿو:

"اي نبيؐ! اعلان ڪري ڇڏيو ته منهنجي رب منهنجي رهنمائي فرمائي آهي سڌي رستي ڏانهن يعني هن دين قيم ڏانهن ۽ ابراهيمؑ جي ملت ڏانهن جيڪو پاڻ بلڪل يڪسو هو ۽ هرگز مشرڪن مان ڪين هو! چئي ڇڏيو ته منهنجيون نمازون، منهنجيون قربانيون منهنجي حياتي ۽ منهنجو موت سڀ الله رب العالمين لاءِ آهن، جنهن جو ڪو به شريڪ نه آهي ان جوئي مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ آئون پاڻ سڀ کان اول پنهنجو ڪنڌ نمائيندڙ آهيان."

وآخر دعوانا ان الحمدلله رب العالمين

تقرير نمبر ٨

سورة اعـــراف

سورة اعراف قرآن مجيد ۾ اٺين سيپاري جي اڌ کان ناٺين

سيپاري جي مُني حصي نائين پڪڙيل آهي ۽ ان ۾ ٢٠٦ آيتون ۽ ٢٤ رڪوع آهن. هيءُ قرآن مجيد ۾ سيني کان ڊگهي مڪي سورة آهي. سورة انعام وانگر هن ۾ خطاب جو اصل رخ مڪي جي قريشن ڏانهن آهي، جيتوڻيڪ بني اسرائيل جي تاريخ جو اهو باب جيڪو توراة ۾ ڪتاب الخروج سان مشابهت رکي ٿو، هن سورة ۾ ڪافي تفصيل سان بيان ٿيو آهي، تاهم سورة انعام وانگر هتي به يهودين کي سڌو سنئون خطاب نه ڪيو ويو آهي. البته هي حصو تمهيد جي حيثيت رکي ٿو ان تفصيلي خطاب لاءِ جيڪو يهودين کي هجرت کانپوءِ سورة بقره ۾ ڪيو ويو هو.

قرآن حڪيم ۾ سورة ابراهيم جي آيت ٥ ۾ نبي اڪرمؐ کي خطاب ڪندي فرمايو ويو آهي ته: وَ ذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰمِ اللّٰهِ (يعني اي نبيؐ! توهين انهن کي يادگيري ڏياريو الله جي ڏينهن جي ذريعي) هن آيت ۾ الله جي ڏينهن مان مراد اهي ڏينهن آهن جن ۾ اهم تاريخي واقعات ٿي گذريا آهن. يعني اهي ايام به جن ۾ رسولن جي دعوت کان پاسو ڪرڻ جي سزا ۾ قومن جي هلاڪت ۽ تباهي جا فيصلا صادر ۽ نافذ ٿيا هئا ۽ اهي اهم واقعا به جيڪي ڪائنات جي تخليق جي سلسلي ۾ ظاهر ٿيا هئا يا ڪائنات جي خاتمي وقت ظاهر ٿيندا.

بهرحال سورة اعراف "تَذْكِيرٌ بِاَيَّامِ اللّٰهِ" جو حسين ترين مثال آهي. سوجيئن سورة انعام جي بلڪل وچ ۾ حضرت ابراهيمؑ ۽ سندس اولاد ۾ ٿي گذريل جليل القدر نبين جو ذڪر هو، ساڳئي طرح هن سورة مبارڪ جي به وچ ۾ آيت نمبر ٥٩ کان وٺي آيت نمبر ١٣٧ تائين انهن ڇهن اولوالعزم رسولن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جي قومن جي طرفان کين ڪوڙو ڄاتو ويو ۽ سندن دعوت کي رد ڪيو ويو ـــــ انهن جي سزا طور مٿن عذاب نازل ٿيو ۽ انهن کي نيست نابود ڪيو ويو. ڪن نبين سڳورن جا نالا هي آهن: حضرت نوح عليه السلام، حضرت هود عليه السلام، حضرت صالح عليه السلام، حضرت لوط عليه السلام، حضرت شعيب عليه السلام، حضرت موسىٰ عليه السلام. انهن ڇهن رسولن جو احوال ۽ سندن قومن جي پڇاڙي جو ذڪر قرآن مجيد

جي ڪيترين سورتن ۾ آيل آهي جيئن ته سورة يونس، سورة هود، سورة مؤمنون، سورة عنڪبوت ۽ سورة شعرىٰ وغيره ۾. ڇوته اهي ڳالهيون عربستان ۽ عربستان جي چوڌگرد علائقن جا اهي تاريخي واقعا آهن جن جو ذڪر عربن جي روايتن ۾ تمام گهڻو موجود هو. انهيءَ ڪري ئي عربن ۽ خاص ڪري مڪي جي قريشن کي ورڻي ورڻي سندن تاريخ مان عبرت وٺڻ جي دعوت ڏني ويئي آهي.

نوح عليه السلام جي قوم عربستان جي اتر اولهه ۾ آباد هئي، هود جي قوم يعني قوم عاد جي رهڻ جا هنڌ عربستان جي ڏکڻ اوڀر ڪنڊ ۾ هوا ۽ باقي رهيل چار قومون يعني قوم ثمود، قوم شعيب، قوم لوط ۽ قوم فرعون عربستان جي اتر اولهه ڪنڊ ۾ رهنديون هيون. انهن مان ٽي قومون ته اهي آهن جن جون قتل جايون انهي وڏي تجارتي رستي تي هيون جيڪو حجاز ۽ شام جي وچ ۾ وهندڙ هو يعني ڏکڻ کان اتر ويندي وات تي پهرئين ثمود جون پٽ جايون، پوءِ قوم شعيب عليه السلام جا ماڳ ۽ پوءِ لوط عليه السلام جي قوم جون قتل بستيون هيون جن وٽان عرب واپاري پنهنجن عام سفرن ۾ لنگهندا رهندا هئا ـــ اهو ئي سبب آهي جو قرآن مجيد ۾ مڪي سورتن ۾ انهن رسولن ۽ سندن قومن جو ذڪر ورجائي ورجائي آندل آهي ته جيئن قريش وارا انهن عبرتناڪ حالتن ۽ واقعن مان نصيحت حاصل ڪن ۽ ان ذوڪي ۾ قائل نه رهن ته اسان عربستان ۾ وڏي قوت ۽ شوڪت وارا ۽ دبدبي ۽ اقتدار وارا آهيون. ڇوته انهن قومن کي به پنهنجي پنهنجي زماني ۾ انهن کان به گهڻو وڌيڪ غلبو ۽ اقتدار حاصل هو. پر جڏهن اهي الله جي قانون جي پڪڙ ۾ آيون ته پوءِ ڪين تباهي ۽ بربادي کان سندن طاقت ۽ رعب بچائي نه سگهيو ۽ نه ڪي قوت ۽ شوڪت ڪم آئين.

رسولن جي دعوت جي سلسلي ۾ سڀني لفظن جي ورجائڻ مان هي حقيقت به واضح ڪئي ويئي آهي ته انهن سڀني جو بنيادي سڏ ساڳيو ئي هو يعني "يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَکُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ" (اي منهنجي قوم وارؤ! الله جي ئي عبادت ۽ بندگي ڪريو، توهان جو ان کان سواءِ نه ڪو مالڪ آهي ۽ نه

ٻڪومعبود!) مطلب ته انساني هدايت جو اصل الاصول يا مول منو توحيد آهي ۽ سمورين گمراهين جي پاڙ شرڪ آهي. پاڻ جي ٿو ته حضرت نوح، هود ۽ صالح عليهم السلام جي زماني تائين، انساني تمدن اڃا شايد ابتدائي مرحلن ۾ هو. تنهنڪري گمراهي جي بصرف هڪ ئي پاڙ ظاهر ٿي هئي. هن شجرهٔ خبيثه (پليد وڻ) جا ٻيا ميوا اڃا ڪين ڦٽا هئا. پر پوءِ جيئن جيئن تمدن ويو ارتقائي مرحلا طئي ڪندو تيئن تيئن هن ام الخبائث (پليتي جي پاڙ) جا ثمر به ويا ظاهر ٿيندا. انڪري لوطي قوم جي احوال ۾ فقط جنسي آوارگي ۽ گمراهي (SEXUAL PERVERSION) جو ذڪر مليو ٿو ۽ شعيبي قوم جي احوالن ۾ پڻ پيسي ڏوڪڙ جي بي ايماني ۽ تور ماپ ۾ گهٽتائي يا چوري ۽ ڦر جو ذڪر ملي ٿو. ۽ فرعونين جي احوال ۾ هڪ قوم طرفان ٻئي قوم تي ظلم ۽ جبر جو ذڪر ملي ٿو. غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اڄ به انساني تمدن ۾ فساد جون اهي ٽيئي صورتون موجود آهن يعني معاشرتي قدرن جي پائمالي، عفت عصمت يا گهرو امن ۽ سڪون جي بربادي ۽ معاشي بدعنواني يا سياسي استحصال ـــــــــــ حقيقت ۾ اهي ٽيئي شيون به اصل نه آهن فرع آهن يعني پاڙون نه پر ٽاريون آهن. ان پليد وڻ جون جنهن جي اصل پاڙ شرڪ آهي.

هن بيان ۾ ڄڻ هڪ تصوير پيش ڪئي وئي آهي ته " اي قريش وارؤ! تاريخ جو چڪر ڦرندو رهي ٿو. ڏسو ته اسان جو رسول صلى الله عليه وسلم اها ساڳئي توحيد جي دعوت توهان کي ڏيئي رهيو آهي سو توهان جي اخلاقي بيمارين جو علاج ۽ سيني معاشرتي، معاشي ۽ سياسي مسئلن جو حل هن جي دعوت قبولڻ ۾ ئي آهي. هي دعوت نصيحت ۽ خيرخواهي سان پريل آهي. بلڪل ان طرح جيئن اڳي اسان جي هڪ بندي نوح چيو هو " اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ " ۽ اسان جي ٻئي بندي هود چيو هو ته اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ " ٻئي پاسي توهين اهڙا ئي آهيو جو تڪذيب ۽ پاسيرو هلڻ جي

ساڳئي روش تي ضد ڪري بيٺا آهيو جنهن جي نتيجي ۾ انهن قومن جو اهڙو حال ٿيو جو" كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا" (اهي ائين ٿي ويا ڄڻ اهي ڪڏهن انهن بستين ۾ رهيائي ڪون هئا) ۽" فَقَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا" (اسان انهن منڪرن جي پاڙئي پٽي ڪيدي ڇڏي) ان روش تي اسان جي بندي شعيبؑ ڏاڍي افسوس ۽ بيحد حسرت سان چيو هو ته "يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ" (اي منهنجي قوم وارؤ! مون توهان تائين پنهنجي رب جو نياپو پهچائي ڇڏيو آهي ۽ توهان جي خيرخواهي جو حق به ادا ڪري ڇڏيو اٿم. هاڻي ڪافرن جي خوفناڪ پڇاڙي تي غم ڇو ڪريان"؟)

سواءِ قريش وارؤ! اجهو توهان کي به ساڳيو نتيجو آڏو اچڻ وارو آهي تياري وجهو! سورة اعراف جو مطالعو ڪندي هڪ عجيب ڳالهه نظر اچي ٿي. پهرين ٣٥ آيتن ۾ حضرت نوحؑ ۽ حضرت شعيبؑ سوڌو پنجن رسولن ۽ سندن قوم جو ذڪر آيو آهي. پوءِ ٩ آيتن ۾ لاهه ڪيئندڙ عذاب جو ذڪر ڪندي ڪي اصولي ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن ۽ ان کان پوءِ ٣٥ آيتن ۾ حضرت موسىٰؑ ۽ فرعون جو ذڪر ٿيو آهي. منهنجي خيال ۾ ان جو سبب اهو آهي ته نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جي زماني جون حالتون حضرت موسىٰؑ جي زماني جي حالتن سان تمام گهڻو مشابهت رکن ٿيون ۽ مسلم امت جون عام حالتون به بني اسرائيل جي عام حالتن سان گهڻي مشابهت رکن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو حضرت موسىٰؑ ۽ فرعون جي ذڪر کان پوءِ جيڪو بيان شروع ٿيو آهي سو بني اسرائيل جوئي احوال آهي ۽ اهو سلسلو پوءِ ايندڙ ٣٤ آيتن تائين هليو ويو آهي ۽ جيئن ته اڳ ۾ ئي عرض ڪيو ويو آهي ته هي بيان يهودين لاءِ ان خطاب جي تمهيد وانگر آهي جيڪو هجرت کان پوءِ سورة بقره ۾ تفصيل سان آيو آهي.

بني اسرائيل جو احوال بيان ڪندي ڳالهه جي پوڄا کان پوءِ سندن

سترسردارن سان گڏ حضرت موسیٰؑ جو جبل طور تي اجتماعي توبه ۽ استغفار لاءِ وڃڻ جو واقعو وڏي اهتمام سان بيان ڪيو ويو آهي. اتي الله جي حڪم سان هڪ زلزلو اچي ڪڙڪيو. ان وقت حضرت موسیٰؑ الله کي نهايت نيزاريءَ سان عرض ڪيو ته :

”اي رب سائين! جيڪڏهن تون چاهين ها ته هنن کي ۽ مون کي هن کان اڳ ئي ماري ڇڏين ها. ڇا تون اسان کي اهڙي ڏوهه جي سزا ۾ مارڻ گهرين ٿو جيڪو اسان مان ڪن بيوقوف ماڻهن ڪيو آهي. درحقيقت هيءَ به توهان جي طرفان ئي هڪ آزمائش آهي، ان جي ذريعي جنهن کي چاهين گمراه ڪري ڇڏين ۽ جنهن کي چاهين هدايت عطا ڪرين. تون ئي اسان جا ڪم سڪاريندڙ آهين. اسان کي بخش ڪر ۽ اسان تي رحم فرماءِ ۽ تون بهترين بخشيندڙ آهين ۽ اي اسان جا رب سائين! اسان لاءِ هن دنيا ۾ به چڱائي لک ۽ آخرت ۾ به چڱائي عطا ڪجان ۽ ءِ اسين ته وري به تنهنجي ئي درگاه ڏانهن موٽون ٿا!“

جواب مليو ته:

”جيتوڻيڪ آئون جنهن کي چاهيان عذاب ڏيندو آهيان پر منهنجي رحمت هر شيءِ کي گهيرو ڪندڙ آهي. (باقي منهنجي خاص رحمت) آئون مخصوص ڪندس انهن ماڻهن لاءِ جيڪي پرهيز گاري اختيار ڪندا ۽ زڪوات ادا ڪندا رهندا آهن ۽ اسان جن آيتن تي ايمان آڻيندا ۽ جيڪي هن امي نبي ۽ رسول جي پيروي ڪندا، جنهنجو ذڪر تورات ۽ انجيل ۾ لکيل آهي. سو هي انهن کي نيڪي جو حڪم ڪندو، برائي کان روڪيندو ۽ انهن لاءِ پاڪ شيون حلال ڪندو ۽ پليد شيون کي حرام ڪندو ۽ انهن مٿان بار لاهيندو ۽ سندن ڳچين ۾ ٻڌل ڳٽ کوليندو. ته پوءِ جيڪو هن تي ايمان آڻيندو، هن جي عزت ڪندو، هن جي مدد ڪندو ۽ اُن روشني جي پيروي ڪندو جيڪا

هن تي نازل ٿي آهي ته اهي ڪاميابي حاصل ڪندڙ هوندا ؟
۽ ان کان پوءِ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي واتان چورايو ويو ته:
”چئو ته اي انسانو! آئون توهان سڀني ڏانهن الله جو رسول ٿي آيو آهيان، ان الله جو، جنهن جي بادشاهي زمين ۽ آسمانن مٿان ڦهليل آهي. اهوئي جيئرو ڪري ٿو ۽ اهوئي ماري ٿو. تنهن ڪري ايمان آڻيو الله تي ۽ سندس اُمي نبي ۽ رسول تي جيڪو پاڻ به ايمان رکي ٿو الله تي ۽ الله جي ڪلام تي. ۽ پيروي ڪريو هن جي ته جيئن صحيح گس تي هلي سگهو“
هي بهمڪ تمهيد آهي ان دعوت ايماني جي جيڪا يهودين کي هجرت کان پوءِ سورة بقره جي پنجين رڪوع ۾ سڌوسنئون خطاب ڪندي فرمائي وئي آهي:

سورة اعراف جي شروعاتي ستن رڪوعن ۾ پهرئين رڪوع جي حيثيت هڪ جامع انڊيڪس جيان آهي جنهن ۾ هن سورة ۾ آيل سڀني بحثن جا عنوان جمع ڪيا ويا آهن. ان ڪري هن ۾ اهڙا لفظ به آيا آهن جيڪي جڻ رسولن جي احوالن ۽ سندن قومن جي عبرتناڪ پڇاڙي جي حالتن بابت جامع عنوان آهن. اهي احوال هن سورة ۾ گهڻي ڀاڱي پکڙيا پيا آهن. فرمايو ويو آهي ته:
”ڪيترين ئي اهڙين بستين تي گذريون آهن جن کي اسان تباهه ڪري ڇڏيو اسان جو عذاب انهن تي اوچتو رات جو اچي ڪڙڪيو يا ڏينهن جو ان وقت جڏهن هو ٻنپهرن جو ستا پيا هئا ۽ جڏهن انهن مٿان اسان جو عذاب آيو ته ڏهن انهن جي واتان بس ايترو نڪتو ته بلا شڪ اسين ظالم هئاسين. سو خبردار، ٿيو اسين انهن ماڻهن کان به پڇا ڳاڇا ڪنداسون جن ڏانهن رسول موڪليا ويا آهن ۽ خود رسولن کان به سوال جواب ڪيا ويندا!“
ان کان علاوه مڪي سورتن جي عام طريقي مطابق توحيد، آخرت

۽ رسالت تي ايمان آڻڻ جي اهاد عوت به مختصر طور اچي ويئي آهي جيڪا هن کان اڳ سورة انعام ۾ تفصيل سان آئي هئي. هن سورة ۾ عام انداز مطابق ڪجهه اضافي ڳالهيون تخليق ڪائنات جي شروعات ۽ پڇاڙي بابت پڻ بيان ڪيل آهن جن مان ڪجهه واقعا ۽ حالتون بڌايون ويون آهن. تنهنڪري اول آدم ۽ ابليس جو قصو ڪي قدر تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ آخرت جي تصوير چٽي ويئي آهي ته اتي جنت وارا ۽ جهنم وارا ڪهڙين ڪهڙين حالتن ۾ هوندا ۽ انهن جي وچ ۾ ڪهڙي گفتگو ٿيندي. اعراف وارن جو ذڪر به ڪي قدر تفصيل سان ڪيو ويو آهي.

ساڳئي طرح هن سورة جي پڇاڙي ۾ به اول به واقعا بيان ڪيا ويا آهن. هڪ نوع انساني جي تخليق جي پهرين مرحلي جو ذڪر آهي جڏهن انساني ارواحن کي وجود بخشيو ويو هو ۽ ڳالهه الست جو عهد ورتو ويو هو جيڪو آخرت ۾ پڇاڻي وقت دليل ۽ حجت جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو. بيو بني اسرائيل مان هڪڙي بيحد پارسا ۽ عالم شخص جو شيطان جي پهرين داءُ ۾ ڦاسي گناهن جي پاتار ۾ ڪرڻ جو ذڪر آهي. ان قصي مان جڻ هڪ پيرو وري ساڳئي حقيقت سامهون آندي وئي آهي، جيڪا حضرت آدمؑ ۽ ابليس واري واقعي ۾ بيان ڪئي ويئي هئي يعني ته شيطان آدمؑ ۽ آدمؑ جي اولاد جو ازلي ۽ ابدي دشمن آهي. هن جي چالبازين کان پوريءَ طرح هوشيار ۽ سجاڳ رهڻ جي ضرورت آهي. ۽ ان جي مقابلي لاءِ مومن جو اصلي هٿيار ذڪر الاهي ۽ الله جي پناه هميشه طلب ڪرڻ آهي ۽ نه علم، فضل يا تقويٰ ۽ نيڪي جو غرور. سو بلڪل پڇاڙيءَ ۾ فرمايو ويو ته:

"۽ جيڪڏهن توهان کي ڪو شيطاني وسوسو پيدا ٿئي نه بنا دير الله جي پناهه گهرندا ڪريو. بيشڪ هو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي. خدا کان ڊڄندڙ ماڻهن کي جيڪڏهن شيطان جي ڇيپ لڳڻ جو انديشو هوندو آهي ته هو بنا دير خدا جو ڌيان ذهن ۾ آڻيندا

آهن، تنهنڪري ڪين جلد ئي بصيرت ملندي آهي؟

سورة جي شروعات ۽ پڇاڙي ۾ قرآن حڪيم جو ذڪر ڪيل آهي. شروعات ۾ فرمايو ويو آهي:

"هي هڪ ڪتاب آهي جيڪو توهان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي. اي نبي ﷺ! ان لاءِ ته توهان پريشان ٿيو پر ان لاءِ ته توهين ان جي وسيلي عام ماڻهن کي خبردار ڪريو ۽ ايمان وارن لاءِ يادگيري هجي. اي انسانو! جيڪا شيءِ توهان وٽ توهان جي رب کان آئي آهي تنهن جي پيروي ڪريو ۽ ان کي ڇڏي ٻين سرپرستن جي پيروي نه ڪريو. حقيقت ۾ توهين يادگيري گهٽ ڪندا آهيو."

۽ پڇاڙي ۾ فرمايو ويو آهي:

"اي نبي ﷺ! چئو! ته آئون پاڻ به پيروي ڪريان ٿو ان شيءِ جي جيڪا مون ڏانهن منهنجي رب وٽان وحي ڪئي وڃي ٿي. هيءُ توهان جي رب وٽان بصيرت عطا ڪندڙ آيتون آهن ۽ هدايت ۽ رحمت پڻ آهن انهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا ۽ اي مسلمانو! جڏهن قرآن مجيد پڙهجي ته ماٺ ڪري ڪن ڏيئي ڌيان سان ٻڌندا ڪريو ته جيئن توهان تي رحم ڪيو وڃي."

وآخر دعوانا ان الحمدلله رب العٰلمين

تقرير نمبر ٩

ٻن مڪي سورتن يعني سورة انعام ۽ سورة اعراف کان پوءِ قرآن مجيد ۾ ٻن مدني سورتن يعني سورة انفال ۽ سورة توبه جو نهايت موزون ۽ هڪ ٻئي سان بيحد ٺهڪندڙ جوڙو آهي. انهن ۾ موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان ايترو ته گهرو لاڳاپو آهي ۽ انهن جو انداز ايترو ته موزون آهي جو ائين محسوس ٿوئي ته جڻ اهي ٻه ڌار هڪ ئي سورة آهن. تنهنڪري ڪن صاحبن سورة توبه

جي شروعات ۾ بسم الله نه هجڻ جو اهوئي سبب ٻڌايو آهي. پر ڪيترن ٻين ڳالهين جي ڪري اهو خيال درست نه آهي، صحيح اهين ئي آهي نه اهي ٻئي سورتون ڌار ڌار آهن. باقي سورة توبه جي شروع ۾ بسم الله نه هجڻ جو اصل ڪارڻ فقط اهو آهي ته حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم انهين ئي حڪم ڏنو هو. البته حضرت علي رضي الله تعالیٰ عنه جو هڪ ڌار قول آهي جيڪو وزني محسوس ٿئي ٿو ته بسم الله الرحمٰن الرحيم امن جي آيت آهي، ڇو ته ان ۾ الله جا اسماءِ حسنیٰ رحمٰن ۽ رحيم آيل آهن ۽ جڏهن ته هيءَ سورة جن تلوار آهي جيڪا نازل ٿي آهي، هن سورة جي پهرين آيت ئي آيت برأت آهي يعني بيزاري ظاهر ڪندڙ ۽ جنگ جو اعلان ڪندڙ. سو مناسب اهوئي هو ته هن سورة جي ابتداءِ ۾ آيت بسم الله الرحمٰن الرحيم نه لکجي.

نزولي ترتيب ۾ سورة انفال جو نمبر سورة بقره کان پوءِ اچي ٿو. ڇو ته هيءَ سورة غزوهٔ بدر کان جلد پوءِ نازل ٿي هئي ۽ پاڻ ئي ٿو ته هڪئي وقت ۾ يڪي ۽ مسلسل خطبي جي صورت ۾ نازل ٿي آهي. پر مصحف مبارڪ جي ترتيب ۾ ان کي سورة انعام ۽ اعراف کان پوءِ ۽ سورة توبه کان اڳ رکيو ويو آهي. ڪلام جي ان ترتيب ۾ وڏي حڪمت رکيل آهي ڇو ته سورة انعام بني اسماعيل ڏانهن عام طرح مڪي جي قريشن ڏانهن خاص طرح هڪ دعوتي سورة آهي ۽ سورة اعراف جي حيثيت ان سلسلي ۾ آخري تنبيهه ۽ (WARNING) وانگر آهي. اهوئي سبب آهي جو ان کان پوءِ قدرتي طور تي عربستان جي مشرڪن ۽ خاص ڪري قريشن تي عذاب جو سلسلو شروع ٿيو هو. مڪي جي قريشن کي عذاب کان بچاءُ تيستائين مليل هو جيستائين نبي اڪرم ﷺ مڪي شريف ۾ مقيم هئا. پر جڏهن پاڻ سڳورا هجرت فرمائي مديني شريف لڏي ويا ته پوءِ اهو امن به کڄي ويو ۽ عذاب جو سلسلو شروع ٿي ويو جنهن جي پهرين قسط غزوه بدر ۾ قريشن جي ستر سورهين جو قتل هو جن ۾ ڪي ته چوٽيءَ جا وڏا سردار به هئا. اينتريقدر جو انهن ۾ هڪ عتبه بن

ربيعه ۽ هو جنهن کي مڪي جي قريشن ۾ نهايت اوچو مرتبو حاصل هو ۽ ابوجهل ۽ هو جنهن جي باري ۾ خود حضور اڪرم صلی الله عليه وسلم جن هي لفظ ارشاد فرمايا هئا: هٰذا فرعون هٰذه الامة" (هي وقت جو فرعون آهي).

عربستان جي مشرڪن تي خدائي عذاب جو سلسلو جنهن جي شروعات غزوه بدر سان ٿي هئي سو سنه ٩ هجري ۾ تڪميل کي پهتو جڏهن نبي اڪرم صلی الله عليه وسلم عام طرح اعلان ڪرائي ڇڏيو ته هاڻي چند مهينن جي مهلت ڏجين ٿي. اهو مدو گذرڻ کان پوءِ مشرڪن تي سخت قدم کنيو ويندو. سو جنهن کي عربستان ۾ رهڻو هجي سو تابعداري اختيار ڪري ۽ اسلام قبول ڪري. نه ته هن سرزمين کي الوداع چئي جيڏانهن ڪيبس تيڏانهن هليو وڃي. بهرحال عربستان کي ٿورن مهينن ۾ ڪفر ۽ شرڪ کان بلڪل پاڪ ڪري ڇڏيو ويندو.

انهن چند ڳالهين جي ڪري هن ٻن مڪي ۽ ٻن مدني سورتن جو هي گروپ نهايت مربوط ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ڪلام ٿي پيو آهي.

فافهموا و تدبروا

سورة انفال

سورة انفال ۾ ڏهه رڪوع ۾ ٧٥ آيتون آهن. هن سورة ۾ گهڻو ڪري غزوه بدر جي حالتن، ۽ واقعن تي نهايت حڪمت ڀريل تبصرو ڪيل آهي ۽ پڻ ان ۾ مسلمانن کي هڪ نئين دور جي تقاضائن لاءِ تيار رهڻ جون هدايتون ڏنل آهن جنهن جي شروعات غزوه بدر سان ٿي چڪي هئي ۽ جنهن کي جديد اصطلاح ۾ ARMED CONFLICT يا ACTIVE RESISTANCE چئي سگهجي ٿو. سورة جي ابتداء ته قرآن مجيد جي معروف انداز مطابق انهيءَ مسئلي بابت ذڪر سان ٿئي ٿي جيڪو ان وقت بحث ۽ تڪرار جو اهم موضوع بڻيل هو يعني مال غنيمت جو مسئلو جنهن بابت اڳ ڪو به قانون يا ضابطو

نه هئڻ ڪري مسلمانن ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ پيو هو. بهرحال اها هڪ فطري ڳالهه هئي. ويتر دشمنن مخالفت لاءِ ان کي پروپيگنڊا جو ذريعو بنائي ڇڏيو، ته هي رسول ڪهڙي قسم جو آهي جيڪو پنهنجي قوم جي برخلاف تلوار کڻي ٿو ۽ پنهنجي پائرن پيٽن کي قتل ڪري ٿو، سندن مال متاع ڦٻائي ٿو ۽ قيدين جي آزادي لاءِ پوئنگ طور فديو وصول ڪري ٿو. ان ڪري پهرئين آيت جو ترجمو هي آهــي:

"اي نبي! ماڻهو توهان کان مال غنيمت بابت پڇن ٿا. سو انهن کي ٻڌائي ڇڏيو ته اهو الله ۽ سندس رسول جو حق آهي. تنهنڪري الله کان ڊڄو ۽ پاڻ ۾ لاڳاپا درست رکو ۽ الله ۽ سندس رسول جي اطاعت تي ڪاربند رهو جيڪڏهن توهان مسلمان آهيو."

ان کان پوءِ نهايت شاندار لفظن ۾ ايمان وارن جي وصفن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته مؤمن ڪنهن کي چئجي؟ عجب آهي ته سورة انفال جي شروعات به انهيءَ موضوع سان ٿي هئي ۽ پڇاڙي ۾ به ساڳئي موضوع تي بحث ڪيل آهي ۽ انهن ٻنهي منڊن ڪڏهن حقيقي ايمان جي هڪ بيحد جامع ۽ قطعي وصف پيش ڪئي آهي. ان ڪري آيت نمبر ٢ کان نمبر ٤ تائين فرمايو ويو آهي ته:

"سچا مومن ته فقط اهي ماڻهو آهن جن جي اڳيان جڏهن الله جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ته انهن جون دليون ڪنبيون وڃن ۽ جڏهن الله جون آيتون کين ٻڌايون وڃن ٿيون ته انهن جي ايمان ۽ يقين ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ انهن جو سارو ڀروسو پنهنجي رب تي هوندو آهي ۽ جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪو اسان ڏنو آهي تنهن مان خرچ ڪن ٿا ______

اهي ئي سچا مومن آهن. انهن لاءِ سندن رب وٽ وڏا درجا آهن ۽ بخشش ۽ عزت وارو رزق به آهي."

۽ آيت ٧٤ ۾ فرمايو ويو آهي:

"۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيائون ۽ جن ماڻهن پناه ڏني ۽ مدد ڪئي ته اهي ئي ماڻهو سچا مومن آهن. انهن لاءِ الله جي طرفان بخشش جو واعدو به آهي ۽ باعزت رزق به."

هي به اهائي ساڳئي ڳالهه آهي پر ڪجهه تفصيل سان آهي جيڪا مختصر طور سورة حجرات جي آيت ١٥ ۾ آيل آهي ته:

"مومن ته بس اهي ئي آهن جيڪي ايمان آڻين ٿا الله تي ۽ سندس رسول تي، پوءِ ان ۾ ڪو شڪ به نٿا ڪن ۽ جهاد ڪن ٿا الله جي واٽ ۾، ۽ پنهنجا مال ۽ جانيون ان راه ۾ کپائين ٿا. حقيقت ۾ اهي ئي ايماني دعوىٰ ۾ سچا آهن."

هن ابتداءِ ۽ انتهاءِ جي وچ وارو جيڪو مضمون سورة انفال ۾ بيان ٿيو آهي تنهن جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

١- غزوه بدر جي احوالن ۽ واقعن ۾ هڪ پاسي ته آيت نمبر ٥ کان نمبر ٨ تائين ڪن مسلمانن جي ان ڪمزوري کي ظاهر ڪيو ويو آهي ته جڏهن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ايمان وارن جي حوصلي (MORALE) جو اندازو ڪرڻ لاءِ پڇيو ته اتر کان تجارتي قافلو پيو اچي ۽ ڏکڻ کان قريشن جو لشڪر، هاڻي اسان کي ڪهڙي پاسي هلڻ گهرجي، تنهن تي انهن قافلي تي حملو ڪرڻ لاءِ زور پئي ڀريو هو. جڏهن ته الله ان ذريعي سان حق جو ڳاٽ اوچو ڪرڻ ۽ ڪافرن جو پاڙون پٽڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو ——— ۽ ٻئي پاسي آيت ٩ کان ١٤ ۾ انهن خاص احسانن جو ذڪر فرمايو ويو آهي جيڪي هن جنگ جي دوران الله تعالىٰ مسلمانن تي ڪيا هئا. جنهن ۾ ايمان وارن جي مدد لاءِ فرشتن جي فوج موڪلڻ به شامل آهي ۽ جنگ کان هڪڙي رات اڳ رحمت جو مينهن وسڻ جنهن جي وسيلي مومنن پاڪائي ۽ طهارت حاصل ڪئي ته جنگ جي ميدان ۾ سندس پاسي واري واريا سي زمين به ڄمي ويئي ۽

جنهن ڪري قدم ڄمائي وڙهڻ هنن لاءِ آسان ٿي پيو. ان کان علاوه جنگ کان هڪڙي رات اڳ الله تعاليٰ جي طرفان ايمان وارن جي دلين ۾ اهڙو ته اطمينان ۽ سڪون پيدا ٿي پيو جو رات جو آرام سان ستا ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو تازا توانا ٿي ميدان ۾ آيا ـــــــــ ۽ آيت ۱۷، ۱۸ ۾ انهي غيبي امداد جو نتيجو بيان ڪيو ويو آهي ته اي مسلمانو! اها جنگ اصل ۾ توهان ڏيرا سان لڙي آهي، قريش سردارن کي توهان نه پر اسان قتل ڪيو آهي ۽ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جيڪي ڪڪريون مٺ ڀري ڪافرن ڏانهن اڇليون هيون سي پاڻ سڳورن نه پر اسان اڇليون هيون. بقول علامه اقبال:

ہاتھ ہے اللہ کا، بندہ مومن کا ہاتھ

۲- آيت ۱۸ ۽ ۱۹ ۾ هڪ ڀيرو وري قريشن کي خبردار ڪيو ويو ته جيڪڏهن توهان حق ۽ باطل جي وچ ۾ فيصلي جا طالب هئا ۽ توهان اهو معلوم ڪرڻ چاهيو ٿي ته الله جي تائيد ۽ امداد ڪنهن جي پاسي آهي يعني توهان جي پاسي يا محمد صلي الله عليه وسلم ۽ سندس ساٿين جي پاسي؛ ته اهو فيصلو به هاڻي توهان جي آڏو اچي چڪو آهي. تنهنڪري هاڻي موٽي اچو، ان ۾ ئي توهان لاءِ ڀلائي ۽ خيريت آهي. ٻي حالت ۾ سمجهي ڇڏيو ته توهان جي جنگ محمد صلي الله عليه وسلم ۽ سندن ساٿي مهاجرن ۽ انصارن سان نه آهي پر الله سان آهي. ان کان پوءِ آيت ۲۲ کان ۳۸ تائين انهن ڳالهين کي کوليا ويا آهن ته هجرت کان اڳ توهان کي جيڪا ڍرڪ ڏني ويئي هئي جنهنڪري توهان جا حوصلا وڌي ويا هئا ايتري قدر جو توهان کليو ڪلايو عذاب نازل ٿيڻ جو مطالبو به ڪيو هو، جڏهن ته اسان جو نبي توهان ۾ موجود هو. هاڻي اها پناهه به توهان تان هٽي ويئي آهي ۽ عذاب جي پهرين قسط توهان تائين پهتي آهي. هاڻي توهان جيڪو سوچيو ٿا ته توهين بيت الحرام جا مجاور ۽ متولي آهيو سو انهيءَ وڏائي ۾ مبتلا نه ٿيو. توهان نه توحيد جي اهڙي مرڪز کي به شرڪ جو اڏو بڻائي ويٺا ان کي داغدار ڪيو آهي ۽ ان جي اصل مقصد يعني نماز قائم ڪرڻ کي توهان ختم ڪري ڇڏيو آهي. نماز جي

شڪل ۾ بدلائي ڇڏي اٿو. نماز ۾ توهين تاڙيون ۽ سيٽيون پيا وڄائيندا آهيو. تنهنڪري هاڻي توهين الله جي ذات ۾ ڪا به اميد نه رکو ۽ خبردار ٿيو ته هاڻي توهان ڪيترو به مال ملڪيت خرچ ڪريو پر الله جي دين جو رستو هرگز روڪي ڪين سگهندا.

٣- مسلمانن کي دعوت اسلامي جي هن مرحلي تي جيڪي هدايتون ڏنيون ويون آهن سي هيٺ ڏجن ٿيون:

اول ته ———— هي جنگ جاري رهندي جيستائين ڪفر ۽ شرڪ پوري طرح نابود ٿي نه وڃن ۽ دين ڪُل جو ڪُل الله لاءِ نه ٿي وڃي. (آيت ٣٩)

وَقَاتِلُوْهُمْ . . . .

ٻيو ته ———— جنگ لاءِ هميشه تيار رهجو ۽ پنهنجا سمورا وسيلا ڪتب آڻي گهڻي ۾ گهڻا هٿيار ۽ جنگي سامان هٿ ڪريو. ان سلسلي ۾ جيڪي به توهان خرچ ڪندا تنهن جو پورو پورو اجر توهان کي ملندو ———

وَ اَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ (آيت ٦٠)

ٽيون ته ———— جن قبيلن سان توهان جا عهدنامان ٿيل آهن تن سان عهدنامن جو لحاظ ڪريو. جيڪڏهن اهي ڪا خيانت ڪندا ته الله توهان کي انهن جي شر کان بچائيندو.

بهرحال جيڪڏهن انهن جي خلاف ڪو قدم کڻڻ ضروري آهي ته پوءِ کين معاهدا على الاعلان سندن منهن ۾ هڻو. اها ڳالهه توهان جي شان وٽان نه آهي ته ڪنهن سان معاهدو به ڪريو ۽ اندر ئي اندر پاڪ لاءِ ڪليو ان سان جنگ لاءِ به سندرو ٻڌي ويهي رهو. (هن مضمون جي تفصيل آيت ٥٦ کان ٥٨ تائين ۽ ٦١ کان ٦٤ تائين آيل آهي).

چوٿون ته ———— جڏهن دشمن سان دوبدو ٿيو ته پوءِ ميدان جنگ ۾ پٺ ڏيو هرگز پوئتي نه هٽو. ها ڪا جنگي چال هجي ته ٻي ڳالهه آهي باقي جيڪو فقط پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ميدان مان ڀڄندو تنهن تي الله جو غضب نازل ٿيندو ۽ سندس ٺڪاڻو جهنم ٿيندو. (آيت ١٥ ۽ ١٦) ۽ جنگ جي

موقعي تي بہ الله جي ياد کان غافل نہ ٿيو. ذڪرڪندا رهو. (آيت ع۴۵)

پنجوت نہ ـــــــ اها حقيقت توهان کي چڱيءَ طرح ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ توهان جي طاقت جو اصل راز الله ۽ سندس رسول جي مڪمل اطاعت ۾ ۽ انهن جي سڏ تي بنا دير حاضر ٿيڻ ۾ لڪل آهي. اهوئي طريقو توهان جي حقيقي جياپي جو آهي خواہ ان راہ ۾ توهان کي موت ئي نظر اچي. ان سان گڏو گڏ تنبيهہ بہ ڪئي ويئي آهي تہ انهن ڳالهين ۾ ڪوتاهي اصل ۾ الله ۽ رسول سان خيانت آهي ۽ اهڙي عمل جي نتيجي ۾ ماڻهو الله جي هدايت ۽ ضلالت جي قانون جو نشانو بڻجي سگهي ٿو جنهن کان پوءِ دلين تي مهر لڳي ويندي آهي ۽ هدايت ڏانهن موٽڻ ناممڪن ٿي پوندو آهي. (آيت ع۳۰، ع۲۴- ع۲۷).

۴- مال غنيمت جي ورڇ جي سلسلي ۾ جيڪو اختلاف پيدا ٿي پيو هو تنهن بابت هتي نهايت حڪمت ڀريل انداز اختيار ڪيو ويو. پهرئين تہ آيت ع۱ ۾ اها حقيقت واضح ڪئي ويئي تہ اهو مال ڪُل جو ڪُل الله ۽ رسول جو آهي يعني تہ ٻين کي جيڪو بہ ٿورو گهڻو ملي ٿو تنهن کي الله جي طرفان بخشش سمجهڻ گهرجي ۽ نہ پنهنجو حق ـــــــ ان کانپوءِ آيت ع۴۱ ۾ صاف صاف ضابطو بيان ڪيو ويو آهي تہ مال غنيمت جو خُمس يعني پنجون حصو اسلامي حڪومت جي خزاني ۾ داخل ٿيندو ۽ باقي بچيل مال مجاهدن ۾ ورهايو ويندو هي بلڪل ساڳيو انداز آهي جيڪو سورۃ بقرہ ۾ قبلي بدلائڻ جي سلسلي ۾ اختيار ڪيو ويو هو. يعني:

"اوڀر ۽ اولهہ سڀ الله جا آهن، جيڏانهن توهان رخ ڪندا، تيڏانهن الله جو رخ آهي!"

۽ اهڙي طرح اول ذهني تبديلي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو تنهن کان پوءِ قبلي بدلائڻ جو حڪم نازل فرمايو ويو.

۵- هڪڙو ٻيو مسئلو جيڪو جنگ کان پوءِ جلدي پوءِ پيدا ٿيو هو سو قيدين جو هو. روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو راءِ جو اختلاف هو

جنهن ۾ حضرت عمرؓ جو مشورو هو ته (جيڪو فرمان نبويؐ مطابق امت محمديؐ ۾ سيني کان وڌيڪ سختي ڪندڙ انسان هو) انهن سيني قيدين کي قتل ڪيو وڃي ۽ هر مسلمان پنهنجي عزيز کي پاڻ هٿن سان قتل ڪري. جڏهن ته حضور اڪرمؐ جي قول مطابق امت ۾ سڀني کان وڌيڪ رحيم ۽ شفيق انسان يعني حضرت ابوبڪرؓ جي راءِ هئي ته انهن سان نرمي ڪجي. ظاهر آهي ته خود رحمة للعالمين جي راءِ به اهائي هئي. بهرحال ان سلسلي ۾ وحي الاهي حضرت عمرؓ جي راءِ جي حق ۾ نازل ٿي. (آيت ٦٧ ۽ ٦٨)

جيتوڻيڪ جنگي قيدين کان فديو وٺي آزاد ڪرڻ جو فيصلو جيڪو حضورؐ جن اڳ ۾ ئي ڪري چڪا هئا سو برقرار رکيو ويو ۽ مسلمانن جي آٿت لاءِ آيت نمبر ٦٩ ۾ واضح طرح اعلان فرمايو ويو ته غنيمت جو مال جنگي قيدين جو فديو به ئي حلال آهن سو انهن کي حلال ۽ طيب سمجهي خوشدليءَ سان کائو ۽ مخالفن جي پرو پيگنڊا جو اثر قبول نه ڪريو، ڇو ته اهو نبيؐ ۽ سندس ساٿين جي شان وٽان نه آهي ـــــ نبي صلى الله عليه وسلم ۽ مومنن لاءِ ڪهڙي شيءِ مناسب آهي ۽ ڪهڙي شيءِ نامناسب آهي تنهنجو فيصلو ڪرڻ فقط الله جو حق آهي.

تقرير نمبر ٣٠

سورة توبه

سورة توبه جو ٻيو نالو سورة برأت آهي يعني اها سورة جنهن ۾ مشرڪن کان بيزاري ۽ لاتعلقي جو اظهار ۽ اعلان ڪيو ويو آهي، ان کان علاوه هن سورة جا ٻيا نالا به آهن جيئن سورة مُخزيه، سورة فاضحه، سورة مشرده ۽ سورة عذاب. جيڪي سڀ انهي ساڳئي صفت جو اظهار ڪن ٿا ـــ يعني ته الله جي طرفان عربستان جي مشرڪن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ خواري ۽ خوفناڪ عذاب

جو عام اعلان ڪيو ويو آهي. هي سورة مصحف سڳوري ۾ ڏهين سيپاري جي پهرئين چوٿين حصي کان شروع ٿئي ٿي ۽ يارنهين سيپاري جي چوٿين پتي کان به وڌيڪ آهي، هن ۾ ١٦ رڪوع ۽ ١٢٩ آيتون آهن.

مضمون جي لحاظ کان هن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، هڪڙو ننڍو حصو جنهن ۾ پنج رڪوع آهن ۽ ٻيو وڏو حصو جنهن ۾ يارنهن رڪوع آهن. انهن مان هر هڪ حصو وري نزولي ترتيب ۾ ٻن ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهن. پهرئين حصي ۾ نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جي طرفان عربستان جي حدن اندر دعوت جي تڪميلي مرحلي جو ذڪر آهي ۽ ٻئي حصي ۾ عربستان کان ٻاهر يا بين الاقوامي سطح تي دعوت جي شروعات بابت ذڪر آهي.

جيئن ته توهان کي معلوم آهي ته نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم پنهنجي دعوتي سرگرمي وحي يا تبليغي حڪم اچڻ کان پوءِ ١٣ ورهين تائين يعني هجرت تائين رڳو مڪي شريف ۽ ان جي ڀسگردائي تائين محدود رکي. ان کان پوءِ جڏهن الله تعالىٰ آنحضور ﷺ کي مديني منوره ۾ هڪ ننڍي شهري اسلامي رياست عطا فرمائي ته پوءِ سندن دعوت قدرتي طور تي ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي وئي ۽ سمورو عربستان سندن دعوت ۽ تبليغ لاءِ ميدان بڻجي ويو. سنه ٦ هجري ۾ صلح حديبيه ٿيو ۽ ان واقعي ثابت ڪري ڇڏيو ته عربستان ۾ حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم کي ناقابل شڪست ۽ مڪمل غالب حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. اهوئي سبب آهي ته الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ ان کي "فتح مبين" فرمايو آهي. هاڻي پاڻ سڳورن ﷺ بنا دير بادشاهن ۽ سردارن ڏانهن دعوتي خط موڪلڻ شروع ڪيا. اهڙيءَ طرح هيءَ دعوت بين الاقوامي دعوتي مرحلي ۾ داخل ٿي وئي. ۽ پوءِ ته پاڻ سڳورن ساڳئي وقت ٻنهي محاذن تي پيش قدمي شروع ڪئي يعني عربستان جي اندر به ته عربستان کان ٻاهر به.

عربستان جي اندر تبليغ جي لحاظ کان اهو دور حضور اڪرم ﷺ جي مشن جو تڪميلي دور هو پر بين الاقوامي لحاظ کان اهو دور شروعاتي

دور ۾ پيش آيا، جن ۾ هڪ پاسي مڪي جي فتح ۽ حنين جو غزوه هوڏ سگهجي ٿو. ملڪ اندر بعثت نبوي جي مقصد ۾ تڪميل جي سلسلي ۾ ڪي اهم مرحلا پيش آيا، جن ۾ هڪ پاسي مڪي جي فتح ۽ حنين جو غزوه هوڏ ٻئي پاسي خيبر جي فتح هئي. ملڪ کان ٻاهر اسلامي دعوت ڦهلائڻ جي نتيجي ۾ پهرئين موته جو غزوه ۽ پوءِ تبوڪ جو سفر ڪرڻو پيو. سورة توبه انهي دور ۾ مختلف موقعن تي خطبن جي شڪل ۾ نازل ٿي. ان ڪري هن سورة سڳوري جي پهرين پنجن رڪوعن ۾ هڪ طرف صلح حديبيه جي خاتمي ۽ پوءِ مڪي شريف تي چڙهائي جو ذڪر آهي ۽ پوءِ حنين جي غزوه ۽ آخرڪار مڪي جي قريش ۽ عربستان جي بين مشرڪن جي خلاف آخري قدم کڻڻ جو عمل آهي ته ٻئي طرف اهل ڪتاب يعني يهودين ۽ نصارن بابت آخري فيصلو ڪيو ويو. آخري ٻارنهن رڪوعن ۾ تبوڪ جي مهم ۽ ان ۾ پيش آيل حالتن ۽ واقعن جي سلسلي ۾ منافقن جي ڪردار کي نهايت تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح منافقن جي باري ۾ هن سورة سڳوري کي قول فيصل جي حيثيت حاصل آهي ۽ ان موضوع تي ساري قرآن مجيد ۾ هيءَ سورة "ذروة السنام" وانگر آهي.

هن سورة مبارڪ جي پهرئين حصي ۾ ترتيب ۽ ربط جي سلسلي ۾ هڪ ضروري ڳالهه اها آهي ته جيئن سورة انفال ۾ غنيمت جي مال واري اهم مسئلي کي سورة جي وچ مان ڪڍي شروعات ۾ عنوان جي حيثيت سان درج ڪيو ويو آهي تيئن هتي به اعلان جنگ جي اهم مسئلي کي به وچان ڪڍي سورة جي عنوان وانگر شروعات ۾ درج ڪيو ويو آهي. نه ته اصلوڪي نزولي ترتيب ۾ هن سورت جو رڪوع ع۲ ۽ ع۳ پهرئين اچڻ تا جو ته اهي ٻئي رڪوع صلح حديبيه کان پوءِ ۽ فتح مڪي کان اڳ ڪنهن موقعي تي نازل ٿيا هئا. جڏهن ته رڪوع ع۱، ع۴، ع۵ جو هڪ ٻئي سان گهاٽو لاڳاپو آهي ۽ انهن جو نزول ڪافي عرصو پوءِ حج جي موسم ۾ سن ۹ هجري ۾ ٿيو هو.

ٻئي ۽ ٽئين رڪوع جي آيتن جو تاريخي پس منظر چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ۽ اهو هي آهي ته صلح حديبيه جو اثر عربستان جي سيني قبيلن

تي اهو ٻيو ته هاڻي جڏهن عربستان جي وڏي ۾ وڏي قوت يعني قريش گوڏا کوڙي ڇڏيا آهن ته پوءِ عافيت انهي ۾ آهي ته سيئي جلد از جلد حضور اڪرمؐ سان ناهم جي ڪاصورت پيدا ڪن.

ٻئي طرف وري حضور اڪرمؐ جو هت مبارڪ حالتن جي نبض تي رکيل هو ۽ پاڻ سگورا ڏيڍ ٻه سال اڳ ئي غزوه احزاب کان پوءِ واضح فرمائي چڪا هئا ته هاڻي مشرڪن ۽ ڪافرن ۾ جنگ جي قوت ڪا نهي. اهڙين حالتن ۾ صاف ظاهر آهي ته انهن سان معاهدي ڪرڻ جو مطلب اهو هو ته ڪفر ۽ شرڪ کي خواه مخواه وڏيڪ مهلت ڏجي ۽ الله جي دين کي غالب ڪرڻ ۾ بنا سبب جي دير ڪجي. ٻئي پاسي اها ڳالهه ٿوري سوچ سان سمجهه ۾ اچي ٿي ته صلح وارا ۽ امن پسند ماڻهو هر معاشري ۽ جماعت ۾ موجود هوندا آهن ۽ خاص ڪري مسلمانن ۾ ته وڏي اڪثريت ۾ اهڙي طبيعت وارن ماڻهن جو هجڻ هڪ عام ڳالهه آهي. سو اهڙن ماڻهن لاءِ هر قسم جي معاهدي جي آڇ کي رد ڪرڻ ناممڪن هوندو آهي. اصل ۾ اهوئي نقطو آهي جنهن کي سورة توبه جي پهرين رڪوع ۾ کولي پڌرو ڪيو ويو آهي. يعني ته شرڪ ۽ توحيد ۽ حق ۽ باطل جي وچ ۾ بقاءِ باهمي PEACEFUL CO-EXISTENCE (تون به خوش ته آئون به خوش) جو تصور اصل موجود ئي ڪونهي. پيو ته توهين انهن مشرڪن جي گفتن جي بدران انهن جي ڪردار کي ڏسو ۽ انهن جي اوپارين لهوارين ڳالهين ۾ اچي نه وڃو. سندن اڄ تائين جي ڪيل ڪرتوتن کي ياد ڪريو! ڇا اِهي اُهي سڀ ڳيا ماڻهو ناهن جن حضور اڪرمؐ کي مڪي مان لوڏي ٻاهر ڪيو ويو ۽ پوءِ مديني ۾ به سک جو ساه پٽڻ نه ڏنائون. هاڻي جڏهن حالتون بدلجي ويون آهن ته اهي معاهدن جي ڇانوَ هيٺ پناه وٺڻ چاهين ٿا. انهن جي دلاين ۾ نه اچو ۽ انهن جو قتال ڪيو. الله تعالى انهن کي سندن ڪفر ۽ دين کان منهن موڙڻ تي توهان جي هٿان سزا ڏيندو ۽ انهن مسلمانن جا سيئا ٺاريندو جيڪي انهن جي ظلمن هيٺ پيڙهجي رهيا آهن.

ان سلسلي ۾ هڪ خيال اهو به هو تہ عرب عوام جي ذهن ۾ حرم ۽ حرم جي متولين يعني قريشن جي عظمت جو نقش صدين جي رواج جي ڪري قائم ٿي چڪو هو. اهاصورتحال بہ آخري قطعي قدم کڻڻ ۾ رڪ بنيل هئي. تنهنڪري تئين رڪوع ۾ ان نفسياتي مونجهہ کي حل ڪيو ويو آهي تہ الله جي مسجدن کي آباد ڪرڻ ۽ ان جو متولي بڻجڻ مشرڪن جو حق نہ آهي. اهو اصل حق تہ فقط ايمان وارن توحيد کي مڃيندڙن جو آهي. مطلب تہ مڪي جي مشرڪن جي حيثيت غاصبن جي آهي ۽ رڳو حاجين سگهڙن جي خدمت يا مسجد حرام جي متولي هجڻ سان اهي مقدس ۽ معزز نٿا ٿي سگهن جو انهن جي برخلاف ڪو قدم کڻڻ ئي منع هجي ______ اهڙي طرح اهي ٽئي رڪوع گويا ان آخري ۽ قطعي قدم کڻڻ لاءِ هڪ تمهيد وانگر آهن جنهن جي نتيجي ۾ رمضان سنہ ٨ هجري ۾ مڪو شريف فتح ٿيو ۽ ان کان پوءِ ٽئي مهيني حنين جي جنگ ٿي جنهن تہ ڪفر ۽ شرڪ جي چيلهہ ئي ڀڃي ڇڏي.

ان سلسلي ۾ مسلمانن جي جماعت ۾ ففٿ ڪالمسٽ عنصر يعني منافقن جي منافقت تان پردو کنيو ويو آهي. اهي ماڻهو جنگ ۽ قتال کان موت جي خوف ڪري اڳي ئي ٿِڙندڙ هئا ويتر هاڻي امتحان جو هڪ نئون مرحلو سامهون آيو هو يعني تہ ڪفر ۽ شرڪ سان مائٽيون، عزازتون، محبتون، دوستيون ۽ گهڻن لاڳاپن کي ويڙهہ لاءِ حق جي تلوار مياڻ مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتي هئي. انڪري اول آيت ١٦ ۾ وڏي واڪي فرمايو ويو:

"ڇا توهان اهو سمجهيو آهي تہ توهان ائين ئي ڇُٽي ويندا، حالانڪ اڃان تہ الله تعاليٰ جاچ ئي ڪانہ ڪئي آهي تہ اهي ماڻهو ڪير آهن جيڪي جهاد جو حق ادا ڪن ٿا ۽ الله ۽ سندس رسول ۽ مومنن کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان دلي لاڳاپو نٿا رکن؟"

۽ ان کان پوءِ آيت ٢٤ ۾ ڪنهن لِلي ڇيڙ کان سواءِ صاف صاف اعلان ڪيو ويو تہ:

"اي نبيﷺ چئي ڇڏيو ! ته جيڪڏهن توهان کي پنهنجا پيئر، پنهنجا پٽ، پنهنجا ڀائر ڀيڻ، پنهنجيون زالون ۽ ٻيا عزيز قريب ۽ اهي مال متاع جيڪي توهان ڪمائيا آهن ۽ اهي ڪاروبار جن جي مندي ٿيڻ جو توهان کي خوف هوندو آهي ۽ گهر گهاٽ جيڪي توهان کي پسند آهن، جيڪڏهن الله ۽ سندس رسولﷺ جهاد کان وڌيڪ وڻندڙ آهن ته پوءِ تيستائين انتظار ڪريو جيستائين الله پنهنجو فيصلو ظاهر ڪري، ۽ الله اهڙن فاسقن کي هرگز سنئين گس نه لائيندو آهي."

فتح مڪه کان جلدئي پوءِ سنه ٨ھ وارو حج حضور اڪرمﷺ اڳوڻي ڪيل انتظام هيٺ ادا ڪرڻ جي اجازت ڏني. ٻئي سال يعني سنه ٩ھ جي حج لاءِ حضور اڪرمﷺ حضرت ابوبڪر صديقؓ جي اڳواڻي ۾ حج جو قافلو روانو فرمائي چڪا هئا، ته سورة توبه جون اهي ڇهه آيتون نازل ٿيون جيڪي هن سورة مبارڪ جي شروعات ۾ درج آهن ۽ جن ۾ مشرڪن کان بيزاري ۽ برأت جو اعلان ڪيو ويو آهي ۽ حج جي موقعي تي ان حڪم جو به عام اعلان ڪيو ويو ته حرمت وارا مهينا ختم ٿيندي ئي مشرڪن جي برخلاف آخري قدم کنيو ويندو. قرآني لفظن مطابق:

"پوءِ جڏهن حرمت وارا مهينا لنگهي وڃن ته انهن مشرڪن کي جتي ڏسو قتل ڪريو. انهن کي پڪڙيو، گهيرو ڪريو ۽ گهات جهلي انهن جي انتظار ۾ لڪي ويهو. پوءِ جيڪڏهن اهي توبه ڪن، نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ادا ڪن ته کين ڇڏي ڏيو."

اهو ئي سبب آهي ته حضور اڪرمﷺ جن حضرت عليؓ کي موڪليو ته هو پاڻ سڳورن ﷺ جي ذاتي نمائندي جي حيثيت سان حج جي اجتماع ۾ اهو اهم اعلان ڪن. اهڙي طرح جڏهن عربستان جي ايراضيءَ ۾ الله جي دين جي غلبي کان پوءِ مشرڪن جي برخلاف جنگي اصطلاح ۾ آخري UP- OPERATION MOPPING شروع ٿيو ۽ عرب جي مشرڪن بابت عذاب الاهي جي تڪميل ٿي جنهن جي شروعات غزوه بدر کان ٿي هئي.

سورة توبه جي چوٿين ۽ پنجين رکوع جون آيتون به پانئجي تو ٿين آيتن سان گڏ نازل ٿيون آهن. انهن ۾ هڪ ته اها اهم آيت نازل ٿي آهي جيڪا قرآن شريف ۾ سورة فتح، سورة صف ۽ ٻين ٻن هنڌن تي آيل آهي. ان ۾ حضور اڪرمؐ جي بعثت جي مقصد کي بلڪل صاف ۽ ڪليل لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي يعني:

"اهوئي آهي جنهن پنهنجي رسول کي موڪليو هدايت ۽ دين حق سان ته جيئن ان کي سيني دينن ياذات دين تي غالب ڪري، خواه مشرڪن کي اها ڳالهه ڪيتري ئي ناپسند هجي؟"

۽ ٻيو ته اهل ڪتاب يعني يهود ۽ نصاريٰ جي برخلاف به عام اعلان جنگ ڪيو ويو، رڳو سوايتري رعايت ڪئي ويئي آهي ته انهن سان اسلام ۽ تلوار کان علاوه هڪ ٽئين صورت به رکي ويئي آهي اها هيءَ ته هو اسلامي رياست جي ماتحت زندگي گذارڻ تي راضي ٿين ۽ مغلوب ٿي جزيو ادا ڪن. مطلب ته ملڪي قانون يعني — LAW LAW OF THE LAW اسلامي ئي هوندو ۽ ان جي ماتحتي ۾ PERSONAL LAW جي حدن اندر هو پنهنجن طور طريقن مطابق زندگي گذاري سگهن ٿا. آئينده لاءِ اهوئي ضابطو مسلمانن جو هڪ مستقل دستور العمل ٿي پيو ۽ خلافت راشده جي زماني ۾ جڏهن اسلامي فوج عربستان جي علائقي مان ٻاهر نڪتي ته ان جي طرفان هميشه اهي ٽي ئي صورتون آڇيون وينديون هيون يعني ته ايمان آڻيو ته اسان جا ڀائر آهيو ۽ هر طرح اسان جي برابر ٿي ويندا، ٻئي صورت ۾ اسلام جي بالادستي قبول ڪيو ۽ جزيو ڏيو توهان جي جان ۽ مال جي پوري پوري حفاظت ڪئي ويندي، اڃين به نه ته آخري صورت ۾ ميدان ۾ لهي اچو، تلوار پاڻهي توهان ۽ اسان جي وچ ۾ فيصلو ڪندي. چوٿين ڪا به صورت نه آهي.

حضور اڪرمؐ جي دعوت جو بين الاقوامي مرحلو صلح حديبيه کان پوءِ بادشاهن ۽ سردارن ڏانهن دعوتي خطن اماڻڻ سان شروع ٿيو ٿو. ايران جي

بدبخت بادشاھ خسرو پرويز نبي اڪرمﷺ جي خط مبارڪ کي ڦاڙي ڇڏيو. قيصر روم جيئن تہ عيسائي ھو تنھنڪري ھن کي حضور اڪرمﷺ جي سچائيءَ ۾ قطعي دير ڪانہ لڳي پر ھن اھا ڪوشش ڪئي تہ جيئن اڳي رومي سلطنت اجتماعي طرح عيسائيت قبول ڪئي ھئي تيئن ھاڻي بہ اجتماعي طرح اسلام قبول ڪيو وڃي تانتہ حڪومت جو نظام جيئن جو تيئن قائم رھي. پر ھن کي ان ۾ ڪاميابي ڪانہ ٿي ۽ ھو پاڻ بہ ايمان جي دولت ۽ اسلام جي نعمت کان محروم رھجي ويو. عزيز مصر بہ جيتوڻيڪ ايمان نہ آندو تہ بہ حضور اڪرمﷺ سان عزت ۽ احترام جو سلوڪ ڪيائين سي کان وڌيڪ ڪاوڙائيندڙ معاملو شرجيل بن عمرو بصري جي والي جو ھو جنھن حضور اڪرمﷺ جي ايلچي کي قتل ڪري ڇڏيو. جنھن جي نتيجي ۾ سنہ ٨ ھجري ۾ غزوه موتہ ٿيو ۽ ٻئي سال يعني سنہ ٩ ھجري ۾ تبوڪ جي مھم سرانجام ڏني ويئي. اھو مرحلو اسلام لاءِ سچ پچ تہ نھايت ڪٺن ھو. ڇو تہ ھيءَ جنگ ان زماني ۾ ھڪ عظيم ترين فوجي قوت سان ٿي رھي ھئي ۽ بظاھر تہ جھڙي ءَ ٻاڙ جي وچ ۾ لڙائي ھئي. ان کان علاوه ڪاڌي خوراڪ جي سخت اڻاٺ ھئي، ھرھنڌ ڏڪار جھڙن حالتون ھيون ۽ کجور جو تازو فصل لھڻ لاءِ تيار بيٺو ھو. ڊپ ھو تہ جيڪڏھن بر وقت فصل جي ڪٽائي نہ ٿي تہ تباھ ٿي ويندو. ٻيءَ پاسي آرھڙ جي نھايت سخت گرمي ھئي مطلب تہ الله تعاليٰ جي طرفان مومنن جي ايماني جذبي جي جاچ لاءِ سخت امتحان جو بندوبست ڪيو ويو ھو. تنھنڪري جنھن بہ شخص جي دل ۾ ڪو روڳ ھو يا نفاق موجود ھو يا ايماني جذبي ۾ ادنيٰ درجي جي بہ ڪا ڪمزوري ھئي تہ اھڙن سڀني جي اصل حالت پڌري ٿي پيئي. تنھن ڪانسواءِ سفر تي رواني ٿيڻ کان اڳ، سفر جي دوران ۽ واپس موٽندي اھڙيون حالتون پيدا ٿي پيون جو انھن تي تبصرو ڪندي جيڪي خطبا، الله تعاليٰ جي طرفان قرآني آيتن جي صورت ۾ نازل ٿيا، تن ۾ ايماني ڪمزوري ۽ نفاق جھڙن اوگڻن جون خاصيتون ۽ وصفون واضح طرح ابد تائين لاءِ بيان ڪيون ويون آھن.

صادق الايمان ماڻهن لاءِ سورة انفال جي وضاحت مطابق ان کان سواءِ ٻي ڪا به وات ڪا نهي ته هو الله ۽ رسول جي پڪار تي يڪدم لبيڪ چون ۽ ڪنهن به دنياوي تعلق کي سندن رستي جي روڪ ٿيڻ نه ڏين ۽ نڪي ڪنهن خوف خطري ۽ انديشي کي آڏو اچڻ ڏين ۽ جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو کين خطرن کان ڊيڄاري ته ان جو جواب هي ڏين:

"چئي ڇڏيو ـــ ته اسان تي ڪا به مصيبت نٿي اچي سگهي سواءِ ان جي ته الله تعالىٰ ان کي اسان لاءِ لکي ڇڏيو هجي. الله ئي اسان جو مولىٰ آهي ۽ ايمان وارن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي چئي ڇڏيو ته توهان کي اسان ۾ ٻن چڱاين کان سواءِ آخر ٽئين ڪهڙي شيءِ جي اميد آهي يعني يا ته اسين سڀ شهيد ٿي وڃون ته به اها اسان لاءِ سڀ کان وڏي ڪاميابي آهي ۽ ڪامياب واپس ورياسون ته پوءِ ان کي ته توهين به ڪاميابي ئي چوندا"

اهو ان ڪري آهي جو آيت نمبر ١١١ ۾ آهي ته:

"الله تعالىٰ مومنن کان سندن جانيون ۽ سندن مال متاع جنت جي عيوض خريد ڪري ورتا آهن"

مطلب ته هڪ سچو مومن ان انتظار ۾ هوندو آهي ته هن وٽ الله جي امانت جيڪا جان ۽ مال جي صورت ۾ رکيل آهي سا ڪڏهن ٿو الله تعالىٰ واپس وٺي ـ ته جيئن هن جي مٿي تان امانت جو بار لهي وڃي.

باقي رهي انهن ماڻهن جي ڳالهه جيڪي ڪنهن سبب ڪري وقتي طور تي ايماني ڪمزوري ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن ته ان سلسلي ۾ ٽن انصار اصحابؓ سڳورن جي احوال بيان ڪرڻ کان پوءِ واضح ڪيو ويو آهي ته اهڙن ماڻهن کان جڏهن به ڪا غلطي ٿي ويندي آهي ته هو ڪوڙا بهانا نه ڪندا آهن پر پنهنجو ڏوهه قبوليندا آهن ۽ اصلاح لاءِ ڪوشش ڪندا آهن، ته پوءِ الله به اهڙن ماڻهن کي توبه جي توفيق عطا فرمائيندو آهي. ۽ نيٺ انهن جي توبه قبول

فرمائيندو آهي.

ان جي ابتڙ منافقن جو معاملو هي آهي ته اهي پنهنجين ڪوتاهين تي ڪوڙن بهانن جو پردو وجهندا آهن ۽ ڪوڙا قسم به کڻي ويندا آهن. اهڙن شخصن کي موريان موريان اهي چڱا ماڻهو خراب محسوس ٿيندا آهن جيڪي الله ۽ الله جي دين جي غلبي لاءِ جان ۽ مال جي بازي لڳائيندا آهن ـــ جيوته اهڙي طرح انهن جي بي عملي ۽ بزدلي تي ڍڪ هوندو آهي ۽ سندن اصلي حالت ظاهر نه ٿيندي آهي. تان جو ڪين اسلام ، ايمان ۽ فرمانبردار مسلمانن ۽ سچن مومنن سان عداوت ٿي ويندي آهي. ان وقت سندن دلين تي مهر لڳي ويندي آهي. پوءِ سندن محرومي ۽ بدبختي جي ان وڌيل حالت جي ڪري انهن لاءِ نبي اڪرمﷺ جي دعا به مفيد نه ٿيندي آهي ۽ قرآني لفظن ۾:

"اي نبيﷺ! توهان خواه انهن لاءِ استغفار ڪريو يا نه ڪريو ، جيڪڏهن توهين انهن لاءِ ستر ڀيرا به استغفار ڪندا ته به الله تعالىٰ انهن کي معاف نه فرمائيندو، ڇوته انهن حقيقت ۾ الله ۽ سندس رسولﷺ جو انڪار ڪيو آهي ۽ اهڙن فاسقن کي الله تعالىٰ سڌي وات نه ڏيکاريندو آهي؟"

اَعَاذَنَا اللّٰهُ مِنْ ذَالِكَ !

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين



ٽيون گروپ

سُورة يُونس، سُورة هُود ۽ سُورة يُوسف

تقرير نمبر ١١

سورة يونس ۽ سورة هود جي مختصر تفسير

قرآن حڪيم ۾ يارهين سيپاري ۾ سورة يونس کان وٺي ارڙهين سيپاري ۾ سورة مومنون تائين ١٤ مڪي سورتن جي هڪ ڊگهي قطار آهي جنهن ۾ مضمون ۽ ربط ڪلام جي لحاظ کان گهٽ ڪري سڀ سورتون جوڙا جوڙا آهن. پر ڪي سورتون بلڪل ڌار حيثيت رکن ٿيون. جيتوڻيڪ اهڙيون سورتون به ٻئي درجي تي جوڙن ۾ ورهايل آهن. بهرحال غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته انهي وڏي گروپ ۾ ٽن ٽن سورتن وارا ننڍا ننڍا گروپ ٺهي پيا آهن. جن جي مضمونن جي پاڻ ۾ گهاڻي مشابهت ۽ ويجهي مناسبت ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

انهن مان پهرئين ننڍي گروپ ۾ سورة يونس، سورة هود ۽ سورة يوسف شامل آهن. وري سورة يونس ۽ سورة هود جي وچ ۾ ته بلڪل ساڳيو لاڳاپو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو اسين هن کان اڳ سورة انعام ۽ سورة اعراف جي وچ ڏسي آيا آهيون. البته سورة يوسف بلڪل ڌار حيثيت رکندڙ سورة آهي، جنهن ۾ اول کان آخر تائين فقط هڪڙي ئي نبي يعني حضرت يوسف عليه السلام جو احوال تفصيل سان بيان ڪيل آهي. (اهڙي ئي هڪڙي ٻئي سورة فقط سورة طٰهٰ آهي جنهن ۾ به الف کان ي تائين فقط حضرت موسىٰ جو احوال ڏنل آهي).

سورة يونس ۽ سورة هود ٻئي مڪي دور جي آخري زماني ۾ نازل ٿيون هيون ۽ گمان آهي ته سورة هود، سورة يونس کان اڳ جي نازل ٿيل آهي. انهن ٻنهي ۾ ۽ خاص طرح سورة هود جي مضمون جو انداز اهڙو آهي جو عذاب الاهي

بس اچڻ وارو آهي ۽ هلاڪت ۽ برباديءَ جي سيلاب جو بند جي ٽٽڻ وارو آهي. اهوئي سبب آهي جو حديث ۾ اچي ٿو ته انهن جي نزول جي زماني ۾ حضور اڪرم ﷺ سورتن جي بيحد تاثير ڪان پوڙهه نظر ايندا هئا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضه جي پڇڻ تي پاڻ سڳورن فرمايو ته هود ۽ ان جي هم معنيٰ بين سورتن پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي.

سورة يونس ۽ سورة هود جي وچ ۾ جيئن اڳ ۾ ئي عرض ڪيو ويو آهي ته اهو ساڳيو لاڳاپو آهي جيڪو سورة انعام ۽ سورة اعراف ۾ آهي، هڪڙي سورة ۾ "تذڪير بالاءِ الله" تي زور ڏنل آهي ته ٻئي ۾ "تذڪير بايام الله" تي زور آهي. تنهنڪري سورة يونس جي يارنهن رڪوعن مان فقط ٻن ۾ نبين جا قصا مذڪور آهن. باقي سڄي سورة ۾ آفاق ۽ انفس جا دليل ۽ فطرت جي ڪليل مشاهدن جي ذريعي توحيد، رسالت ۽ آخرت جي عقيدي کي سمجهايو ويو آهي. جڏهن ته سورة هود جي ڏهن رڪوعن مان ستن ۾ رسولن جو احوال ۽ سندن قومن تي عذاب اچڻ جو تفصيلي بيان آهي ۽ فقط ٽن رڪوعن ۾ اصولي بحث آيل آهي. جن رسولن جو ذڪر انهن سورتن ۾ ڪيو ويو آهي. سي اهي ئي ڇهه "اوالعزم من الرسل" آهن جن جو ذڪر سورة اعراف ۾ اچي چڪو آهي. يعني حضرات نوح، هود، صالح، لوط، شعيب ۽ موسيٰ علي نبينا وعليهم الصلواة والسلام. - ان کان علاوه فقط هڪ رسول يعني حضرت يونس جو ذڪر سورة يونس ۾ آيو آهي سو به اشاري طور —— وري سورة يونس ۽ سورة هود جي وچ ۾ هيءَ عڪسي ترتيب به ڪافي دلچسپ آهي ته سورة يونس ۾ انهن ڇهن رسولن مان آخري رسول حضرت موسيٰ ؑ جو ذڪر نهايت تفصيل سان آيل آهي ۽ پهرئين رسول يعني حضرت نوح ؑ جو ذڪر مختصر آهي. باقي جن جو گڏيل ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ سورة هود ۾ حضرت نوح ؑ جو ذڪر تمام تفصيل سان آهي ته حضرت موسيٰ ؑ جو ذڪر تمام مختصر - باقي چئن جي ذڪر لاءِ فقط هڪ رڪوع وقف ڪيو ويو آهي.

اولوالعزم رسولن جي ان ذڪر جو اصل ۽ نمايان مقصد ته مشرڪن ۽ خاص طور تي مڪي جي قريشن کي انذار يعني خبردار ڪرڻ آهي ته جيئن هينئر توهان وٽ اسان جو رسول صلي الله عليه وسلم آيو آهي تيئن اڳي اسان توهان جي ملڪ جي چوڌاري علائقن ۾ رهندڙ قديم قومن ڏانهن به پنهنجا رسول موڪليا هئا ۽ هينئر جيئن توهين انڪار ڪري رهيا آهيو ۽ ايمان جي بدران ڪفر ۽ شرڪ جي روش اختيار ڪري رهيا آهيو. ساڳئي طرح انهن قومن به اهئين ئي ڪيو هو. توهان کي نه خبر آهي ته اسان انهن کي ڪيئن تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. هاڻي توهان پاڻ غور ڪريو ته توهان پنهنجو پاڻ کي ڪهڙي آخري نتيجي جو حقدار بڻائي رهيا آهيو! ـــ ٻيو اهم پهلو اهو آهي ته هن ۾ حضور اڪرمؐ ۽ سندن مومن ساٿين لاءِ بشارت موجود آهي. جيئن اڳوڻن رسولن ۽ سندن ساٿين تي مصيبتون آيون هيون ۽ انهن تان ڪلون ۽ چٽريون ڪيون ويون هيون ۽ کين مارڻ ڪيديون ويون هيون پر آخرڪار ڪامياب اهي ئي ٿيا هئا ۽ الله جي طرفان تائيد ۽ نصرت به انهن سان ئي شامل ٿي هئي. ساڳئي طرح نيٺ ڪامياب توهين ئي ٿيندا ـــ البته مومنن جي صبر ۽ ثابت قدمي، عزم ۽ همت جو امتحان الله ضرور وٺندو آهي ـــ سو توهان کي به تيار رهڻ گهرجي. ان ڪري سورة يونس جي پڇاڙي ۾ هي لفظ آهن: "وَاصْبِرْ حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ۝ (يعني صبر ڪريو جيستائين الله پنهنجو فيصلو صادر نه ڪري ۽ الله سڀ کان بهتر فيصلو ڪندڙ آهي.) ۽ سورة هود جي آخر ۾ پهريائين آيت نمبر ١١٥ ۾ فرمايو ويو آهي: "۽ صبر ڪريو، ڇو ته الله تعالىٰ چڱا ڪم ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نه ٿو ڪري." ۽ پوءِ آيت نمبر ١٢٠ ۾ فرمايو ويو آهي: "انهن رسولن جا احوال اسين توهان کي ان لاءِ ٻڌائي رهيا آهيون ته جيئن انجي ذريعي توهان جي دلين کي تقويت ڏيون ـــ سو انهن ۾ توهان لاءِ به حق اليقين موجود آهي ۽ ايمان وارن لاءِ نصيحت ۽ يادگيري پڻ آهي ۽ جيڪي ماڻهو ايمان نٿا آڻين تن کي صاف صاف چئي ڇڏيو ته توهان کان جيڪو پڄي سو توهان ڪندا رهو ۽ اسين به پنهنجو زور استعمال ڪندا سين

پوءِ نتيجي جو انتظار توهين به ڪريو. ۽ آسمان ۽ زمين جو غيب نه فقط الله وٽ ئي آهي ۽ ان ذاتن ئي سيئي ڪم فيصلي لاءِ موٽن ٿا ـــ سو ان جي بندگي ڪريو ۽ ان تي ڀروسو رکو ۽ جيڪي توهين ڪريو پيا، توهان جو رب ان کان بي خبر هرگز نه آهي؟"

سورة يونس ۾ حضرت يونسؑ جو ذڪر به آهي سلسلي جي هڪڙي آهي ته ائين نه ٿئي جو مسلمان حضرت يونسؑ وانگر جلد بازي ۾ ڪو قدم کڻي وڃن، ائين ڪرڻ سان فائدو ڪافرن کي ٿيندو، جيئن حضرت يونسؑ جي قوم کي ٿيو هو جو انهن مٿان آيل عذاب ٽري ويو هو ۽ ائين به ٿي سگهي ٿو ته مسلمان الله جي طرفان ڪنهن سزا جا حقدار بڻجي وڃن، جيئن حضرت يونسؑ سان معاملو ٿيو هو. تنهنڪري مسلمانن کي ڪافرن جي طرفان ڏنل ايذائن ۽ تڪليفن تي صبر ڪندي پنهنجو دعوتي ۽ تبليغي ڪم جاري رکڻ گهرجي ۽ فيصلو هر حالت ۾ الله جي حوالي ڪري ڇڏڻ گهرجي.

هنن ٻنهي سورتن ۾ ٽن ايمانيات يعني توحيد، رسالت ۽ آخرت جي ذڪر ۾ گهڻو زور رسالت تي ڏنل آهن ۽ خاص طور تي حضور اڪرمؐ جي نبوت جي ثابتي لاءِ قرآن مجيد کي معجزي طور پيش ڪيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو ٻنهي سورتن جي شروعات قرآن حڪيم جي ذڪر سان ٿئي ٿي. سورة يونس ۾ آهي ته: "الٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ" (هي حڪمت ڀريئي ڪتاب جون آيتون آهن) ۽ سورة هود ۾ آهي: "الٓرٰ قف كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ" (هي قرآن اهڙو ڪتاب آهي جنهن جي آيتن کي اول محڪم ڪيو ويو آهي ۽ پوءِ انهن جي تفصيل ڏني وئي آهي ان هستي جي طرفان جيڪا ڪمال دانائي رکندڙ ۽ هر شيءِ کان باخبر آهي)

وري اڳتي هلي قرآن مجيد بابت چئلينج ڏنو ويو آهي ته جيڪڏهن توهين هن جي باري ۾ شڪ ڪريو ٿا ۽ چئو ٿا ته هي محمدؐ جي تصنيف آهي ته پوءِ توهين به ڪي ڪوشش ڪري ڏسو ۽ پنهنجن سڀني خطيبن، شاعرن ۽ اديبن کي

سڏائي ڳڌيل ڪتاب ٺهرايو، ان جهڙيون ڏهه سورتون ئي هڪڙي سورة ئي ڪيئي تصنيف ڪري ڏيکاريو. سورة هود ۾ فرمايو ويو آهي: ”اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ قُلْ فَاْتُوْا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهٖ مُفْتَرَيٰتٍ وَّادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ • فَاِلَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ فَاعْلَمُوْا اَنَّمَا اُنْزِلَ بِعِلْمِ اللّٰهِ وَاَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ“ (ڇا انهن ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهو توهان پاڻ گهڙيو آهي؟ ته پوءِ چئي ڇڏيو ته توهين به اهڙيون ڏهه سورتون گهڙي ڏيکاريو ۽ الله کان سواءِ جنهن جنهن کان مدد وٺي سگهو مدد لاءِ سڏيو، جيڪڏهن توهين سچا آهيو ——— پوءِ جيڪڏهن اهي توهان جو چيلينج قبول نه ڪن ته يقين ڄاڻو ته اهو الله جي علم سان ئي نازل ٿيو آهي. ان کان سواءِ ڪو به معبود نه آهي، ته پوءِ هاڻي اسلام قبول ڪريو ٿا يا نه!) ——— ۽ سورة يونس ۾ ان چيلينج کي سندس آخري منطقي حد تائين پهچايو ويو آهي. يعني ته: ”مَا كَانَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ“ (يعني هي قرآن هرگز اهڙو ڪتاب نه آهي جو ان کي خدا کان سواءِ ڪو بيو تصنيف ڪري سگهي) ۽ هي ته: ”اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ قُلْ فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ وَادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ“ (ڇا انهن جو اهو چوڻ آهي ته هن ان کي پاڻ گهڙيو آهي، ته توهان چئو ته جيڪڏهن توهين سچا آهيو ته خدا کان سواءِ جنهن جنهن کي به سڏي سگهو سڏيو ۽ سڀئي گڏجي هن جهڙي هڪ سورت ئي ڪٿي ٺاهي ڏيکاريو؟) ان کان سواءِ ٻنهي سورتن ۾ اهو مضمون به آيو آهي ته هاڻي ڪافر ۽ مشرڪ ٿڪجي پوڻ کان پوءِ ٺاهه ڪرڻ لاءِ تجويز پيش ڪري رهيا آهن ته هن قرآن ۾ ٿوري ترميم ڪريو ته اسين ان کي مڃينداسون ——— فرض ڪريو ته شايد ڪنهن امن پسند ۽ صلح جُو ماڻهوءَ جي دل ۾ هن ڪريلي مثل ڪو ڪفر لاءِ نرم گوشو پيدا ٿيو هجي تنهنڪري سورة هود ۾ بظاهر حضور اڪرم ﷺ کي خطاب ڪندي پر اصل ۾ ڪافرن کي ملامت ڪندي فرمايو ويو آهي ته:

”تہ شايد توهان ڏانهن نازل ڪيل وحي منجهان ڪجهه حصو ترڪ ڪري ڇڏيندا.
۽ توهان جو سينو انهيءَ ڳالهہ تي بہ ٻيڪڙجي ويندو آهي، تہ هن تي ڪو خزانو
ڇو نہ لاٿو ويو آهي ۽ هن سان گڏ ڪو فرشتو ڇو نہ آيو آهي؟ تہ پوءِ معلوم هجي
تہ توهان جو ڪم تہ فقط خبردار ڪرڻ آهي، باقي سڀ شين جو اصل ذميوار الله
ئي آهي.“ ۽ سورة يونس ۾ فرمايو ويو، ”جڏهن انهن کي اسان جيون ڪليل آيتون
پڙهي ٻڌائجن ٿيون تہ جن ماڻهن کي اسان وٽ حاضري ڏيڻ جو يقين نہ هوندو
آهي، سي چوندا آهن تہ يا تہ ڪو ٻيو قرآن پيش ڪريو يا ان ۾ ترميم ڪريو.
چئو! تہ منهنجي لاءِ اها ڳالهہ هرگز ممڪن نہ آهي تہ آئون پنهنجي پاران ان ۾ ڪا
بہ ڦيرڦار ڪري سگهان. آئون تہ پاڻ پابند آهيان ان ڳالهہ جو جيڪا مون ڏانهن
وحي ڪئي وڃي ٿي ۽ جيڪڏهن مون پنهنجي رب جي نافرماني ڪئي تہ مون کي
پاڻ پنهنجي رب کان وڏي ڏينهن تي سزا جو خوف آهي.“

۽ اهائي ڳالهہ آهي جيڪا سورة يونس جي پڇاڙي ۾ حضور اڪرم صلي الله
عليہ وسلم کي خطاب ڪندي فرمائي وئي آهي تہ ”اتباع ڪندا رهو ان ڳالهہ جي
جيڪا توهان ڏانهن وحي ڪئي پئي وڃي.“ ۽ آيت نمبر ٥٧، ٥٨ ۾ عام تقريري
انداز ۾ فرمايو ويو آهي تہ: يٰاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ
وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ○ قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ
وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ○“ (يعني اي انسانو!
توهان ڏانهن توهان جي رب وٽان نصيحت، دلين جي مرض جي شفا ۽ ايمان
وارن لاءِ هدايت ۽ رحمت اچي وئي آهي — چئو تہ الله جي فضل جو ڪرشمو
۽ سندس رحمت ظاهر ٿي آهي، تہ پوءِ گهرجي تہ ماڻهو ان ڳالهہ تي خوشيون ملهائين
ڇو تہ اها شيءِ انهن سيني شين کان وڌيڪ سٺي ۽ قيمتي آهي جن کي اهي ماڻهو
ميڙي رهيا آهن.“)

حضور اڪرم ﷺ جي نبوت، رسالت ۽ قرآن مجيد جي ذڪر کان پوءِ سڀ
کان واضح مضمون انهي سورتن ۾ انذار يعني خبردار ڪرڻ جو آهي ۽ جنهن

تيسان ڪا ٻار ڙنڪ ڪيڏ اهٺا هائي بس سبب لاءِ عذاب جو مزو چکو ۽ هي توهان جي پنهنجي ڪمائي آهي جنهن جو عيوض توهان کي ملي رهيو آهي ۽ اهي پڇن ٿا ته جيڪو توهان چئو ٿا سو واقعي ٿيندو؟ چئو ها ائين. رب جو قسم ته اهو اٽل آهي ۽ جڏهن اهو ايندو ته توهين هرگز ان جي جهٽ مان بچي نه سگهندا."[1]

ڪفار ۽ مشرڪن کي خبردار ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن ٻنهي سورتن ۾ مومنن لاءِ خوشخبري به موجود آهي. ان طرح سورة يونس جي ٻئي آيت ۾ جتي حضور اڪرمؐ کي اهو حڪم ڏنو آهي ته ماڻهن کي سندن بدعملي ۽ بدڪرداري جي نتيجن کان خبردار ڪريو، اتي اهو به هدايت ڪئي وئي آهي ته ايمان وارن کي خوشخبري ڏيو ته "أَنَّ لَهُمْ قَدَمَ صِدْقٍ عِنْدَ رَبِّهِمْ" (يعني انهن لاءِ سندن رب وٽ وڏو مرتبو آهي) ۽ اڳتي هلي آيت نمبر ۹ ۽ نمبر ۱۰ ۾ ان جي تشريح فرمائي وئي آهي: "جيڪي شخص ايمان آڻيندا ۽ نيڪ عمل ڪندا ته الله انهن کي سندن ايمان جي ڪري سندن منزل مراد تي پهچائيندو يعني نعمتن ڀريل باغن ۾ جن جي اندر وهندڙ ڪڙيا هوندا. ۽ اتي انهن جي وات ۾ وائي فقط الله جي واکاڻ جي هوندي ۽ پاڻ ۾ دعا جو جملو پيا ورجائيندا السلام عليڪم ۽ آخري ڳالهه سندن اها هوندي ته سڀ ساراهه ۽ شڪر الله لاءِ ئي آهي جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي." آيت ۶۲ کان ۶۴ تائين فرمايو ويو آهي ته: "معلوم هجيو! ته الله جي دوستن کي ڪوبه خوف نه آهي ۽ نه ئي رنج جو انديشو يعني جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري اختيار ڪئي تن لاءِ خوشخبريون آهن دنيا ۾ به ۽ آخرت ۾ به الله جي قانون کي ڪوبه بدلائي نٿو سگهي ۽ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي."

الله تعالىٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان کي به ان نعمت مان به ڪجهه عطا فرمائي — آمين يارب العالمين!

تقرير نمبر ١٢
مختصر تفسير
سورة يوسف

سورة يوسف قرآن مجيد ۾ يارنهين سيپاري جي آخري ٽن پتي کان ٿورو اڳ شروع ٿئي ٿي ۽ تيرنهين سيپاري جي چوٿين پتي کان پوءِ ختم ٿئي ٿي. هن ۾ ١١١ آيتون ۽ ١٢ رکوع آهن. هن سورة ۾ پهرين ٻن ۽ پوين ڏهن آيتن کي ڇڏي باقي سموري سورة هڪڙي ئي نبي يعني حضرت يوسف عليه السلام جي احوال تي ٻڌل آهي. قرآن مجيد ۾ بلڪل ساڳئي نموني جي فقط هڪڙي ٻي سورة يعني سورة طٰهٰ آهي ۽ ٻئي نمبر تي ان جي ويجهو سورة قصص آهي. انهن ٻنهي سورتن ۾ ساڳئي نموني اول کان آخر تائين حضرت موسىٰ جوئي احوال ڏنل آهي. عجب آهي جو انهن ٻنهي سورتن ۾ بني اسرائيل جي تاريخ مذڪور آهي. بني اسرائيل حضرت يوسفؑ جي زماني ۾ مصر آيا هئا. ۽ حضرت موسىٰؑ جي زماني ۾ مصر مان نڪتا. وري انهن ٻنهي سببن جي احوالن ۾ به عجيب مشابهت آهي يعني ته حضرت يوسفؑ کي سندن ڀائرن حسد وچان کوهه ۾ اڇلايو هو پر الله تعالىٰ پنهنجي فضل سان حضرت يوسفؑ کي مصر جهڙي مهذب ملڪ جي گادي واري هنڌ ۾ هڪ وڏي گهراڻي ۾ پهچائي ڇڏيو. ساڳئي طرح موسىٰؑ کي سندن ماءُ دشمنن جي خوف کان الله جي اشاري تي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو ۽ پوءِ کين به الله تعالىٰ پنهنجي حڪمت سان فرعون جي محل ۾ پهچائي ڇڏيو. مطلب ته ٻنهي احوالن جو تت هيءُ آهي ته: "وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰى اَمْرِهٖ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ٥" (يعني الله پنهنجي ڳالهه کي پورو ڪري ٿو ۽ پنهنجن فيصلن کي نافذ ڪرڻ ۾ پوري طرح

قدرت رکي ٿو. پر اڪثر ماڻھو حقيقت کان اڻ واقف آھن!» ھن آيت ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم ۽ سندن صحابه ڪرام رضوان الله تعاليٰ عنھم اجمعين لاءِ تسلي ۽ دلجوئي آھي. ان ڪري جو ھن وقت توھان کي مڪي جي سرزمين تي جن ڏکين حالتن کي منھن ڏيڻ پيو آھي ۽ جن تڪليفن ۽ مصيبتن توھان کي گھيري ۾ ورتو آھي تن کان دل شڪستانه ٿيو. الله قادر آھي ھو ظاھري مايوسي جي اونداهي رات کي چيري اميد جو چمڪندڙ سج اڀاري ٿو ۽ توھان جي دشمنن جي تدبيرن کي اٿلندو توھان لاءِ برڪت جو باعث ۾ ڪاميابي جو ذريعو بڻائي ڇڏي ٿو.

اهڙيءَ طرح پوري سورة يوسف جڻ سورة ھود جي آخري آيت "وَكُلًّا نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ أَنبَاءِ الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهِ فُؤَادَكَ" جي تشريح ۽ تفصيل آھي. سو حقيقت ۾ مڪي جي قريشن، حضور اڪرم ﷺ جي مڪي مان هجرت ڪري وڃڻ کي پنھنجي لاءِ وڏي ڪاميابي سمجھيو ھو پر الله تعاليٰ انهيءَ ڪري حضور اڪرم ﷺ کي تمڪن في الارض يعني زمين ۾ پير ڄمائڻ جو ذريعو بڻائي ڇڏيو ۽ مورڳو ڏھن سالن جي ٿوري عرصي ۾ حضور پاڪ ھڪ فاتح جي حيثيت سان مڪي شريف ۾ داخل ٿيا ۽ بلڪل ساڳي صورتحال پيش آئي جيڪا اٽڪل اڍائي ھزار ورھيه اڳ سامھون آئي ھئي جيئن حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن کي حضرت يوسف عليه السلام جي اڳيان شرمندو ٿي اچڻو پيو ھو پر حضرت يوسف عليه السلام جن بيحد مروت سان کين فرمايو ھو ته: "لَا تَثْرِيبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ يَغْفِرُ اللَّهُ لَكُمْ وَهُوَ أَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ" ساڳي طرح جڏھن قريشن جا نيڊا وڏا سڀ حضور اڪرم ﷺ جن جي اڳيان ناڪام ٿي شڪست کائي اچي بيٺا ته حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ھو ته: "اڄ آءٌ به توھان کي ساڳي ڳالھ چوان ٿو جيڪا منھنجي ڀاءُ يوسف عليه السلام چئي ھئي يعني توھان تي ڪابه ملامت نه آھي. توھين سڀ آزاد آھيو!" مطلب ته سورة يوسف جو اصل سبق اھوئي آھي ته ھڪ مومن ۽ حق جي داعي کي ڏکين حالتن ۾ ھرگز پريشان نه ٿيڻ گھرجي ۽ پنھنجي رب تي ڀروسو رکي پنھنجو فرض ادا ڪندو

رهڻ گهرجي. جو جڏهن چاهيندو تڏهن پنهنجي زبردست قدرت ۽ حڪمت سان ڪاميابيءَ جو واٽون ڪڍندو. هونئن به هڪ مؤمن جو اصل مقصد ته آخرت جي سُرخروئيءَ ۽ ڪاميابي آهي.

الله تعاليٰ حضرت يوسفؑ جي احوال کي ”احسن القصص“ چيو آهي ۽ تنهنڪري اهو مناسب آهي ته هن موقعي تي ان جو خلاصو بيان ڪجي

حضرت يوسفؑ حضرت ابراهيمؑ جا پڙ پوٽا هئا. سندن شجرو مبارڪ هن ريت آهي: يوسف بن يعقوب بن اسحاق بن ابراهيم عليهما الصلواة والسلام. حضرت ابراهيمؑ پنهنجي وڏي پٽ حضرت اسماعيلؑ کي حجاز جي علائقي ۾ بيت الله جي ويجهو آباد ڪيو هو. ٻئي پنهنجي ٻئي پٽ حضرت اسحاقؑ کي موجوده اردن جي اوپر واري علائقي ۾ آباد ڪيو هو. اهڙي طرح سندن فرزند حضرت يعقوبؑ به اتي ئي آباد هئا. حضرت يعقوبؑ جا ٻارنهن گهر وارين مان ٻارنهن پٽ هئا، جن مان ڏهه وڏي زال مان ۽ ٻه ننڍي زال مان. انهن ٻنهي پٽن مان هڪڙو حضرت يوسف هو ۽ ٻيو سندن سڳو ڀاءُ بن يامين هو ۽ حضرت يعقوبؑ کي انهن ٻنهي سان (شايد ننڍا هئڻ ڪري) وڌيڪ محبت هئي. پر خاص طرح حضرت يوسفؑ سان ته ان ڪري به بيحد پيار هو جو ننڍپڻ کان ئي حضرت يوسفؑ ۾ هدايت، سعادت ۽ سچائيءَ جا اهڃاڻ پڌرا هئا. حضرت يعقوب جي انهي خيال جي تصديق حضرت يوسفؑ جي هڪ خواب مان ٿي جنهن ۾ حضرت جن ڏٺو ته يارنهن تارا، سج ۽ چنڊ کين سجدو ڪري رهيا آهن جڏهن حضرت يوسفؑ پنهنجو هي خواب پنهنجي والد سڳوري کي ٻڌايو ته انهن حضرت يوسفؑ کي الله وٽ پسنديدگيءَ جي خوشخبري ٻڌائي ۽ چيائون ته اهو خواب ڀائرن جي اڳيان بيان نه ڪجو. ته متان حسد نه ٿين ۽ حضرت يوسفؑ کي ڪو ايذاءُ پهچائڻ جي ڪوشش نه ڪن. ايتري احتياط هوندي به حسد جي چڻنگ يوسفؑ جي ڀائرن جي سيني ۾ دکي باهه ٿي پيئي ۽ انهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته سندن راه مان هن پٽڙکي ڪيئن هٽائجي. ڪن جو خيال هو ته کين قتل ڪري

چڙهي پروڙو پاءُ جيڪو ڪي قدر شريف طبع هو سو صند ڪري سنوڻ قتل جي بدران کين کنهن کوهه ۾ اڇلائي ڇڏڻ جي صلاح ڏني جتان هو کنهن قافلي جي هٿ چڙهي ويندا ۽ اهڙي طرح ڪنهن ٻئي ملڪ ڏانهن هليا ويندا. ابن ڪرٿ سان هڪ پاءُ جي جان به بچي پوندي ۽ اسان جي رستي جو ڪنڊو به هٽي ويندو سوان راءِ مطابق انهن حضرت يعقوبؑ کي چيو ته حضرت يوسفؑ کي ساڻن گڏ شڪار تي وڃڻ جي اجازت ڏيو ته جيئن راند روند ۽ تفريح جو موقعو ملي سگهي. حضرت يعقوبؑ پهرياڻيس ته ويچار ۾ پئجي ويا. فرمايائون ته مون کي ڊپ آهي ته متان توهين هن کان غافل ٿي وڃو ۽ ڪو بگهڙ وغيره کين ماري نه ڇڏي پر پوءِ اجازت ڏيئي ڇڏيائون. پاڻ پنهنجي رٿ مطابق حضرت يوسفؑ کي کوهه ۾ ڦٽو ڪيو ۽ سندن قميص تي ڪوڙو رت هڻي پيءُ وٽ ڪڏي آيا ۽ ساڳئي ٿاميل ڳالهه ٻڌايائون جنهن جو اندېشو حضرت يعقوبؑ کي اڳيم ئي هو. حضرت جن پٽن جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪيو پر صبر ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪين هو. اندازو آهي ته حضرت يوسفؑ جي پيدائش ١٩٠٦ قبل مسيح ۾ ٿي هوندي ۽ ١٨٩٠ قبل مسيح ۾ جڏهن حضرتؑ جن جي عمر سترنهن سال ٿي هوندي ته ڏهن کوهه ۾ اڇلجڻ جو واقعو پيش آيو هوندو. کوهه ۾ ٽي ڏينهن ۽ راتيون پيا هئا. سچو چا ٽي ٿو ته ايتروئي عرصو حضور اکرم صلي الله عليه وسلم جن به غار ثور ۾ گذاريو هو. بهرحال ٽن ڏينهن کان پوءِ هڪڙو قافلو اتان لانگها ئو ٿيو، قافلي وارن پاڻي لاءِ جڏهن ڏول کوهه ۾ وڌو ته حضرت يوسفؑ ڏول ذريعي ٻاهر نڪري آيا. قافلي وارن کين وڪري جو مال سمجهي مصر ۾ اچي جلد از جلد وڪڻي ڇڏيو ته متان ڪو ڪر جو ڪو وارث نه پهچي وڃي ۽ اسين فائدي بدران ڪنهن نقصان ۾ نه پئجي وڃون. مصر ۾ غلامن جي بازار ۾ حضرت يوسفؑ جو خريدار ڪو وڏو سرڪاري عهديدار هو. تنهن غلام کي پنهنجي زال جي حوالي ڪيو. ۽ تاڪيد ڪيائين ته چوڪر کي چڱي نموني رکجو، ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي هي اسان لاءِ وڏيڪ فائديمند ثابت ٿئي

۽ اهو به ٿي سگهي ٿو. اسين من کي پنهنجو بنيلو ڪري رکون. اهڙي طرح الله تعاليٰ حضرت يوسف ؑ کي ان زماني جي سڀ کان وڌيڪ مهذب ۽ ترقي يافته ملڪ جي هڪ وڏي عهديدار جي گهر ۾ پرورش جو سامان مهيا ڪيو ۽ اهڙي طرح حضرت يوسف ؑ لاءِ اقتدار تائين پهچڻ جو رستو صاف ڪري ڇڏيو. سورة يوسف ۾ ان هنڌ هي لفظ آيا آهن جن جو ذڪر اڳ ۾ ئي ڪيو ويو آهي. يعني ته: "وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰى اَمْرِهٖ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ" (۽ الله تعاليٰ پنهنجن فيصلن کي نافذ ڪرڻ تي پوري طرح قادر آهي پر اڪثر ماڻهو حقيقت کان ناواقف آهن).

حضرت يوسف ؑ جوان ٿيا ته الله تعاليٰ هڪ طرف تهڪين علم ۽ حڪمت سان نوازيو ۽ نبوت عطا فرمائي ۽ ٻئي طرف مردانو حسن ۽ منهن مهاندو به بهترين عطا فرمايو هو ۽ اهائي شيءِ سندن لاءِ هڪ نئين ۽ وڌيڪ ڏکي آزمائش جو سبب ٿي پئي. عزيز مصر وٽ اٽڪل (٦) ڇهه سال رهڻ کان پوءِ اهو واقعو پيش آيو جنهن ۾ من جي زال حضرت يوسف ؑ کي گناهه ڏانهن سڏيو هو ۽ جنهن کي حضرت يوسف ؑ الله تعاليٰ جي خاص فضل ۽ ڪرم سان رد ڪري ڇڏيو. من بدنصيب عورت کي ان ڳالهه ٿي وڌيڪ ڪاوڙ لڳي ۽ ضد ڪري بيٺي ته يا ته حضرت يوسف ؑ سندس چيئي تي هلي نه ته هن کي سخت سزا ڏياري وينديءَ يا وري قيدخاني جي حوالي ڪيو ويندو. ان مرحلي تي حضرت يوسف ؑ خود بارگاهه رباني ۾ دعا گهري ته: "اي رب سائين! جنهن ڳالهه لاءِ هيءَ مون کي چئي رهي آهي، ان جي ڀيٽ ۾ قيدخانو منهنجي لاءِ وڌيڪ چڱو آهي. ۽ جيڪڏهن تو هان اهڙين چالبازين کي مون وٽان دفع نه ڪيو ته عجب ناهي ته آئون به جذبات جي وهڪري ۾ لڙهي ان عورت ڏانهن مائل ٿي رهان." الله تعاليٰ اها دعا قبول فرمائي ۽ اهڙين حالتون پيدا ٿيون جو حضرت يوسف ؑ کي قيدخاني ۾ وڌو ويو.

قيدخاني ۾ به حضرت يوسف ؑ اسلام جي دعوت ۽ تبليغ جو ڪم شروع ڪري ڏنو ۽ جڏهن اتي جا ماڻهو سندن شرافت ۽ خاص ڪري خوابن جي تعبير

جي صلاحيت جي ڪري سندن طرف متوجه ٿيا ته حضرت جن انهن کي توحيد جي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي يعني ته "اي منهنجا قيدي ساٿيو! توهان پاڻ ويچار ڪري ڏسو ته ڌار ڌار گهڻا رب چڱا آهن يا هڪڙو رب جيڪو زبردست قوت جو صاحب آهي ۽ سڀني تي غالب به آهي توهين جن جن جي پوڄا ڪريو ٿا الله کي ڇڏي، اهي ته رڳو نالا آهن جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن جا رکيل آهن. الله تعالىٰ انهن جي حق ۾ ڪا به سنديا تصديق نامو نازل نه ڪيو آهي. اختيار ۽ اقتدار سڀ الله جو ئي آهي. الله حڪم ڪيو آهي ته هن کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪريو. اهوئي دين قيم آهي پر اڪثر ماڻهن کي خبر نه آهي؟ قيدخاني جي ساٿين مان هڪ کي حضرت يوسفؑ ٻڌايو ته هو جلد آزاد ٿي ويندو ۽ مصر جي بادشاه جو ساقي مقرر ٿيندو ـــــــــــ تاريخي لحاظ کان اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته ان وقت مصر تي فرعونن جو پنجون گهراڻو حاڪم هو جن کي ذ ننار بادشاه يا (   ) چيو وڃي ٿو. ياڻئي ٿوته هي عربي نسل سان تعلق رکندا هئا ۽ جيئن ته پاڻ ٻاهران آيل هئا ان ڪري ٻاهران آيل ماڻهن لاءِ دل ۾ نرم گوشو رکندڙ هئا. شايد اهوئي سبب هو جو هو بني اسرائيل جي عزت ڪندا هئا. بهرحال حضرت يوسفؑ کي قيد ۾ اٽڪل ست سال لنگهي ويا ــــ هڪڙي رات مصر جي بادشاه هڪ خواب لڌو هو جنهن جي تعبير درٻارين مان ڪو به ٻڌائي نه سگهيو. اوچتو بادشاه جي ساقي کي حضرت يوسفؑ ياد آيو. هو بادشاه جي اجازت سان قيدخاني ۾ حضرت يوسفؑ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ان خواب جي تعبير پڇي آيو. حضرت يوسفؑ نه رڳو خواب جي تعبير ٻڌائي پر مصر تي جيڪا مصيبت اچي هئي تنهن جي بچاءُ لاءِ واٽ به ٻڌائي. ان تي بادشاه ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ حضرت يوسفؑ کي قيدخاني مان آزاد ڪري نه رڳو پاڻ وٽ خاص درٻارين ۾ شامل ڪيائين پر مصري حڪومت ۾ هڪ نهايت اعلىٰ عهدي تي مقرر ڪري آئينده پيش ايندڙ مصيبتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سڀ اختيار به سندن حوالي ڪيائين. جنهن وقت حضرت يوسفؑ ان

عهدي ۾ مقرر ڪيا ويا هئا تنهن وقت سندن عمر ٽيهه سال هئي ۽ پوءِ اسي سالن تائين ساڳئي عهدي تي ڪم ڪندا رهيا.

جنهن مصيبت بابت حضرت يوسف، بادشاهه جي خواب جي تعبير بيان ڪندي خبردار ڪيو هو سو هڪ خوفناڪ ڏڪار هو. جنهن ڏڪر مصر کي پر بين پرپاسي وارن ملڪن کي به پريشان ڪري ڇڏيو هو. حضرت يوسف ان سلسلي ۾ اناج جو جيڪو بندوبست ڪيو هو سو پري پري علائقي جي ماڻهن جون جانيون بچائڻ ۾ ڪم آيو ۽ اهوئي سبب هو جو حضرت يوسف جا ڀائر مصر ۾ آيا.

اهي جڏهن حضرت يوسف جي اڳيان پيش ٿيا تڏهن حضرت يوسف جن ته کين سڃاتو پر انهن کي خيال ۾ به نه ٿي آيو جو سگهيو ته جنهن ننڍي ڀاءُ کي انهن پنهنجي ننڍپڻ ۾ کوهه ۾ اڇليو هو سو ساڳيو اڄ عزيز مصر جي شڪل ۾ سندن سامهون موجود آهي. حضرت يوسف قياس ڪري انهن کي ان وغيره ڏنو پر پاڻ ظاهر نه ڪيائون. البته پنهنجي ڀاءُ بن يامين کي به اصرار ڪري مصر سڏائي ورتائون ۽ هڪڙي اهڙي ئي سان جيڪا الله تعالى پنهنجي خاص فضل ۽ ڪرم سان پيدا فرمائي هئي کيس پاڻ وٽ ترسائي ڇڏيائون.

انهيءَ صورتحال ۾ اهڙو وقت به آيو جو جڏهن يوسف جي ڀائرن وٽ اناج خريد ڪرڻ لاءِ ٽڪو به نه بچيو ۽ اهي ان خيرات ۾ وٺڻ تي مجبور ٿي پيا. ڀائرن جي اها حالت حضرت يوسف کان ڏٺي ڪانه ٿي ۽ پوءِ ته نه رڳو پنهنجو پاڻ ظاهر ڪيائون پر حڪم ڏنائون ته سندن والد ماجد حضرت يعقوب سان گڏ سڄو ڪٽنب وٺي مصر اچو ۽ مصر ۾ ئي رهو. اهڙي طرح اسرائيل ۽ بني اسرائيل يعني حضرت يعقوب ۽ سندن سمورا پٽ پنهنجي اهل عيال سان مصر ۾ لڏي آيا. جتي جي بادشاهه کين ڏاڍو آڌرڀاءُ ڏنو ۽ کين مصر جي زرخيز علائقن ۾ آباد ڪيو ويو. جيئن ته مصر جو بادشاهه پاڻ به حضرت يوسف جو عقيدتمند هو تنهنڪري انهن کي مصر ۾ پير پائڻ وانگر عزت ۽ مان مليو. ور اڳتي هلي جڏهن مصر ۾ قومي انقلاب آيو ۽

(KINGS SOS K/٤٧/١) جو خاتمو ٿيو ته بني اسرائيل وارن تي به مصيبتون آيون تان جوڪا في عرصي تائين ڏکن ۽ اکرن سهڻ کان پوءِ الله تعاليٰ کين حضرت موسيٰ جي ذريعي نجات ڏياري.

سورة يوسف ۾ حضرت يوسفؑ جي آزمائش ۽ تڪليفن جي ذڪر سان گڏوگڏ حضرت يعقوبؑ جي آزمائش ۽ صبر جو ذڪر به نهايت سبق آموز نموني ۾ ڪيو ويو آهي. حضرت يعقوبؑ کي حضرت يوسفؑ سان بيحد محبت هئي ۽ کين الله تعاليٰ جي طرفان اهو به معلوم هو ته هُو حيات آهن. ان ڪري جدائي ۽ فراق جو غم کين اندر ئي اندر کائيندو رهيو تان جو سندن اکيون به سوجهه ڇڏي ويون پر زبان تي هر وقت هي جملا هوندا هئا: "فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ وَاللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَاتَصِفُوْنَ" ۽ "فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِيَنِيْ بِهِمْ جَمِيْعًا" يعني هر حال ۾ صبر اختيار ڪرڻ ئي ايمان وارن لاءِ صحيح طريقو آهي. ۽ جڏهن گهر جي ياتين ان رنج ۽ غم کان کين روڪيو ته فرمايائون: "اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ اِلَى اللّٰهِ" (آئون پنهنجي پريشاني ۽ غم جي شڪايت پنهنجي الله وٽ ڪريان ٿو!)

——— ساڳئي صورتحال اسين سيرت النبي صلى الله عليه وسلم ۾ به ڏسون ٿا ته جڏهن سندن فرزند حضرت ابراهيم وفات ڪئي ته سندن اکين مان لڙڪ لڙي پيا ـ ان وقت ڪن ماڻهن کي ان تي عجب ٿيو ته ڏهن پاڻ فرمايائون: "جيتوڻيڪ دل غمزده آهي ۽ اکين مان به لڙڪ وهن ٿا پر زبان تي ان کان سواءِ ٻيو گفتو نه ايندو ته جنهن ڳالهه ۾ الله راضي آهي اسين به ان تي راضي آهيون" ۽ جڏهن طائف ۾ حضور اڪرمؐ تي پٿرن جو وسڪارو ڪيو ويو ۽ پاڻ سڳورن جو جسم مبارڪ رتو رت ٿي ويو ۽ سڀ کان وڏي تڪليف اها هئي ته مٿن انتها چٿرون ۽ مسخريون ڪيون ويون. اتان واپس ورندي پاڻ سڳورنؐ دل ڏکائيندڙ لفظن ۾ جيڪا دعا گهري هئي تنهن جا به پهريائين لفظ هي هئا: "اَللّٰهُمَّ اِلَيْكَ اَشْكُوْا ضُعْفَ قُوَّتِيْ وَقِلَّةَ حِيْلَتِيْ وَهَوَانِيْ عَلَى النَّاسِ" (اي الله سائين! تنهنجي ئي دربار ۾ آئون شڪايت ڪريان ٿو

پنهنجي هيٺائي ۽ بي وسعتي جي ۽ ذريعن جي گهٽتائي جي ۽ ماڻهن جي اڳيان بي عزتي جي)) مطلب ته سورة يوسف ۾ جتي حضرت يوسف؏ جي شخصيت ۾ هڪ صابر ۽ شڪرگذار باهمت انسان ۽ باعصمت نوجوان ۽ هڪ اولوالعزم داعي حق ۽ توحيد جي مبلغ، صالح، مدبر ۽ منتظم حاڪم جو ڪردار واضح ٿئي ٿو، اتي حضرت يعقوب؏ جي شخصيت ۾ هڪ بيحد رحمدل، رقيق القلب درويش جو ڪردار به سامهون اچي ٿو جيڪو پنهنجي غم کي اندر ۾ اندر برداشت ڪري ٿو جيڪڏهن ڪا شڪايت به ڪري ٿو ته فقط پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي درگاه ۾ ـــــ غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته اهي سموريون وصفون نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جي سيرت مبارڪ ۾ هڪ ئي وقت موجود هيون. بقول هڪ شاعر جي:

حسنِ یوسفؑ، دمِ عیسیٰ، یدِ بیضا داری — آنچہ خوباں ہمہ دارند تو تنہا داری!

سورة يوسف جي اول ۽ آخر ۾ قرآن مجيد، هڪ ڪليل ۽ الله جي طرفان نازل ڪيل ڪتاب جي حيثيت سان بيان ٿيو آهي ۽ آخري آيت ۾ ته يوسف؏ جي قصي کي قرآن جي وحي الاهي هجڻ لاءِ دليل طور پيش ڪيو ويو آهي جو ته ادائي هزار ورهيه اڳ جا احوال ۾ ايتري قدر وضاحت ۽ درستگي سان عربستان جو هڪ اُمي (صلى الله عليه وسلم) آخر ڪيئن بيان ڪري سگهي ٿو؟ "مَا كَانَ حَدِيْثًا يُّفْتَرٰى وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ" (هي ڪا هٿرادو ٺاهيل ڳالهه ڪانهي پر تصديق آهي ان ڳالهه جي جيڪا اڳ ۾ ئي موجود آهي ۽ هر شيءِ جي تفصيل ۽ هدايت ۽ رحمت آهي ايمان آڻڻ وارن لاءِ) "مَا كَانَ حَدِيْثًا يُّفْتَرٰى" جا لفظ اشارو ڪري رهيا آهن ته هن سورة مبارڪ جو ربط ۽ تعلق سورة يونس ۽ سورة هود سان آهي جو ته انهن ٻنهي سورتن ۾ هي لفظ آيا آهن: "اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰاهُ"، مطلب ته انهن ٽنهي سورتن مان اصل جوڙو وار و تعلق ته سورة يونس ۽ سورة هود جي وچ ۾ آهي، البته سورة يوسف انهن ٻنهي لاءِ ضميمي

جي حيثيت رکي ٿي. اهوئي سبب آهي جو توحيد،رسالت،آخرت ۽ رسولن جي قومن جي طرفان حق کان انڪار ڪرڻ جي نتيجي ۾ عذاب الاهي جي مضمونن جو هڪ خلاصو به هن سورت جي پڇاڙي ۾ درج ڪيو ويو آهي،جڏهن ته ان جي پوري تفصيل سورة يونس ۽ سورة هود ۾ بيان ٿيل آهي. ان سلسلي ۾ ٻه آيتون بيحد اهم آهن. هڪ آيت ۾ شرڪ جي وسعت بيان ڪئي ويئي آهي ته اڪثر ماڻهو عنهن نه ڪنهن شرڪ کان سواءِ خدا کي مڃين ئي نٿا ۽ ٻي ۾ حضوراڪرم ﷺ کان چورايو ويو آهي ته ـــــ "چئو ته، هي منهنجي واٽ آهي. آئون الله ڏانهن سڏيان ٿو پوري بصيرت سان.۽ آئون ۽ منهنجا تابعدار ساڻي به (سڏيندڙ آهن)،۽ الله پاڪ آهي ۽ آئون مشرڪن مان نه آهيان."

وآخر دعوانا ان الحمدلله رب العالمين

تقرير نمبر ١٣

سورة رعد، سورة ابراهيم، سورة حجر

سورة رعد ۽ سورة ابراهيم ۾ ترتيبوار ٦ رڪوع ۽ ٤٣ آيتون ۽ ٧ رڪوع ۽ ٥٢ آيتون آهن. انهن ۾ انداز بيان، موضوع ۽ مضمون وغيره سڀ مڪي دور جي آخري زماني ۾ نازل ٿيل سورتن سان مشابهت رکن ٿا. سورة حجر ۾ ٦ رڪوع ٩٩ آيتون آهن. آيتون ڪي قدر ننڍيون آهن. البته اسانئيل مڪي دور جي اوائل ۾ نازل ٿيل سورتن سان گهڻي مشابهت رکي ٿي ۽ مضمون ۾ ٻه سڀئي خاصيت موجود آهي، خاص طور تي شروعات ۽ پڇاڙي وارين آيتن ۾ .

سورة رعد

سورة رعد ۾ نبين يا رسولن جا قصا مذڪور نه آهن البته ســوري سورة مڪ يعني مڪي دؤر جي تقرير ڏسڻ ۾ اچي ٿي جنهن ۾ توحيد، رسالت ۽ آخرت جي متعلق بنيادي بحث ڪيل آهي جيتوڻيڪ ان ۾ گهڻو زور ايمان بالرسالت ۽ ايمان بالآخرت تي ڏنل آهي پر آفاق ۽ انفس ۾ جيڪي مشاهدا قيامت ۽ موت کان پوءِ زندگي بابت دليل طور بيان ٿيل آهن، تن مان به ضمني طور تي توحيد جو ثبوت واضح ٿئي ٿو.

پهرئين آيت ۾ قرآن مجيد جو حق هجڻ بيان ٿيل آهي. جيئن ته فرمايو ويو آهي: (الٓمّٓرٰ- هي ڪتاب الاهي جون آيتون آهن ۽ اي نبي ﷺ! جيڪي به توهان جي رب وٽان توهان تي نازل ٿيو آهي سو سراسر حق آهي پر گهڻا ماڻهو مڃين نٿا).

ان کان پوءِ ايندڙ ٽن آيتن ۾ الله تعاليٰ جي عظيم قدرتن جي مشاهدي ڏانهن توجهه ڏياريندي آيت ۵ ۾ بيحد دلنشين انداز ۾ فرمايو ويو آهي: ”۽ جيڪڏهن توهان کي عجب لڳي ٿو ته پوءِ عجب جهڙي ڳالهه ته انهن قيامت جي منڪرن جو هي قول آهي ته جڏهن اسين مٽي بڻجي مٽي سان ملي وينداسون، تڏهن وري جيئرا ڪيئن ڪيا وينداسون؟ هي ته اهي ماڻهو آهن جــن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو آهي ۽ سندن ڳچين ۾ طوق آهي ۽ اهــي جهنمي آهن جنهن ۾ هميشه رهندا.“ مطلب ته جيڪو شخص الله کي ئي نٿو مڃي يا ان جي قدرت تي يقين ئي نٿو رکي تنهن جي ڳالهه ڌار آهي. پـر جيڪو ماڻهو الله کي به مڃي ٿو ۽ ان جي عَلىٰ كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ هجڻ تي يقين به رکي ٿو پوري پوءِ به موت کان پوءِ اٿڻ تي عجب ڪري ٿو يا ان کي ناممڪن سمجهي ٿو ته اهڙي ماڻهو جي حالت عجب جوڳي آهي. ۽ جيڪو به ائين سوچي ٿو سو ته ڄڻ پنهنجي رب جو ۽ رب جي ڪامل صفتن جو

انڪار ڪري ٿو.

تنهن کان پوءِ الله تعاليٰ جي ڪامل قدرت ۽ ڪامل علم جو بيان آهي ۽ پوءِ آيت نمبر ١١ ۾ انساني عمرانيات جو هڪ سونهري ۽ اٽل اصول بيان ڪيو ويو آهي: ”اِنَّ اللهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ“ (الله تعاليٰ ڪنهن به قوم جي حالت تيستائين نه بدلائيندو آهي جيستائين هو پاڻ بدلائڻ لاءِ ڪوشش نه ڪري) . شعر آهي:

خدا نے آج تک اُس قوم کی حالت نہیں بدلی نہ ہو جس کو خیال آپ اپنی حالت کے بدلنے کا

پر ان جي اصل معنيٰ هيءَ آهي ته انسان جون خارجي حالتون سندن باطني حالتن جي تابع آهن. جيستائين ڪنهن قوم جا ماڻهو سندن شخصيتن جي اندروني دنيا ۾ انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ته پوءِ سندن ٻاهرين حالتن ۾ به ڪا تبديلي نٿي اچي سگهي. حضرت علامه اقبال مرحوم قرآن حڪيم جي انهيءَ تاثير جو هيئن نقشو چٽيو آهي ته قرآن انسان جي باطن ۾ داخل ٿئي ٿو جنهن جي ڪري اندر ۾ انقلاب برپا ٿي وڃي ٿو ۽ اهوئي باطني انقلاب آهي جيڪو خارجي ۽ ظاهري ايستائين جو عالمي انقلاب جي شروعات ٿي پوندو آهي:

”چوں بجاں در رفت جاں دیگر شود جاں چوں دیگر شد جہاں دیگر شود!

انساني عمرانيات جو ٻيو اهم اصول آيت نمبر ١٧ ۾ بيان ٿيل آهي يعني: جيئن توهان ڏسو ٿا ته جڏهن مينهن وسي ٿو ۽ جابلو علائقن ۾ ماٿريون پاڻي سان ڀرجي ندين ۾ پونديون آهن ته ان وقت پاڻي جي مٿاڇري تي ڪک پن ۽ گجي نظر ايندي آهي. ان مٿان جي ڪا به حقيقت ڪانه هوندي آهي. اصل زمين لاءِ مفيد شيءِ ته اهو پاڻي هوندو آهي جيڪو ان جي هيٺان هوندو آهي جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي. ساڳيءَ طرح جڏهن سونارو سون يا چاندي کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪوٺاري ۾ تپائيندو آهي تڏهن به ان مان گجي نڪري مٿاڇري تي ايندي آهي پر اهو ڪوٽ ئي هوندو آهي ـــــ

بلڪل انهيءَ وانگر انساني دنيا ۾ به حق ۽ باطل جو هڪ ٻئي سان ٽڪر ۽ مسلسل جنگ هلندي رهندي آهي. ان ۾ ڪڏهن ڪڏهن باطل حق مٿان غالب ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ چؤطرف ان جوئي ڏونڪو پيو وڄندو آهي. پر حقيقت ۾ اهو ڳجي وانگر هوندو آهي جو ته قائم فقط اها شيءِ رهندي آهي جيڪا حقيقت ۾ نفع بخش ۽ فائديمند هوندي آهي ۽ اهو فقط حق ئي آهي، ان ڪري آخرڪار ڪاميابي حق جي ئي ٿيندي آهي ۽ باطل نامراد ۽ نابود ٿي ويندو آهي.

سورة رعد جو ٽيون رڪوع سورة بقره جي ٽئين رڪوع سان تمام گهڻي مشابهت رکي ٿو ۽ هي ته لفظ بلڪل ساڳيا آيل آهن: "وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ" (يعني اهي ماڻهو جيڪي الله سان ڪيل عهد پچن تا انهن کي مضبوطي سان ٻڌڻ کان پوءِ ۽ ڪاٽين ٿا ان کي جنهن کي ڳنڍڻ جو حڪم الله ڏنو آهي ۽ فساد پيدا ڪن ٿا زمين ۾!)

غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته مٿين لفظن ۾ به انساني سماج جو هڪ اهم اصول بيان ڪيو ويو آهي يعني ته انساني معاملات جي بگاڙ جو اصل سبب به شيون آهن هڪ ته الله تعالىٰ سان انسان جيڪو عهد الست ڪيو هو تنهن کي نظرانداز ڪري پنهنجي مرضي هلائڻ لڳو آهي ۽ ٻيو ته هو رحمي رشتن کي ڳنڍڻ جي بدران ٽوڙڻ تي آماده ٿي ويو آهي.

پهرئين ڳالهه جي ڪري الله تعالىٰ سان تعلق ٽٽي پوي ٿو ۽ ٻئي ڳالهه جي ڪري حقوق العباد جو پورو نظام اونڌو ٿي وڃي ٿو. سورة بقره سان هڪڙي اهم مشابهت رکڻ جي ڪري پائنجي ٿو هي سورة به هجرت سان لڳو لڳ پر ٿورو اڳ نازل ٿي هوندي.

سورة جي آخر ۾ زياده زور نبوت ۽ رسالت جي موضوعن تي ڏنو ويو آهي. فرمايو ويو آهي ته: "۽ اهي ڪافر چون ٿا ته تون هان رسول هرگز

نہ آهيو ۽ جيئن نہ منهنجي ۽ توهان جي وچم اصلي گواهہ تہ الله آهي. البتہ جن کي ڪتاب جو ڪجهہ علم ڏنل آهي (يعني يهود ۽ نصاريٰ) سي ڄاڻن ٿا تہ آئون رسول آهيان!" هن ڪان اڳ بظاهر حضور اڪرمؐ کي خطاب ڪيو ويو آهي پر ڳالهہ جو سارو رخ ڪافرن ڏانهن آهي، جن انهن کي چيو پيو ٿي تہ ــــــ توهان اعتراض ڪريو ٿا تہ هي رسول نہ عام ماڻهن جهڙو آهي ۽ هن کي زال ٻار آهي تہ ٻار ٻچا بہ اٿس، سو جيڪڏهن توهان کي خبر نہ آهي تہ اهل ڪتاب کان پڇي ڏسو تہ هن کان اڳ جيترا بہ رسول ٿي گذريا آهن اهي سڀ انسان ئي ته هئا ۽ عيالدار پڻ هئا. باقي اهو مطالبو تہ هُو توهان کي محسوس معجزو ڇو نہ ٿو ڏيکاري، تہ اهو معاملو هن جي وس ۾ نہ آهي، ان جو سارو دارومدار اسان جي مرضي تي آهي. هاڻي جيڪڏهن توهان جون اکيون انڌيون نہ آهن تہ پاڻ ڏسو تہ اسان جي نبي جي دعوت عربستان ۾ ڪيڏاري پکڙجي رهي آهي. مطلب تہ هي دعوت توهان کي چئني طرفن کان گهيرو ڪري سوڙهو ڪندي ويندي اچي پئي. جيڪڏهن اجايہ اکيون نہ پٽيان تہ بهرحال الله جو فيصلو تہ اٽل آهي. حق تہ ٿيندو ڪامياب ٿيندو البتہ توهين پنهنجي محرومي ۽ بدبختي لاءِ الله جي طرفان مهر هڻائي ڇڏيندا.

سورة ابراهيم

سورة ابراهيم جي شروعات بہ قرآن مجيد جي ذڪر سان ٿي آهي:
"هي اهو ڪتاب آهي جيڪو اسان اي نبيؐ! توهان تي انهي لاءِ نازل ڪيو آهي تہ جيئن توهان ماڻهن کي اوندهہ مان ڪڍي روشني ۾ آڻيو!" ان کان پوءِ رسولن ۽ قومن جو ذڪر آهي، حضرت موسيٰ جو ڪي قدر تفصيل سان ۽ حضرت نوح، حضرت هود ۽ حضرت صالح عليهم السلام جو مختصر احوال آهي. ٻڌايو ويو آهي تہ انهن سڀني جي دعوت اها ساڳئي هئي جيڪا اڄ نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم پيش فرمائي رهيا آهن. انهن نبين جي قومن

ب اهي ساڳيا بي بنياد اعتراض ڪيا هئا جيڪي اڄ مڪي جا قريش ۽ سردار ڪري رهيا آهن. انهن به ساڳئي نموني سندن رسولن کي پنهنجين بستين مان لڏائي ٻاهر ڪيڻ جا دڙڪا ڏنا هئا. جيئن اڄ حضور اڪرم ۽ سندن جان نثار ساٿين لاءِ مڪي جي سرزمين کي سوڙهو ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ آخري ڳالهه جيڪا ازخود ظاهر آهي ۽ جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪا نه ڪئي وئي سا اِهي هُئي ته جيئن انهن قومن تي الله جو عذاب آيو هو تيئن توهان تي به الله جو عذاب اچڻ وارو آهي تيار رهو. پوءِ قريش جي عوام کي خطاب ڪندي فرمايو ويو آهي ته اڄ ته توهين پنهنجن وڏيرن ۽ سردارن جي چوڻ تي اسان جي نبيءَ کي ڪوڙو ڪري رهيا آهيو ۽ ڪين ستائي رهيا آهيو پر قيامت جي ڏينهن نه ته توهان جا اهي سردار توهان کي الله جي عذاب کان بچائي سگهندا ۽ نه ڪي اهو شيطان لعين توهان جو ساٿ ڏيندو جيڪو توهان جو ۽ توهان جن سردارن ۽ پيشوائن جو گرو آهي سو آيت نمبر ٢١ ۽ نمبر ٢٢ ۾ نقشو چٽيو ويو آهي ته: ''۽ پوءِ سمورا الله جي اڳيان پيش ڪيا ويندا، ۽ ڪمزور ۽ ڏتڙيل ماڻهو پنهنجن سردارن ۽ وڏيرن کي چوندا: اسين ته توهان جي پيروي ڪندا هئاسين. سو هاڻي توهين اسان تان الله جي عذاب ۾ ڪا گهٽتائي ڪرائي سگهو ٿا يا نه؟ تنهن تي اهي چوندا ته جيڪڏهن الله اسان کي هدايت ڏئي ها ته اسين به توهان کي سنئين واٽ ڏيکاريون ها. سو هاڻي اسان لاءِ اها ڳالهه هڪجهڙي آهي ته صبر ڪريون يا گهوڙا گهوڙا ڪريون، بهرحال بچڻ جي ڪا به واهه ڪانهي!

________''۽ جڏهن سمورو معاملو چڪتو ٿي ويندو ته شيطان چوندو ته الله تعالىٰ به توهان سان هڪ واعدو ڪيو هو جيڪو سراسر حق هو ۽ هن اهو پورو ڪري ڇڏيو آهي. مون به توهان سان ڪي واعدا ڪيا هئا جيڪي پورا نه ٿيا. پر مون کي توهان تي ڪو اختيار مليل ڪونه هو، سواءِ انهي جي ته مون توهان کي سڏيو ۽ توهان قبول ڪيو. تنهنڪري هاڻ مون تي ملامت نه ڪريو، پنهنجو

پاڻ تي ملامت ڪريو. آئون توهان جي ڪا به فرياد پوري نٿو ڪري سگهان ۽ نه ڪي توهين منهنجي فرياد پوري ڪري سگهو ٿا !"

پنهنجي نالي سان موافقت رکندڙ هن سورة مبارڪ جي هڪڙي سڄي رڪوع ۾ حضرت ابراهيم جو ذڪر آهي ۽ بيان جو انداز به اهڙو ته وڻندڙ آهي جو ان ۾ حضرت ع جن جي هڪ دعا ۾ شرڪ کان بيزاري ۽ توحيد جي اقرار جو اعلان به اچي ويو آهي، ڪعبي شريف جي تعمير ۽ ان جي ويجهڙائي ۾ پنهنجي نسل جي هڪ شاخ کي آباد ڪرڻ جو مقصد به بيان ڪيو ويو آهي. پوڙهپڻ ۾ حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق عليهما السلام جهڙا پٽ عطا ٿيڻ تي شڪرگذاري جو به ذڪر آهي ۽ اسماعيل جي اولاد لاءِ دعاءِ خير به آيل آهي ۽ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ماءُ پيءُ ۽ مڙني مسلمانن لاءِ مغفرت جي دعا به ڪئي وئي آهي.

سورت جي آخر ۾ ڪافرن ۽ مشرڪن، خاص طرح مڪي جي قريش ۽ سردارن کي تنبيهه ڪئي وئي آهي ته "توهين هرگز اهو خيال نه ڪريو ته الله تعالى پنهنجن رسولن سان ڪيل واعدن جي خلاف ورزي ڪندو. هو زبردست به آهي ۽ بدلو وٺڻ وارو آهي ۽ هي هڪ تنبيهه آهي ته جيئن ماڻهو خبردار ٿي وڃن ۽ معلوم ٿي وڃين ته الله تعالى ئي اڪيلو معبود آهي ۽ عقلمند ماڻهن لاءِ هڪ يادگيري ٿي پوي. اسان جي اڳوڻن نبين ۽ رسولن جي قومن به ضد کان ڪم ورتو هو ۽ وڏي گستاخي سان اسان کان فيصلو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو. پوءِ اسان انهن کي برباد ڪري ڇڏيو. تنهنڪري توهين پنهنجي باري ۾ پاڻ ئي سوچيو!"

رة حجر

سورة حجر جي شروعات به قرآن مجيد جي ذڪر سان ٿئي ٿي ته: "هي الله جي ڪتاب ۽ قرآن مبين جون آيتون آهن" ان کان پوءِ جلدئي

سخت لفظن ۾ فرمايو ويو آهي ته ميڻ ڪافر ۽ اسلام جا دشمن طرح طرح جون گاليون ڏاڍي رهيا آهن ۽ اسان جي نبي ﷺ تي چٿرون ڪري رهيا آهن. ايستائين جو ڪين مجنون ۽ چريو چوڻ کان به ڪين ٿا ڪُسن پر ڪو وقت ايندو جو اهي افسوس ۾ هٿ مهٽيندا ۽ چوندا ته: ”ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها جو ايمان آڻيون ها ۽ اطاعت قبول ڪريون ها“ ـــــ ”اي نبي ﷺ! توهان انهن جي ڪا به پرواه نه ڪريو، انهن کي دنيا ۾ مزا ڪرڻ ڏيو، اهو وقت پري نه آهي جڏهن کين حقيقت جي پروڙ پئجي ويندي؟“ ان کان پوءِ حضور اڪرم ﷺ کي آٿت ڏيندي فرمايو ويو آهي: ”اسان توهان کان اڳ بڪيترين قومن ۾ پنهنجا رسول موڪليا آهن، توهان وانگر انهن تان به کلون ڪيون ويون هيون ۽ جيئن اڳوڻن جا احوال ٿي گذريا آهن تيئن اوهان جي قوم جا ماڻهو به ايمان ڪون آڻيندا ـــــ (باقي انهن جو مطالبو ته اسان کي ڪو محسوس ٿيندڙ معجزو ڏيکاريو ته پوءِ مڃينداسون، ان بابت يقين رکو ته) جيڪڏهن اسان آسمان ۾ دروازو کولي ڏيون ۽ اهي ان مان لنگهي به وڃن ته به اهو ئي چوندا ته اسان جي نظر بندي ڪئي ويئي آهي ۽ اسان تي جادو ڪيو ويو آهي؟“

سورة حجر جو ٽيون رڪوع وڏي اهميت رکي ٿو جو ته ان ۾ آدم ۽ ابليس وارو قصو هڪ نئين انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن کان اڳ اهو قصو سورة بقره جي چوٿين رڪوع ۽ سورة اعراف جي ٻئي رڪوع ۾ بيان ٿي چڪو آهي. هن جاءِ تي هڪ[1] ته حضرت آدم جي تخليقي مادي بابت: ”مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ“ جهڙا اڳرا لفظ پورا ٽي دفعا آيل آهن جنهن مان اشارو ملي ٿو ته حضرت آدم جي تخليق اهڙي بدبودار گاري جي مٽي مان ٿي جيڪا سُڪي نون ٺهڻ کان پوءِ ٺڪ ٺڪ لڳي هئي. انگاله جي تائيد جديد سائنسي انڪشاف مان به ٿئي ٿي ته زندگي جي شروعات ڍنڍ وارن علائقن مان ٿي هئي جتي مٽي ۽ پاڻي جي ملاوت مان خمير و پيدا ٿي ويندو آهي ۽ گاري ۾ ڏيپ پيدا ٿي پوندي آهي. ٻيو[3] ته اها به حقيقت واضح ڪئي ويئي

آهي ته حضرت آدمؑ کي سجدي ڪرڻ جو حڪم ملائڪن کي آدمؑ جي تخليق کان گهڻو اڳ ڏنو ويو هو. ٻيون ته آدمؑ جي فضيلت جو اصل سبب اهو رباني روح آهي جيڪو سندن خاڪي جسم ۾ ڦوڪيو ويو هو، جنهن کي الله تعالیٰ ضمير واحد متڪلم استعمال ڪندي خاص پاڻ ڏانهن نسبت ڏني آهي. قرآني لفظ هي آهن: فَإِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ه" (پوءِ جڏهن اسان ان کي ٺاهي تيار ڪريون ۽ هر طرح درست ڪري ڇڏيون ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيون ته پوءِ توهين ان جي آڏو سجدي ۾ ڪري پئجو.)

انهيءَ حقيقت ۽ معرفت جي ڳالهين سان گڏ اها ڳالهه به واضح ڪئي ويئي آهي ته قرآن مجيد ۾ انهي قصي جي ورجائڻ جو مقصد هي آهي ته آدمؑ کي مليل فضيلت جي ڪري شيطان کي حسد جي باه وٺي ويئي هئي ۽ سندس دل ۾ آدم ۽ آدم جي اولاد لاءِ دشمني ۽ عداوت ٿي پيئي هئي. ان ڪري الله وٽان مهلت ملڻ کان پوءِ هاڻي هو قيامت تائين انساني نسل کي گمراه ۽ تباه ڪرڻ لاءِ پيو ڪوشش ڪندو رهندو. انهيءَ سلسلي ۾ هن کان اڳ سورة ابراهيم ۾ ميدان حشر وارو مڪالمو به بيان ٿي چڪو آهي. اتي به اهائي حقيقت کولي بيان ڪئي ويئي آهي ته شيطان کي الله جي بندن تي ڪو به اختيار حاصل نه آهي. هو گناهن ڏانهن سڏي ضرور، تو پر ان کي قبول ڪرڻ يا نه ڪرڻ سراسر انسان جي پنهنجي وس ۾ آهي. قرآني لفظن ۾: " اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ اِلَّا مَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ه" (منهنجن بندن تي تنهنجو ڪو به وس نه هلندو سواءِ انهن نالائقن جي جيڪي پاڻ ئي تنهنجا پوئلڳ وڃي ٿيندا) ان کان پوءِ مڪي سورتن جي عام انداز مطابق انبياء ۽ رسولن جو ذڪر آهي ۽ حضرت لوط عليه السلام جو ڪي قدر تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي.

ان سلسلي ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جو به ذڪر ڪيو ويو آهي ته

جيڪي ملائڪ حضرت لوطؑ جي قوم تي عذاب جو فرمان کڻي نازل ٿيا هئا.
تن حضرت ابراهيمؑ کي سندس پٽ حضرت اسحاقؑ جي ڄمڻ جي خوشخبري به
ڏني هئي. لوطؑ جي قوم جي ذڪر کان پوءِ مختصر اشارو شعيبؑ جي قوم ۽ صالحؑ
جي قوم ڏانهن پڻ ڪيل آهي ___________ ۽ وضاحت ڪئي ويئي آهي ته انهن
ٻنهي قومن جون تباهه ٿيل بستيون ۽ ڦٽل پٽ "سَبِيْل مُقِيْمٌ" يعني تجارتي شاهراهن
تي آهن، جتان عربن جا تجارتي قافلا رات ڏينهن پيا ايندا ويندا هئا - يعني
اتر کان ڏکڻ ويندي پهريائين لوطؑ جي قوم جون برباد ٿيل بستيون هيون ۽
ٿورو اڳيرو شعيبؑ جي قوم جا ڦٽل مڪان هئا ۽ انهن سان لڳو لڳ قوم ثمود
جا کنڊر رهيا.

مڪي دور جي اوائلي زماني ۾ نازل ٿيل اڪثر سورتن وانگر سورة حجر
جي پڇاڙي ۾ به حضور اڪرمؐ کي تفصيلي خطاب ڪيو ويو آهي ۽ پاڻ سڳورن
تي الله جي طرفان انعامن ۽ عنايتن جو ذڪر آهي. جنهن جو تت هي آهي: "اي
نبيؐ! اسان هي آسمان ۽ زمين حق مطابق بنايا آهن ۽ قيامت بهرحال اچي
ڪڙڪندي ۽ تڏهن هر هڪ کي پنهنجي ڪيئي جو پورو عيوض ملندو. توهان
انهن ڪافرن کي درگذر فرمايو ۽ انهن جي چٽرن ۽ مسخري کي نظر انداز
ڪريو. توهان جو رب جيئن سڀني جو خالق آهي تيئن سڀني جي حالن کان
به واقف آهي ۽ اسان توهان کي ست وري وري پڙهجندڙ آيتون يعني سورة
فاتحه جهڙي عظيم نعمت ۽ قرآن مجيد جهڙي عظيم دولت عطا فرمائي
آهي، سو توهين انهن ماڻهن ڏانهن اک کڻي به نه ڏسو جن کي اسان هن دنيا
جي حقير ملڪيت گهٽي مقدار ۾ عطا ڪئي آهي ۽ نڪي انهن بابت رنج ۽
غم توهان جي دل تي اثر ڪري. ايمان وارن سان توهان جي عنايت ۽ شفقت
هميشه هئڻ گهرجي. صاف چئي ڇڏيو ته "آئون ته فقط کلي طرح خبردار ڪرڻ
وارو آهيان. اسان تنبيهه نازل ڪئي آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي قرآن ڪتاب
ٽڪرا ٽڪرا ڪن ٿا. سو توهان جي رب جو قسم ته اسين انهن کان پڇا ڳاڇا

ڪنداسون ته دنيا ۾ هي چاچا ڪري رهيا هئا ۽ توهين وڏي واڪي اعلان ڪري ڇڏيو (ان شيءِ جو) جنهن جو توهان کي حڪم مليو آهي ۽ مشرڪن جي پرواهه نه ڪريو. انهن جي چٽرن ۽ ٺٺول کي اسين پاڻهي ئي پهچنداسون. اهي ماڻهو جن الله کان سواءِ ڪي ٻيا معبود به بنايا آهن تن کي جلد حقيقت جي خبر پئجي ويندي. اسين چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا ته انهن ماڻهن جي ڳالهين کان توهان کي صدمو رسي ٿو. سو توهان پنهنجي رب جي تسبيح ۽ واکاڻ ڪيل ٿا پيا هجو ۽ الله جي آڏو جهڪڻ وارن ۾ شامل هجو ــــــ ۽ آخري دم تائين الله جي بندگي تي ڪاربند رهجو."

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين

قرآن مجيد ۾ سورة يونس کان پوءِ ڪي سورتن جو جيڪو عظيم سلسلو شروع ٿئي ٿو تنهن ۾ پهريون ٽي سورتون ڪي قدر ڊگهيون آهن يعني سورة يونس سورة هود سورة يوسف جن ۾ علي الترتيب ١١ ۽ ١٢ رڪوع آهن تنهن کان پوءِ ٽي سورتون ڪي قدر ننڍيون آهن يعني سورة رعد، سورة ابراهيم ۽ سورة حجر جن ۾ ترتيبوار ٦ - ٧ ۽ ٦ رڪوع آهن، تنهن کان پوءِ وري ٽن ڊگهين سورتن جو گروپ آهي يعني سورة نحل، سورة بني اسرائيل ۽ سورة ڪهف جن ۾ ترتيبوار ١٦ رڪوع ۽ ١٢٨ آيتون، ١٢ رڪوع ۽ ١١١ آيتون ۽ ١٢ رڪوع ۽ ١١٠ آيتون آهن. انهن مان سورة بني اسرائيل ۽ سورة ڪهف قرآني حڪمت جا عظيم خزانا آهن ۽ ٻنهي جي مضمونن ۾ بيحد گهاٽو لاڳاپو آهي ۽ تمام گهڻي مشابهت آهي. جڏهن ته سورة نحل کي پنهنجو منفرد مقام حاصل آهي جيتوڻيڪ سورة بني اسرائيل سان هن جي مضمونن جو تمام گهاٽو تعلق آهي. مطلب ته ڪي سورتن جي هن ننڍي گروپ ۾ سورة بني اسرائيل ۽ سورة ڪهف هڪ ٻئي جو جوڙ آهن. البته سورة نحل هڪ منفرد حيثيت رکندي به انهن ٻنهي سان تمام گهڻو تعلق رکي ٿي. هاڻي اچو ته سورة نحل جي مضمونن تي ڪي قدر تفصيل سان نظر ڪريون:

تقرير نمبر ١٤

سورة نحل

گذريل سورتن جي ابتڙ سورة نحل جي شروعات ۾ نه ته حروف مقطعات آهن ۽ نه قرآن مجيد جي عظمت جو تمهيدي بيان آهي. البته ڳالهه سڌي طرح تنبيهه سان شروع ڪئي وئي آهي يعني "ته الله جو فيصلو اچي مٿان بيٺو آهي تڪڙ نه ڪريو. هو پاڪ ۽ بلند ۽ برتر آهي ان شرڪ کان جيڪو اهي ماڻهو ڪري رهيا آهن." بلڪل ساڳيو رنگ هن سورة مبارڪ جي پڇاڙي ۾ به آهي، فرق رڳو اهترو آهي ته شروعات ۾ ڪافرن ۽ مشرڪن لاءِ انذار (ڊيڄارڻ) جو رنگ آهي ۽ پڇاڙي ۾ حضور اڪرم ۽ مومنن لاءِ تبشير (خوشخبري) جو رنگ آهي يعني "صبر ڪريو ۽ حقيقت ۾ توهان جو صبر به الله جي ڀروسي تي قائم آهي ۽ توهان کي نه ته انهن ڪافرن ۽ مشرڪن جي عاقبت تي غمگين ٿيڻ جي ضرورت آهي ۽ نه ڪي سندن سازشن ۽ چالبازين تي پريشان ٿيڻ جي ضرورت آهي. ڇو ته الله توهان سان گڏ آهي يعني سندس مدد ۽ تائيد انهن ماڻهن سان شامل آهي جيڪي متقي ۽ احسان ڪندڙ آهن."

قرآن حڪيم ۾ "تذڪير بآلاءِ الله" يعني الله جي نعمتن ڪي ٽسي الله تي ايمان آڻڻ، توحيد تي ڪاربند رهڻ، الله جي طرفان ثاهيل جزا ۽ سزا جي نظام تي يقين رکڻ ۽ سندس حڪمن تي عمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اعليٰ ترين مثال سورة نحل ئي آهي. حقيقت هي آهي ته هن سورة سڳوريءَ جي مضمونن جو تيار ڪيو ويو آهي الله تعاليٰ جي زميني ۽ آسماني، آفاقي ۽ انفسي، ظاهري ۽ باطني، محسوس ۽ معقول نعمتن

جي ذڪر سان ۽ ان ۾ جاءِ بجاءِ توحيد، رسالت ۽ آخرت جا بنيادي مضمون پکڙيل آهن. اهڙيءَ طرح ٻنهي قسمن جي مضمونن ۾ هڪ ٻئي سان لاڳاپو ظاهر ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ هي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن: ”اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ٥“ (آيت ١١) (بلاشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سوچ ويچار کان ڪم وٺن ٿا) ”اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ“ (آيت ١٢) (يڪ سان ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا) ”اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ٥“ (آيت ١٣) (بلاشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي يادگيري حاصل ڪن ٿا) ”اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ٥“ (آيت ٦٥) (يڪ سان ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڳالهه ٻڌن ٿا) اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ٥“ (آيت ٧٩) (بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار هوندا آهن). حقيقت هي آهي ته الله تعالىٰ جي نعمتن جو ذڪر جنهن جامع طريقي سان هن سورة سڳوريءَ ۾ ملي ٿو، ان جو نظير ساري قرآن مجيد ۾ ڪو ورلي لڀندو. مضمون جي شروعات آسمانن ۽ زمين جي پيدائش جي ذڪر سان ٿئي ٿي ته الله تعالىٰ هن ڪائنات کي حق جي مطابق خلقيو آهي. ان کان پوءِ ذڪر انسان جي پيدائش جو آهي ته هن انسان کي نطفي مان خلقيو پر عجب آهي جو انسان اٿلندو پنهنجي خالق ۽ مالڪ بابت جهيڙو ٿو ڪري. تنهن کان پوءِ بيان آهي ته رب ۽ چوپائي مال جي تخليق جو ته هن بيشمار چوپاين کي پيدا ڪيو آهي جن مان توهين خوراڪ به حاصل ڪريو ٿا ته انهن کي سواري لاءِ به ڪم آڻيو ٿا ۽ بار ڍوئڻ لاءِ به استعمال ڪريو ٿا. انهن ۾ توهان لاءِ حسن، جمال ۽ سونهن سينگار جو سامان موجود آهي — ڏسو ته سهي انهن جي چيٽي ۽ رت جي وچ مان الله تعالىٰ توهان لاءِ کير جهڙي پاڪ صاف ۽ اعلىٰ شيءِ پيدا ڪري ڏني آهي. کلن مان توهين خيما تيار ڪريو ٿا، انهن جي اُنَ ۽ وارن کي توهين ڪيترن ڪمن ۾ ڪتب آڻيو ٿا. پوءِ ٿورو وسڪاري تي به غور

ڪريوته الله تعالىٰ ميڻهن وسائي ٿو، ان مان توهين پنهنجي اڄ به اڃهايو ٿا نه
پوک لاءِ پاڻي به استعمال ڪريو ٿا. الله تعالىٰ انهيءَ جي وسيلي اَنُّ، زيتون
کجور، انگورءِ ٻيا سوين قسمن جا ميوا پيدا ڪري ٿو جن مان توهين پنهنجي
لاءِ رزق به حاصل ڪريو ٿا، ته لطف ۽ سڪون بخشيندڙ شيون به حاصل ڪريو ٿا.
ٿوري اهو به ڏسو ته هن زميني پيداوار ۾ ڪيتري رنگا رنگي ۽ طرح طرح جون
عجيب جهڙيون ڳالهيون موجود آهن. ڪهڙا ڪهڙا نه سهڻا، وڻندڙ ۽ رنگ
برنگي گل ڦل ڦلاريا ويا آهن ڪيترا نه انواع ۽ اقسام جا ميوا توهان لاءِ پيدا ڪيا ويا
آهن. پوءِ ٿوري نظر اُپ ڏانهن به ڪريو ته رات ڏينهن جو سرشتو ڪيئن
توهان جي ضرورتن مطابق سٿيو ويو آهي. ڪيئن نه شمس ۽ قمر ۽ تارن
جون قطارون توهان جي خدمت ۾ رڌل آهن. ـــــــ وري ٿورو سمنڊ ڏانهن
بنظر ڦيرائي ڏسو ته ڪيئن نه توهان جي خدمت چاڪري ڪري رهيو آهي.
ان مان توهان تازو ۽ عمدو ماس خوراڪ لاءِ حاصل ڪريو ٿا ۽ ان جي
مٿاڇري تي پنهنجن ٻيڙن ۽ جهازن وسيلي سفر ڪريو ٿا، انجي اونهائي
مان رنگا رنگي موتي ۽ ٻيون ڪيتريون زينت جون شيون ڪيدو ٿا ـــــــ
"وَ اِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا" (۽ جيڪڏهن توهين الله تعالىٰ جي
نعمتن کي ڳڻڻ وهندا نه ڳڻي ڪين سگهندا)، ۽ ٿورو جبلن تي به نظر وجهو
ته ڪيئن نه زمين لاءِ لنگر جو ڪم ڏيئي رهيا آهن ۽ زمين کي ڏسو ته ان ۾
ڪيئن درياءَ ۽ قدرتي شاهراهون جاري آهن ٻيو نهيو رڳو هن ننڍڙي
جيتامڙي يعني ماکيءَ جي مک کي ڏسو ته ڪيئن ڏ قسمين قسمين گلن ڦلن مان
رس چوسي ماکي ميٺي رهي آهي جيڪا نه فقط هڪ فرحت بخش شربت
آهي بلڪ ان ۾ خوراڪ جا جزا مڪمل طرح موجود آهن ۽ ڪيترين بيمارين لاءِ
دوا ۽ شفا پڻ آهي: "فَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ" (ته پوءِ ڇا اي نبي ﷺ! اهي
ماڻهو الله تعالىٰ جي نعمتن جو انڪار ڪندا) هاڻي وري پنهنجي نفس (جان)
ڏانهن به نهاريو. الله تعالىٰ توهان کي توهان جين مائن جي پيٽن مان ٻاهر

آندو پنڌ هن توهان جو اهو حال هو جو نه توهان کي ڪو علم هو ۽ نه عقل ۽ شعور. پوءِ الله تعاليٰ توهان کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جون قوتون ڏنيون ۽ دل ۽ دماغ جون اعليٰ نعمتون عطا فرمايون ۽ پوءِ توهان کي قسمين قسمين رزق عطا ڪيائين ۽ انواع اقسام جا ساز سامان ڏنائين. تنهن کان سواءِ توهان کي توهان جي ئي جنس مان جوڙو عطا ڪيائين ۽ ان مان اولاد عطا ڪيائين: "اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَتِ اللّٰهِ هُمْ يَكْفُرُوْنَ٥" (تڏهن به ڇا اهي باطل جو اقرار ۽ الله جي نعمتن کان انڪار ڪندا رهندا؟) هاڻي تون پهرين ڏانهن به ته ڏسو، اهي ڪيئن هوا ۾ ترندا رهن ٿا. پنهنجن کهرن گهاٽن ڏانهن به ڌيان ڏيو، ته الله تعاليٰ انهن کي ڪيئن توهان لاءِ امن ۽ سڪون جي جاءِ بنايو آهي. ڪجهه وڻن جي ڇانو ۽ جبلن جي غارن تي به غور ڪريو ته ڪيئن اهي توهان کي سج جي تپش ۽ موسمن جي خراب اثر کان بچائين ٿيون. پنهنجن لباسن ڏانهن به ڏسو ته اهو ڪيئن توهان جي لاءِ حفاظت ۽ سينگار جو سبب بنيل آهي. پنهنجين زرهن ۽ لوهي ٽوپلن کي ڏسو ته ڪيئن نه اهي توهان کي دشمنن جي حملن کان محفوظ رکن ٿا: "كَذٰلِكَ يُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْلِمُوْنَ٥" (اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجين نعمتن کي توهان لاءِ مڪمل ڪري ٿو ته من توهين الله جي اطاعت قبول ڪريو) "فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ٥" (اي نبي ﷺ! جيڪڏهن اهي پوءِ به منهن موڙين ته توهان تي ته فقط ڳالهه پهچائڻ جي ذميواري آهي) انهن بدبختن جو حال اهو آهي ته: "يَعْرِفُوْنَ نِعْمَتَ اللّٰهِ ثُمَّ يُنْكِرُوْنَهَا وَاَكْثَرُهُمُ الْكٰفِرُوْنَ٥" (اهي ماڻهو الله تعاليٰ جي نعمتن کي ڄاڻڻ سڃاڻڻ کان پوءِ به انڪار ڪن ٿا ۽ انهن مان اڪثر ناشڪر آهن)

مطلب ته هن سورة سڳوري جي مضمونن جو مرڪز ۽ محور الله تعاليٰ جي خلقيل قسمين قسمين نعمتن جو ذڪر آهي ۽ انهن جي نتيجي ۾ توحيد، الله جي ڪامل قدرت ۽ حڪمت تي مضبوط ايمان، بعث بعد الموت

(موت ڪان پوءِ وري اٿڻ) جزا سزا وحي، نبوت ۽ رسالت تي پختي يقين جي دعوت ڏني ويئي آهي. اهوئي سبب آهي ته آخر ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ذڪر ۾ ”شَاكِرًا لِّاَنْعُمِهٖ“ جا لفظ خاص طور تي آيا آهن يعني ته: ”هو الله تعاليٰ جي نعمتن جو چڱي طرح شڪرگذاري ڪندڙ بندو هو.“

ـــــــ ان سلسلي ۾ اها حقيقت به نظر ۾ رکڻ گهرجي ته ”قرآني حڪمت“ جي عظيم محل جو بنياد الله جي شڪر ادائي جو جذبو ئي آهي. قرآني لفظ آهن: ”وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ“ (۽ اسان لقمان کي حڪمت عطا فرمائي ته الله جو شڪر ادا ڪر!)

سورة نحل ۾ قرآني حڪمت جي هن اصول کي مضبوطي سان قائم ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪان پوءِ ايندڙ ٻن سورتن ۾ يعني سورة بني اسرائيل ۽ سورة ڪهف ۾ هن حڪمت مان حاصل ٿيندڙ سڀني نتيجن ۽ فائدن کي کولي بيان ڪيو ويو آهي. ان ڪري سورة نحل جي آخر ۾ هي مبارڪ لفظ آيا آهن: ”اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ؕ“ (سڏيو پنهنجي رب جي واٽ ڏانهن حڪمت يعني دانائي ۽ عمدي نصيحت سان ۽ مباحثو ۽ مجادلو ڪريو اهڙي طرح جيڪو عمدو ۽ اعليٰ هجي) ۽ سورة بني اسرائيل ۾ فرمايو ويو آهي: ”ذٰلِكَ مِمَّآ اَوْحٰٓى اِلَيْكَ رَبُّكَ مِنَ الْحِكْمَةِ“ (هي ڳالهيون ان حڪمت جون آهن جيڪا تنهنجي رب توتي نازل ڪئي آهي.) هن پيٽ مان سورة نحل ۽ سورة بني اسرائيل جي مضمونن جي وچ ۾ موجود تعلق جو هڪڙو پهلو واضح ٿي ويو آهي. ٻئين برڪت ڀريل لفظن ۾ آهي ۽ سورة بني اسرائيل جي ٽئين ۽ چوٿين رڪوع ۾ اوامر ۽ نواهي (حڪم ڏيڻ ۽ منع ڪرڻ) بابت هڪ اشارو آهي جيڪي هڪ صحتمند ۽ صالح معاشري جي جوڙجڪ لاءِ لازمي ۽ نهايت ضروري آهن. انهن جي حيثيت سورة نحل جي آيت ٩٠ جي تشريح ۽ تفسير وانگر آهي، جنهن ۾ فرمايو ويو آهي

نه: "إِنَّ اللّٰهَ يَأْمُرُكُمْ بِالْعَدْلِ وَالْإِحْسَانِ وَإِيْتَاءِ ذِي الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ" (الله تعالىٰ حڪم ڪري ٿو توهان کي انصاف جو ۽ احسان جو ۽ مائٽن جي حقن ادا ڪرڻ جو ۽ منع ڪري ٿو توهان کي بي حيائي ۽ برائي ۽ ظلم کان ته جيئن توهين نصيحت حاصل ڪريو!"

سورة نحل ۽ سورة بني اسرائيل جي وچ ۾ هڪڙو بيو به موضوع هڪجهڙو آهي ۽ اهو آهي هجرت. هجرت جو سلسلو هوئن ته سنه ٦ نبوي کان ئي حبش ڏانهن هجرت ڪرڻ سان ٿي ويو هو پر سورة نحل ۾ ۽ سورة بني اسرائيل ۾ جنهن هجرت جو ذڪر آهي سا پڪ سان مديني واري هجرت آهي. پانچي ٿو ته سورة نحل ان زماني ۾ نازل ٿي هئي جڏهن حضور اڪرمؐ جي اجازت سان مسلمانن مديني ڏانهن هجرت شروع ڪري ڏني هئي. ان ڪري اول آيت نمبر ٤١ ۾ فرمايو ويو آهي: "جن ماڻهن هجرت ڪئي الله جي واٽ ۾، پوءِ انهن تي ظلم ڪيا ويا، اسين انهن کي لازمي طور تي هن دنيا ۾ سٺو ٺڪاڻو عطا ڪنداسين ۽ آخرت جو اجر ته آهي ئي عظيم ۽ تمام گهڻو، ڪاش ڪين اها خبر هجي ها!" ان کان پوءِ آيت نمبر ١١٠ ۾ فرمايو ويو: "پوءِ توهان جي رب جي رحمت انهن ماڻهن سان شامل آهي، جن آزمائش جي ڪوري مان لنگهڻ کان پوءِ هجرت ڪئي، جهاد ڪيو ۽ صبر اختيار ڪريو، پڪ سان تنهنجو رب بيحد بخشڻهار ۽ نهايت رحم وارو آهي."

سورة بني اسرائيل ۽ سورت ڪهف وانگر سورة نحل ۾ به خدا جي طرفان وحي ۽ انجي آخري جامع ۽ ڪامل ايڊيشن قرآن حڪيم جو ذڪر ورجايو ويو آهي. آيت نمبر ٢ ۾ فرمايو ويو آهي: "الله تعالىٰ پنهنجي حڪم سان فرشتن کي وحي ڏيئي نازل ڪري ٿو پنهنجن بندن مان جنهن ڏانهن چاهي ٿو، ته جيئن هو ماڻهن کي خبردار ڪري ۽ اعلان ڪري ته مون کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي، سو مون کان ئي ڊڄندا رهو!"

ان کان پوءِ آيت ع٢٤، ع٢٥ ۽ ع٣٠ ۾ واضح فرمايو ويو آهي ته:
قرآن جي نزول بابت ڪافرن ۽ مؤمنن جي ردعمل ۾ ڪيڏو نه تفاوت آهي، ۽ اهي ڪيڏو نه هڪ ٻئي کان مختلف ۽ متضاد (ابتڙ) آهي.
آيت نمبر ٢٤ ۾ فرمايو ويو آهي: "جڏهن انهن کان پڇجي ٿو ته توهان جي رب ڇا نازل فرمايو آهي ته اهي چون ٿا ته" اهي ساڳيا پراڻا داستان! "تنهن ئي آيت نمبر ٢٥ ۾ تبصرو ڪيو ويو آهي ته" اهي ماڻهو قيامت جي ڏينهن پنهنجو سمورو بار کڻندا ويتر انهن جو به بار کين کڻڻو پوندو، جن کي هي ناداني وچان گمراهه ڪري رهيا آهن. ڪيڏو نه بڇڙو هوندو اهو بار جيڪو هنن کي کڻڻو پوندو!"

ان جي مقابلي ۾ آيت نمبر ٣٠ ۾ فرمايو ويو آهي ته "جڏهن مصلحن ۽ متقين کان سوال ڪيو ويندو ته توهان جي رب ڇا نازل فرمايو آهي ته اهي چوندا ته خير ئي خير نازل ڪيو آهي. اهڙن چڱن ماڻهن لاءِ هن دنيا ۾ به خير ۽ ڀلائي آهي ۽ آخرت جو گهر ته آهي ئي انهن لاءِ خير ۽ خوبي سان ڀريل، حقيقت ۾ ڏاڍو چڱو هوندو متقين جو اهو ٺڪاڻو" سورة جي پڇاڙي ۾ هڪ ڀيرو وري قرآن مجيد جي عظمت بيان ڪئي ويئي آهي، ان جي معجزي هجڻ ڏانهن به اشارو ڪيل آهي ۽ ان جي تلاوت جا آداب به سيکاريا ويا آهن. ان ڪري آيت نمبر ٨٩ ۾ فرمايو ويو آهي: "۽ اي نبي! اسان توهان تي ڪتاب نازل فرمايو آهي جو هر شيءِ کي واضح ڪرڻ لاءِ ۽ تابعدارن لاءِ هدايت، رحمت ۽ بشارت آهي."

آيت نمبر ١٠٢ ۾ فرمايو ويو آهي ته: "چئو اي نبي ﷺ! ته نازل ڪيو آهي ان کي روح القدس تنهنجي رب جي طرفان حق مطابق ته جيئن ثابت قدمي عطا ڪري مومنن کي، ۽ هدايت ۽ بشارت بخشي الله وارن لاءِ." ان سان گڏ ٻي آيت ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته: "اسان کي چڱيءَ طرح معلوم آهي ته اهي ماڻهو ڇا ڇا پيا چون، ته هي قرآن محمد ﷺ کي ڪو ٻيو ماڻهو سيکاري ٿو- جڏهن ته

جنهن ماڻهو ڏانهن اهي اشارو ڪن ٿا سو ته هڪ عجمي آهي ۽ هي قرآن ته صاف واضح عربي زبان ۾ آهي!" قرآن مجيد جي تلاوت جي آداب جي سلسلي ۾ آيت نمبر ٩٨ ۾ فرمايو ويو آهي ته: "جڏهن قرآن جي تلاوت ڪريو ته اڳ ۾ شيطان مردود جي شر کان محفوظ رهڻ لاءِ الله جي پناهه طلب ڪريو!" ان سان گڏ آيت نمبر ١٢٥ کي شامل ڪرڻ گهرجي جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي يعني: "سڏيو پنهنجي رب جي واٽ ڏانهن حڪمت سان ۽ موعظة حسنة (سٺي وعظ) سان ۽ بحث ۽ تنازع جي ضرورت پئجي وڃي ته اهو به اهڙو ڪريو جيڪو اعليٰ ۽ احسن هجي؛ جو ته هن آيت جي سلسلي ۾ جن ٽن شين ڏانهن رهنمائي ڪئي وئي آهي ان ۾ حڪمت به هڪ جزو آهي جنهن ته قرآن جا لفظ شاهد آهن: "ذَالِكَ مِمَّا اَوْحَىٰ اِلَيْكَ رَبُّكَ مِنَ الْحِكْمَةِ" ۽ "لَقَدْ جَاءَتْكُمْ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَشِفَاءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ" موعظة حسنه (چڱي نصيحت) به قرآن جو هڪ جزو آهي ۽ مباحثي يا مجادلي جون چڱيون صورتون به قرآن مجيد ۾ مذڪور آهن. اهڙي طرح هيءَ آيت جڻ سورة ق جي آخري آيت جي تشريح آهي يعني: "تَذَكَّرْ بِالْقُرْآنِ مَنْ يَّخَافُ وَعِيْدُ" (يادگيري ڏياريو قرآن جي وسيلي ان شخص کي جيڪو اسان جين تمڪين ۽ وعيدن کان ڊڄي ٿو!)

و "شهادت علي الناس" جو مضمون جيڪو مدني سورتن ۾ وضاحت سان بيان ٿيو آهي سو هجرت کان ٿورو اڳ نازل ٿيل ٻن سورتن ۾ به موجود آهي. يعني سورة حج ۽ سورة نحل ۾. ان سلسلي ۾ سورة حج ۾ ته ان جو دنياوي پهلو واضح ڪيو ويو آهي. جنهن کي سورة بقره ۾ مسلم امت جو بنيادي مقصد بنايو ويو آهي. ۽ سورة نحل ۾ ان جو ديني پهلو بيان ڪيو ويو آهي جنهن کي سورة نساءِ ۽ سورة مائده ۾ هن طرح ذڪر ڪيو ويو آهي ته: "جنهن ڏينهن اسين هر هڪ امت مان هڪڙو شاهد بيهاريندا سين، ان وقت انهن ڪافرن کي ڪوڙا بهانا بنائڻ جي اجازت ڪانه ملندي ۽ نڪي انهن جي ڪاوڙ جي ڪا پرواهه ڪئي ويندي." (آيت نمبر ٨٥) ۽ "جنهن ڏينهن اسين ڪڍنداسين هر امت

مان هڪڙو گواهه جيڪو انهن مان ئي هوندو ۽ اهو انهن جي خلاف گواهي ڏيندو ۽ اٿاريندا سون اي نبيﷺ! توهان کي انهن ماڻهن جي خلاف گواهه جي حيثيت سان! " توهان کي ياد هوندو ته سورة نساء ۾ به اهڙي قسم جي هڪ آيت آهي جنهن کي حضرت عبدالله بن مسعودؓ جي واتان ٻڌي حضور اڪرمﷺ جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا هئا.

و دييني حڪمت جي سلسلي ۾ عهد الست جي يادگيري لاءِ انهيءَ سورة سڳوري ۾ تاڪيد ڪئي وئي آهي. ان ڪري آيت نمبر ۹۱ ۾ فرمايو ويو آهي: "۽ الله جا عهد پورا ڪريو جڏهن ته توهين الله سان معاهدو ڪري چڪا آهيو" ۽ آيت نمبر ۹۲ ۾ بيحد بليغ تشبيهه جي ذريعي ان عهد کي ڀڃڻ تي ملامت ڪئي وئي آهي: "وَلَا تَكُونُوا كَالَّتِي نَقَضَتْ غَزْلَهَا مِنْ بَعْدِ قُوَّةٍ أَنْكَاثًا" (ان عورت وانگر نه ٿيو جنهن ڏاڍي محنت ۽ تڪليف سان ڪتيل سُٽ پاڻ ئي وڍي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو) ۽ آيت نمبر ۹۵ ۾ هڪڙي ٻئي انداز ۾ توجه ڇڪايو ويو آهي ته: "الله سان ڪيل عهدن جي عيوض حقير قيمت قبول نه ڪريو. بيشڪ الله وٽ آهي سو توهان لاءِ وڌيڪ چڱو آهي جيڪڏهن توهين سمجهو ته!"

و سورت جي پڇاڙي ۾ يهودين جي سلسلي ۾ ٻن حقيقتن ڏانهن مختصر اشارو ڪيو ويو آهي. هڪ ته ڪاڏي ٻيتي جي شين ۾ حلال حرام جون سخت پابنديون انهن لاءِ سزا طور مقرر ڪيون ويون هيون ۽ ٻيو ته يوم سبت (ڇنڇر جي ڏينهن) بابت ضابطا به انهن جي طرفان جمع جي ڏينهن جي بي قدري جي سزا طور مقرر ڪيا ويا هئا. هي ڳالهيون ڄڻ تمهيد آهن، ان تفصيلي ذڪر جو جيڪو دين جي تاريخ بابت سورة بني اسرائيل جي پهرئين رڪوع ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اڳتي هلي انهيءَ سلسلي ۾ شايد يهودين جي توجه ڇڪائڻ خاطر واضح ڪيو ويو آهي ته هاڻي به توبه جي وسيلي الله تعاليٰ جي رحمت کي سڏي سگهجي ٿو. فرمايو ويو آهي ته: "بيشڪ تنهنجي رب جي رحمت پوءِ جهلو ٿيندي آهي.

انھن لاءِ جيڪي ناداني ۾ جذبات جي وهڪري ۾ ڪا برائي ڪري وجهن ٿا ۽ پرپوءِ جلدي توبه ڪن ٿا ۽ پاڻ کي سڌارين ٿا، ته پوءِ تنهنجو رب بيحد بخشڻھار به آهي ۽ نهايت رحيم به آهي۔

اَللّٰھم اغفرلنا وارحمنا وانت خيرالراحمين

تقرير نمبر ١٥

سُورة بني اسرائيل ۽ سُورة ڪَهف

نبي اڪرمؐ جن قرآن مجيد جي ڪن سورتن کي پاڻ ۾ ڀينرون سڏيو آهي. پاڻ سڳورن فرمايو آهي ته: ”شَيَّبَتْنِيْ هُوْدٌ وَّ اِخْوَاتُهَا“ (مون کي سورة هود ۽ سندس ڀيڻن پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي). ان تشبيھ کي جيڪڏهن اڳتي وڌائجي ته معلوم ٿيندو ته سورة بني اسرائيل ۽ سورة ڪهف پاڻ ۾ بلڪل جاڙن ڀيڻن وانگر آهن. ڇوته مصحف مبارڪ جي بلڪل وچ تي قرآني حڪمت جي هنن ٻن عظيم خزانن جي وچ ۾ ڪيترن درجن جي مشابهت ۽ هڪجهڙائي آهي. مثال طور سندن ڊيگهه ۽ ويڪر کي ڏسجي ته ٻنهي ۾ بلڪل هڪجيترا يعني ٻارنهن ٻارنهن رڪوع آهن ۽ آيتن جو تعداد به تقريبًا هڪ جيترو ئي آهي يعني سورة بني اسرائيل ۾ ١١١ آيتون آهن ۽ سورة ڪهف ۾ ١١٠ آيتون آهن. هڪڙي جي شروعات خدا جي تسبيح سان ٿئي ٿي ته ٻئي جي شروعات خدا جي حمد سان ٿئي ٿي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ تعلق کي حضور اڪرمؐ پنهنجي هڪ فرمان ۾ هن طرح واضح ڪيو آهي ته: ”التسبيح نصف الميزان والحمدلله تملئه“ (يعني سبحان الله سان ميزان اڌ ڀرجيو وڃي ۽ الحمد لله سان ٽمٽار ٿيو وڃي). ٻنهي سورتن جي پهرين آيتن ۾ حضور اڪرمؐ جو ذڪر آهي ۽ ٻنهي هنڌن تي پاڻ سڳورنؐ جي عبديت کي نمايان ڪيو ويو آهي معلوم

ھجڻ گھرجي ته قرآن مجيد ۾ جتي جتي به الله تعاليٰ جي طرفان حضور اڪرم ﷺ تي خاص شفقت ۽ عنايت کي ظاهر ڪيو ويو آهي اتي رسالت جي نعرڪرڻ بدران عبديت جي نسبت کي نمايان ڪيو ويو آهي. ڇو ته ائين ڪرڻ سان شرڪ جو دروازو ويه بند ٿئي ٿو ۽ ان ڪري به ته عبديت جي نسبت عروجي آهي، يعني ان جو رخ الله ڏانهن آهي. جڏهن ته رسالت جي نسبت نزولي آهي يعني ان جو رخ انسانن ڏانهن آهي. مطلب ته عبديت جي نسبت ۾ سير الى الله ۽ سير في الله ٻئي اچي وڃن ٿا. جڏهن ته رسالت جي نسبت ۾ رڳو سير عن الله الى الله موجود آهي. تنهنڪري حضور اڪرم ﷺ لاءِ فخر جوڳو اصل مقام ڪامل عبديت جو مقام آهي، جيتوڻيڪ اسين حضور اڪرم ﷺ جي عبديت کي پنهنجي عبديت سان هرگز تشبيه نٿا ڏيئي سگهون. بقول علامه اقبال:

عبد ديگر عبده چيزي ديگر ۔ ما سراپا انتظار، او منتظر!

ساڳئي طرح ٻنهي سورتن جي آخري آيتن تي نظر ڪبي ته معلوم ٿيندو ته ٻنهي ۾ شرڪ جو انڪار ۽ توحيد جو اقرار ڪيو ويو آهي. لهٰذا سورة بني اسرائيل جي پڇاڙي ۾ آيت ٿي ته: "وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِى الْمُلْكِ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِىٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ٥" (ڇو ته سڀ تعريف ان الله لاءِ آهي جنهن نه ڪنهن کي پٽ بڻايو آهي ۽ نه ئي پنهنجي بادشاهي ۽ پنهنجي اختيار ۾ ڪنهن کي ڀائيوار بڻايو اٿس ۽ نه ئي هن جو ڪو دوست هن جي ڪنهن ڪمزوري يا احتياج جي ڪري آهي. هن جي وڏائي بيان ڪريو جيئن هن جي وڏائي جو حق آهي.)

۽ سورة ڪهف جي پڇاڙي هنن لفظن ۾ ٿئي ٿي ته: "قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَىَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ٥" (چئو ته آئون به توهان جهڙو بشر آهيان، مون ڏانهن وحي ڪئي ويي ٿي ته توهان جو معبود ته فقط هڪڙو ئي معبود برحق آهي، ته پوءِ جيڪو هن سان

ملاقات جو اميدوار رهجي ان کي کهرجي ته چڱا عمل ڪري، هن جي عبادت ۾ ڪنهن به ٻئي کي شريڪ نه ڪري!)

ٻنهي آيتن جي شروعات فعل امر ”قُلْ“ سان ٿئي ٿي ۽ ٻنهي ۾ شرڪ جو انڪار ۽ توحيد جو اقرار آهي. فرق رڳو ايترو آهي ته هڪ آيت ۾ الله لاءِ اولاد يا ڪمزوري يا احتياج جي صفت موجود سمجهي سندس اعلیٰ مقام تان ڪيرائي مخلوق جي صف ۾ بيهارڻ کي ننديو ويو آهي - ته ٻئي آيت ۾ مخلوق مان ڪنهن هڪ کي مٿي کڻي الله سان برابري رکندڙ مقام تي وهارڻ جي مذمت ڪئي وئي آهي. غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته شرڪ جي سيني قسمن ۾ انهن ٻن صورتن مان ڪا هڪ صورت ضرور هوندي آهي.

عجب جهڙي ڳالهه آهي ته اهي ٻئي عروجي ۽ نزولي حالتون آهن جيڪي انهن سورتن جي پهرين آيتن ۾ حضور اڪرم بابت بيان ٿيون آهن ــ يعني سورة بني اسرائيل جي شروعات ٿئي ٿي معراج جي ذڪر سان جنهن ۾ حضور اڪرم کي بلندين تي نيو ويو هو. حديث جي لفظن ۾: ”ثُمَّ عُرِجَ بِی“ ۽ سورة ڪهف جي شروعات ۾ حضور اڪرم تي ڪلام الله نازل ٿيڻ جو ذڪر آهي يعني: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ اَنْزَلَ عَلٰی عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ يَجْعَلْ لَهٗ عِوَجًا“ (يعني سڀ شڪر ۽ سموري تعريف جو حقدار الله آهي جنهن نازل فرمايو پنهنجي ٻانهي تي هدايت جو ڪتاب ۽ ان ۾ ڪو ڏِنگ هرگز نه رکيائين).

هاڻي هڪ ڙي نظر وري سورة بني اسرائيل جي آخري آيت ۽ سورة ڪهف جي پهرين آيت تي ڪري ڏسو. سورة بني اسرائيل جي آخري آيت جي منڍ ۾ ”قل الحمد لله“ جا لفظ آهن ۽ سورة ڪهف جي شروعات ۾ ”الحمد لله“ جا لفظ آهن. مطلب ته هڪ ۾ امر ڪيل آهي ته ٻئي ۾ امر تي عمل.

اهڙي طرح ٻئي سورتون ٻن جاڙين ڀينرن وانگر ٿي پيون آهن.

اول ۽ آخر ۾ آيل انهن ظاهري مشابهتن کان سواءِ هيٺيون ڳالهيون به ٻنهي ۾ هڪجهڙيون آهن: اول ته: ٻنهي جي وچ تي حضرت آدم ۽

ابليس جو مختصر قصو موجود آهي. ٻيو ته: ٻنهي ۾ "اولوالعزم من الرسل"
يا انهن جي قومن تي عذاب الاهي جو ذڪر نه آهي جيتوڻيڪ ٻين ٻستين جي تباهي
برباديءَ جو ذڪر عيل آهي. ٽيون ته: ٻنهي ۾ قرآن مجيد بابت فرمايو ويو آهي
ته اسان ان ۾ انسان جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ هر ممڪن انداز اختيار ڪيو
آهي. جيئن سورة بني اسرائيل ۾ فرمايو ويو آهي: "وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ
فِيْ هٰذَا الْقُرْآنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ" ۽ سورة كهف ۾ فرمايو ويو آهي: "وَلَقَدْ
صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْآنِ لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ" چوٿون ته: ٻنهي ۾ واضح
ڪيو ويو آهي ته انسان پنهنجي شامت اعمال جي ڪري پنهنجو پاڻ تي هدايت
جا دروازا بند ڪري ڇڏين ٿا ۽ الله تعالیٰ جي طرفان ناهيل هدايت ۽
ضلالت جي قانون هيٺ اچي وڃن ٿا. پوءِ سندن حال اهو ٿي وڃي ٿو: "اِنَّا
جَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْ آذَانِهِمْ وَقْرًا ۞"
(يعني اسان انهن جي دلين تي پردا چاڙهي ڇڏيا آهن ته جيئن سمجهي نه
سگهن ۽ انهن جي ڪنن ۾ ڳراڻ پيدا ڪري ڇڏي اٿئون ته جيئن ٻڌي نه
سگهن.) پنجون ته: ٻنهي سورتن ۾ حضور اڪرم ﷺ کي خبردار ڪيو ويو آهي ته
ماڻهو جڏهن ته قريشن جا سردار تڪجي پيا آهن ۽ ناهجون ڪوششون ڪري
رهيا آهن ته متان توهين پنهنجي شريف طبيعت ۽ مروت جي ڪري انهن
ڏانهن جهڪي پئو. ان ڪري سورة بني اسرائيل ۾ فرمايو ويو آهي ته: "۽
قريب هو ته اهي ماڻهو توهان کي فتني ۾ وجهي ان ڳالھ تان هٽائي ڇڏين
جا جيڪا اسان توهان ڏانهن وحي ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن توهين پنهنجي طرفان
ڪا ٻي ڳالھ ٺاهي اسان ڏانهن منسوب ڪريو ها ته پوءِ اهي توهان کي پنهنجو
گهاٽو دوست بنائي ڇڏين ها. ۽ جيڪڏهن اسين توهان کي ڄمائي نه بيهاريون
ها ته ممڪن هو ته توهان انهن ڏانهن جهڪي پئو ها. جيڪڏهن ائين ٿئي ها
ته اسين توهان کي زندگي ۽ موت ٻنهي جو ٻيڻو عذاب چکايون ها ۽ پوءِ
توهين اسان سان مقابلي لاءِ ڪوبه مددگار هٿ ڪري نه سگهو ها؟ ۽

سورة ڪهف ۾ فرمايو ويو آهي ته: ”۽ غنيمت سمجهو انهن ماڻهن جو ساٿ جيڪي پنهنجي رب جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ صبح ۽ شام ڪيس ياد ائيندا رهن ٿا ۽ توهان جون نگاهون انهن تان هٽڻ نه گهرجن دنياوي زينت خاطر ۽ نڪي انهن ماڻهن جي ڳالهين تي انهن ڌيان ڌيو جن جي قلبن کي اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏيو آهي“ عام طرح قرآن مجيد ۾ انهن ٻنهي جاين تي ظاهرو نه خطاب حضور اڪرمؐ کي ڪيو ويو آهي، پر ان عتاب جو اصل رخ دشمنن ۽ ڪافرن ڏانهن آهي. ڇو ته ٻنهي سورتن ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته حق ۽ باطل جي ڪشمڪش جي سختيءَ يا مصيبتن ۽ آزمائش جي دور ۾ هڪ مؤمن جو اصل پرچهلو الله جو ڪلام ئي هوندو آهي! اهوئي سبب آهي ته سورة ڪهف ۾ فرمايو ويو آهي: ”وَ اتْلُ مَا اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنَ كِتَابِ رَبِّكَ“ (پڙهندا رهو ان کي جيڪو توهان ڏانهن توهان جي رب وٽان نازل ڪيو ويو آهي!) ۽ سورة بني اسرائيل ۾ قرآن مجيد جي تلاوت لاءِ بهترين وقتن جي رهنمائي ڪئي ويئي آهي يعني ته: ”وَقُرْاٰنَ الْفَجْرِ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا“ (۽ خاص اهتمام ڪريو فجر وقت قرآن جي قرأت جو. ڇو ته فجر جي قرأت ۾ خاص دل جي حضوري پيدا ٿيندي آهي) ”وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ“ (۽ رات جو ڪجهه حصو به ان قرآن کي پڙهندي گذاريو، اها شيءِ توهان جي لاءِ خاص اضافو آهي!) ـــــ مطلب ته سورة بني اسرائيل ۽ سورة ڪهف ۾ بيشمار ڳالهيون اهڙيون آهن جن مان سندن هڪٻئي سان مشابهت ظاهر ٿئي ٿي. هن مختصر گفتگو ۾ انهن سڀني ڳالهين جو ذڪر نا ممڪن آهي.

سورة بني اسرائيل جي پهرئين ۽ آخري رڪوع ۾ يهودين جي تاريخ جا ڪي اهم گوشا ظاهر ڪيا ويا آهن. پهرئين رڪوع ۾ سندن تاريخ جي وچين دور ۾ ٻه ڀيرا سندن سرڪشي ۽ ان جي نتيجي ۾ الله جي طرفان سخت سزا جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ۽ ڏيک فرمايو ويو آهي ته هاڻي توهان

هڪ اهڙي نازڪ جاءِ تي بيٺا آهيو جو هاڻي جيڪڏهن توهان قرآن تي ايمان آڻيندؤ ۽ ان کي پنهنجو اڳواڻ بڻائيندؤ ته خدا جي رحمت توهان تي مدام رهندي. ٻئي صورت ۾ الله جي طرفان سخت عذاب جا ڦٽڪا توهان جي پٺين تي هميشه لاءِ وسندا رهندا: ”عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يَّرْحَمَكُمْ وَ اِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا وَجَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ حَصِيْرًا ٥ اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَ يُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا كَبِيْرًا ٥ وَّاَنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ٥“ ——— ۽ آخري رڪوع ۾ هڪ پاسي سندن تاريخ جي شروعاتي دور ۾ هڪ مسلم امت جي حيثيت سان سندن ذڪر ڪيو ويو آهي. يعني حضرت موسىٰؑ ۽ فرعون جو مختصر احوال ڏنو ويو. ان کان اڳ پهرين رڪوع ۾ ان حقيقت طرف اشارو ڪيو ويو آهي ته امت جو اصل بنياد خدا جو ڪتاب ئي هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو بني اسرائيل مسلم امت جي حيثيت ان وقت اختيار ڪئي، جڏهن حضرت موسىٰؑ کي تورات عطا ٿي هئي: ”اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَجَعَلْنٰهُ هُدًى لِّبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ“ ۽ ٻئي پاسي سندن آخري تباهي ته انهن پڻ اشارو ڪيو ويو آهي، جيڪا قيامت اچڻ کان ڪجهه عرصو اڳ ۽ حضرت مسيحؑ جي اچڻ کان پوءِ برپا ٿيندي. ان سلسلي ۾ فرمايو ويو آهي ته: ”جڏهن اهو وقت ايندو، تڏهن اسين توهان کي هر هر هنڌان هڪالي وٺي اينداسين.“ اها حالت هن وقت اسين ڏسي رهيا آهيون ته ڪو غيبي هٿ آهي جيڪو ساري دنيا مان يهودين کي ڇڪيندو وٺيو پيو اچي ۽ کين هڪ هنڌ يعني فلسطين ۾ گڏ ڪندو پيو وڃي. شايد اها جاءِ ئي آخرڪار سندن قبرستان بڻجي وڃي: ”وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ٥“ عجيب ڳالهه آهي ته جيئن پهرئين رڪوع ۾ يهودين جي ذڪر کان پوءِ قرآن جو ذڪر ٿيو آهي. ساڳئي طرح آخري رڪوع ۾ به يهودين جي تاريخ جي شروعات ۾ پڇاڙي ڏي ته انهن مختصر طور اشارو ڪرڻ کان پوءِ هي هيبتناڪ ۽ جلالي

لفظ آيا آهن: ”وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ“ (هن قرآن کي اسان حق مطابق نازل فرمايو آهي ۽ حق سان ئي نازل ٿيو آهي!) هاڻي قومن ۽ امتن جي قسمت جو فيصلو هن جي مطابق ئي ٿيندو. هيءَ ڳالهه جڻ يهودين بابت اهاسا ڳالهه ڪئي پئي آهي جنهن جو ذڪر سورة طارق ۾ هڪ عام قاعدي وانگر آيو آهي: ”اِنَّهٗ لَقَوْلٌ فَصْلٌ وَّمَا هُوَ بِالْهَزْلِ“ (هي قرآن هڪ نمايان ڳالهه بنجي نازل ٿيو آهي، ان کي کل ڀوڳ يا چرچي جي ڳالهه نه سمجهو!) انڪان علاوه هن سورة سڳوريءَ جي ٽئين ۽ چوٿين رڪوع ۾ بقول حبر الامة حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما توريت جا ڏهه حڪم (TEN COMMANDMENTS) نهايت دلپذير انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن ته جيئن اهل ڪتاب کي معلوم ٿي وڃي ته اصولي طرح قرآن مجيد جي تعليم به اها ساڳي آهي جيڪا توراة جي هئي. اهڙي طرح هڪ پاسي دعوت، افهام ۽ تفهيم ۽ ٻئي پاسي اِنذار (ڊيڄارڻ) تنبيه ۽ وعيد، ٻنهي طرح سورة بني اسرائيل هڪ تمهيد بنجي پئي آهي، ان تفصيلي گفتگو جي جيڪا هجرت کان پوءِ مدني سورتن ۾ يهودين ۽ نصارن کي سڌي طرح خطاب ڪندي ڪئي ويئي آهي.

خود هجرت جي باري ۾ به هڪ اشارو هن سورة سڳوريءَ ۾ دعا جي شڪل ۾ ڪيو ويو آهي جنهن جي تلقين حضور اڪرم ﷺ اصحابن رضه کي ڪئي هئي. يعني: ”وَقُلْ رَّبِّ اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّ اَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا“ يعني: (دعا ڪريو ته اي منهنجا رب! مون کي داخل فرماءِ عزت سان داخل ڪرڻ ۽ ٻاهر ڪيد عزت سان ٻاهر ڪيڻ ۽ مون کي پنهنجي خاص فضل جي خزانن مان قوت ۽ غلبو عطا فرماءِ جيڪو منهنجي مشن کي مڪمل ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي!) هي هڪ نهايت عمدو مثال آهي ته بارگاهِ رباني ۾ خاص مانڱڻ جي دعا جا لفظ به ڪين خدا پاڻ سيکاري ٿو ۽ ان کان وڌي ڳالهه اها آهي ته اهڙي

دعا جي قبوليت جو فيصلو اڳ ئي ٿي چڪو هوندو آهي!

هڪڙو ٻيو به اهم مضمون سورة بني اسرائيل ۾ روح بابت سوالن جوابن جي صورت ۾ آهي. اهو مضمون فضول بحث ڪندڙن ۽ نفساڻي خواهشن جي غلامن لاءِ ته هڪ ٺڪ جواب آهي ۽ حقيقي علم ۽ معرفت جي پانڌيئڙن لاءِ حقيقت ۽ معرفت جو هڪ اڻ ميو دريا آهي، جنهن کي ڪوزي ۾ بند ڪيو ويو آهي. روح بابت سوالن جوابن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته سورة بني اسرائيل ۽ سورة ڪهف هڪ ئي زنجير جون ٻه ڪڙيون آهن جو ته انهن جي شان نزول بيان ڪندڙ روايتن مطابق يهودين جي چرچ تي مڪي جي قريشن حضور اڪرم جو امتحان وٺڻ لاءِ ٽي سوال پڇيا هئا. هڪ ته روح ڇا آهي؟ ٻيو ته اصحاب ڪهف جو قصو ڪيئن آهي؟ ۽ ٽيون ته ذوالقرنين ڪير هو؟ انهن سوالن مان پهرئين جو جواب سورة بني اسرائيل ۾ آهي ۽ باقي ٻن جو جواب سورة ڪهف ۾ ڏنل آهي.

سورة ڪهف بابت ڪيترين مستند حديثن مان معلوم ٿئي ٿو ته حضور اڪرم جن پوري سورة کي عام طرح ۽ پهرين ۽ آخري آيتن پڙهڻ کي خاص طرح دجالي فتني کان بچاءُ لاءِ مفيد فرمايو آهي. دجل عربي زبان ۾ چيو آهي ڪنهن شيءِ جي حقيقت کي لڪائڻ لاءِ ان مٿان فريب جو پردو وجهڻ. سورة ڪهف جي پهرئين ۽ آخري رڪوع جي مطالعي مان دجل بابت خبر پوي ٿي. يعني ته هن دنيا ۾ دنيا جو نئون نانگر ۽ ساز سامان ڏسي انسان جو عقل چرخ ۽ اکيون ڪيرپون ٿي وڃن ٿيون ۽ هو پنهنجي خدا ۽ آخرت کي ٻلڪل وساري ڇڏي ٿو. اهوئي سبب آهي ته پهرئين رڪوع ۾ فرمايو ويو آهي ته: "إِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَى الْأَرْضِ زِينَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ أَيُّهُمْ أَحْسَنُ عَمَلًا" (اسان روءِ زمين تي جيڪي به آهي تنهن کي سينگار، زينت ۽ آرائش بنائي ڇڏيو آهي ته جيئن اسين ماڻهن جو

امتحان وٺون ته ڪهڙا شخص انهن مان چڱا عمل ٿا ڪن!) مطلب ته ڪير دنيا جي ظاهري ٺٺ ٺانگر کي ڏسي پنهنجو هوش وڃائي ويهي ٿو ۽ ڪير مـن ڪميڻي دنيا جي اصل حقيقت معلوم ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي الله جي رضامندي ۽ آخرت جي ڪاميابي تي نظر رکي ٿو. آخري رڪوع ۾ بيحد بلاغت ڀريل انداز ۾ پهريائين سوال ڪيو ويو آهي ته: ”قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُمْ بِالْأَخْسَرِينَ أَعْمَالًا“ (اي نبي ﷺ! انهن کي چئو ته ڇا اسين توهان کي ٻڌايون ته سڀ کان وڌيڪ نقصان وارا ڪير آهن؟) پوءِ پاڻ ئي جواب ڏنو ويو آهي ته: ”الَّذِينَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُونَ أَنَّهُمْ يُحْسِنُونَ صُنْعًا“ يعني (هي اهي ماڻهو آهن جن جي دوڙ ڍڪ ۽ سعيو من دنياوي حياتي ۾ ئي ڀٽڪي بيڪار ٿي ويو، پر هو اهين سمجهندا رهيا ته اسان جيون محنتون سڄايون ٿي رهيون آهن!) انهيءَ پهرئين ۽ پوئين آيت کي هن سورة سڳوري ۾ مرڪزي ۽ محوري حيثيت حاصل آهي جنهن جي چوڌاري سڄي سڳوري جا ٻيا مضمون گردش ڪن ٿا. لهٰذا پهرئين رڪوع کان پوءِ اصحاب ڪهف جو واقعو ۽ آخري رڪوع کان بلڪل اڳ ۾ حضرت ذوالقرنين جو ذڪر آهي. انهن ٻنهي واقعن جو مقصد هي آهي ته هن دنيا ۾ مومنن لاءِ هر قسم جون حالتون پيش اچي سگهن ٿيون. ڪڏهن اصحاب ڪهف وارن جهڙي بيوسي ۽ لاچاريءَ جي حالت ٿي سگهي ٿي ته ڪڏهن وري ذوالقرنين جي حڪومت، سلطنت، شان ۽ دٻدٻو به حاصل ٿي سگهي ٿو. پر هڪ مومن بندي جو ڪم فقط اهو هوندو آهي ته هو هر حال ۾ صابر ۽ شاڪر رهي ۽ هر قسم جي حالتن کي پنهنجي لاءِ آزمائش سمجهي ـ وچ ۾ اول ته هڪڙو مڪالمو نقل ڪيو ويو آهي. اهو مڪالمو هڪڙي حق جي عارف ۽ خداپرست انسان ۽ هڪڙي دنيادار ماڻهو جي وچ ۾ ٿيو آهي جيڪو دنيا جي ظاهري زينت ۽ ٺٺ جي ڪري دوکي ۾ مبتلا آهي ۽ مغرور ٿي ڳالهائي رهيو آهي. ان مڪالمي مان هـن

ڪوڙي دنيا جي حقيقت کي تمثيلي انداز ۾ واضح ڪيو ويو آهي. ٻيو ته حضرت موسيٰ ۽ حضرت خضر عليهما السلام جو قصو بيان ڪيو ويو آهي. ان قصي ۾ دنيا جي تصوير جو ٻيو رخ ڏيکاريو ويو آهي يعني ته جيئن هن دنيا جي دولت، حشمت ۽ عزت وغيره بي حقيقت شيون آهن تيئن هتي جون مصيبتون ۽ تڪليفون به بي حقيقت آهن. ڪڏهن ته اهي شيون جن کي انسان پنهنجي بي علمي ۽ بي عقلي سبب نقصانڪار ۽ ذلت آميز سمجهندو آهي سي ئي حقيقت ۾ هن لاءِ خير ۽ برڪت جو باعث بڻجنديون آهن. علاوه ازين هڪ ته حضور اڪرم ﷺ کي خطاب ڪندي فرمايو ويو آهي ته قريش جي دولتمندن يا سرنديءَ وارن سردارن ۽ وڏيرن ڏانهن رغبت ۽ محبت نه ڏيکاريو متان ڪنهن کي گمان ٿئي ته توهان به دنيا جي زينت ۽ ٺٺ ٺانگر جي اثر ۾ اچي ويا آهيو ۽ ٻيو ته هڪڙي نهايت فصيح ۽ بليغ تمثيل جي ذريعي دنياوي زندگي جي اصل حقيقت کي پڌرو ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ نهايت سادن پر نهايت دلنشين لفظن ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي ته: ”اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ اَمَلًا“ (اي انسانو! هي مال ۽ اولاد ته بس دنياوي زندگي لاءِ زينت ۽ سينگار آهن، اميد جي خيال کان ڀروسي لائق شيءِ ۽ توهان جي رب جي نظر ۾ وقعت ته فقط چڱن عملن جي آهي، جيڪي هميشه ۽ باقي رهندا!) ۽ حقيقت به اها ئي آهي ته هي سڀ ڳالهيون جي من هڪڙي ڳالهه آهي جيڪا جيڪڏهن دل ۾ ڄمي وڃي ته انسان جي زندگي جو نقشو ئي بدلجي وڃي ۽ هو جيڪر دنيا جي زيب ۽ زينت يا شان ۽ شوڪت کان هرگز متاثر نه ٿئي ۽ نڪي دنيا ۾ پنهنجو پاڻ وڃائي ويهي. ان جي بدران هو الله تعاليٰ کي ئي پنهنجو محبوب ۽ مطلوب سمجهندو رهي ۽ آخرت کي پنهنجي منزل خيال ڪندي هن دنيا مان ائين لنگهي وڃي. جيئن حضور اڪرم ﷺ جو هيءَ فرمان آهي ته: ”كُنْ فِي الدُّنْيَا كَاَنَّكَ غَرِيْبٌ اَوْ عَابِرُ

سَبِيۡلٍ" (دنيا ۾ ائين رهو جيئن هڪ ته ڌارئي يا واٽ ويندڙ مسافر !)
الله تعالى اسان کي نيڪ هدايت ۽ چڱي عمل جي توفيق عطا
فرمائي ــــــــــــــــ آمين.
وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين !

انجمن خدام القرآن سنڌ

D56 بلاڪ B شمالي ناظم آباد

ڪراچي

جي

قائم ٿيڻ واري هزاءِ جا اغراض ۽ مقصد

قائم ٿيڻ واري هزاءِ جي مختصر تشريح

بنيادي نهراءِ اغراض و مقاصد

MEMORANDUM

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نَحۡمَدُهٗ وَنُصَلِّيۡ عَلٰى رَسُوۡلِهِ الۡكَرِيۡمِ

جيئن ته اسان جي هن ڳالهه جو شديد احساس آهي ته

اسلام جي ٻيهر احياءِ دين حق جي غلبه جي نئين دور

جو خواب

امت مسلمه ۾ تجديد ايمان جي عمومي تحريڪ

کان سواءِ پورو نٿو ٿي سگهي ۽ ان لاءِ

لازمي آهي ته پهريائين

ايمان ۽ يقين جي مرڪز

يعني

قرآن ڪريم جي علم ۽ حڪمت

جي وسيع پيماني تي اشاعت جو اهتمام ڪيو وڃي

جيئن ته ۽

ان ڏس ۾ اسان کي ڊاڪٽر اسرار احمد صاحب جي خيالن سان مڪمل اتفاق آهي،

اسان ان ڪم کي قدر جي نگاهن سان ڏسون ٿا جيڪو هو ڪري رهيو آهي

تنهن ڪري اسين چند خادمانِ ڪتابِ مبين

انجمن خدام القرآن ـ سنڌ ڪراچي

ـــ جي قيام جو فيصلو ڪريون ٿا ـــ

ـ ـ ـ ـ ـ جيڪا ـ ـ ـ ـ ـ

جناب ڊاڪٽر اسرار احمد صاحب

باني صدر مرڪزي انجمن خدّام القرآن ـ لاهور (رجسٽرڊ)
جي رهنمائي ۾ هيٺ بيان ڪيل اغراض ۽ مقصدن جي
تڪميل لاءِ الله جي فضل سان مصروف رهندي

① ـــ عربي زبان جي تعليم ۽ ترقي .

② ـــ قرآن مجيد جي مطالعي لاءِ عام رغبت ۽ شوق ڏيارڻ .

③ ـــ قرآني علوم جي عمومي توسيع ۽ اشاعت .

④ ـــ اهڙن مناسب نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت، جيڪي قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ سڪيا ڏيڻ کي حياتي جو مقصد بنائين ۽

⑤ ـــ هڪ اهڙي قرآن اڪيڊمي جو قيام جيڪا قرآن حڪيم جي فلسفه ۽ حڪمت کي وقت جي اعلىٰ ترين علمي سطح تي پيش ڪري سگهي

الله تعالىٰ اسان کي انهن مقصدن لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوشش ۽ قرباني جي توفيق عطا فرمائي (آمين)



انجمن جي هن موقف جو مدلل ۽ مفصل پس منظر ته ڊاڪٽر اسرار احمد صاحب جي انهيءَ تحرير جي مطالعي مان ئي سمجهي سگهجي ٿو، جيڪا ”اسلام جو ٻيهر احياء- ڪرڻ جو اصل ڪم“ نالي ڪتابڙي جي صورت ۾ شايع ٿيل آهي. تنهن هوندي به مختصر طور ائين چئي سگهجي ٿو ته :

① اسان جي موجوده ديني انحطاط جو بنيادي سبب هيءُ آهي ته مغرب جي بي خدا سائنس ۽ يورپ جي لادين فلسفه ۽ فڪر مجموعي لحاظ سان پوري امّت جي ايمان جي بنيادن کي ڌوڏي ڇڏيو آهي ۽ يقين جي خزاني کي ساڙي ناس ڪري ڇڏيو آهي. ۽ هيئنر عملي ۽ حقيقي صورتحال اها آهي ته عوام الناس جي دلين ۽ دماغن ۾ عام طور تي ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن جي ذهنن ۾ خاص طور تي، خدا ۽ آخرت ۽ وحي و نبوّت جهڙن بنيادي عقيدن لاءِ به جاءِ باقي نه بچي آهي.

② انهن حالتن ۾ اسلام جي ٻيهر احياءَ ۽ دين حق جي غلبي لاءِ لازمي شرط (PRE-REQUISITE) تجديد ايمان آهي ۽ قصر اسلام جي نئين سر تعمير لاءِ ايمان جي انهن بنيادن کي وري تعمير ڪرڻ لازمي آهي، جيڪي نه رڳو ڪمزور ٿي چڪيون آهن، بلڪ ختم ٿي چڪيون آهن. جڏهن ته اها عمارت جزوي مرمّت ۽ مٿاڇري ليپي ۽ گاري جي محتاج ناهي، پر نئين اڏاوت جي گهرج ڪري ٿي.

③ تجديد ايمان جي انهيءَ مهم ۾ اولين اهميّت معاشري جي انهيءَ سمجهدار طبقي (INTELLIGENTSIA) ۽ ذهين اقليت (INTELLECTUAL MINORITY) کي حاصل آهي، جيڪا ازخود سماج جي ذهني ۽ فڪري قيادت جي منصب تي فائز آهي ۽ جنهن کي ملت جي جسم ۾ اهوئي مقام حاصل آهي جيڪو دماغ کي انساني جسم ۾ حاصل آهي.

④ انهيءَ طبقي جي دلين ۽ دماغن ۾ ايمان کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ لازمي آهي ته قرآن ڪريم جي بنيادتي ۽ ان جي هدايت ۽ رهبري جي روشنيءَ ۾ هڪ اهڙي زبردست علمي هلچل برپا ڪئي وڃي جيڪا هڪ طرف وقت جي تمام مڃتا نهين علمي سطح مطابق لاديني فڪر ۽ نظرين جو اثرائتو ۽ مدلل توڙ ڪري ۽ ٻئي پاسي جاندار علمي دليلن ۽ حجتن وسيلي، ايمان جي حقيقت ۽ معرفت آشڪارا ثابت ڪري، ته جيئن يقين ۽ اخلاص جي ڪيفيت پيدا ٿئي. وري ٽئين پاسي تحقيق ٿيل سائنسي حقيقتن ۽ ڪائنات ۽ انسان بابت قرآن حڪيم جي بڌايل حقيقتن ۾ اهڙي مطابقت بيان ڪري جنهن سان قلب کي اطمينان حاصل ٿئي (وَلٰكِنْ لِّيَطْمَئِنَّ قَلْبِىْ)

⑤ انهيءَ لاءِ لازم آهي ته ڪجهه اهڙا نوجوان، جيڪي هڪ ئي وقت ۾ ذهين ۽ باصلاحيّت به هجن ته باهمت ۽ صاحبِ عزيمت پڻ، ۽ جن کي الله تعالىٰ پنهنجي پياري ڪتاب مڃان خالص ذاتي نوعيت جو ايمان ۽ يقين عطا فرمايو هجي، اهي پنهنجي پوري حياتيءَ کي قرآن جي سکيا وٺڻ ۽ سکيا ڏيڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏين ۽ انهيءَ ڪتاب حڪيم جي فلسفه ۽ حڪمت جي حصول ۽ نشر و اشاعت کان سواءِ سندن زندگيءَ جو ٻيو ڪو مقصد ۽ مطلب ٿي نه هجي.

⑥ ۽ انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته پهرئين قرآن مجيد کي پڙهڻ پڙهائڻ ۽ عربي زبان کي سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ هڪ عام تحريڪ برپا ڪئي وڃي ۽ قرآني علوم جي نشر و اشاعت لاءِ نهايت وسيع پيماني

تي اهتمام ڪيو ويو ته جيئن عوام جو عام رجحان قرآن حڪيم ڏانهن ڇڪجي اچي، ذهنن مٿان ان جي عظمت جو سڪو قائم ٿئي ۽ دلين ۾ ان جي محبت بحال ٿئي ۽ انهيءَ ڏانهن هڪ عام لاڙو پيدا ٿي پوي. ان کان پوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي ته ڪيترا ئي ذهين ۽ اعلىٰ صلاحيتون رکڻ وارا نوجوان به سائنس واقفيت حاصل ڪندا ۽ منجهائن ئي هڪ تعداد اهڙي به نڪري ايندي جيڪي قرآن جي قدر ۽ قيمت کان ايتري حد تائين آگاهه هوندا جو پنهنجي پوري ڄمار ان جي علم ۽ حڪمت جي تحصيل ۽ پرچار لاءِ وقف ڪري ڇڏين.

⑦ تنهن ڪري مرڪزي انجمن خدام القرآن لاهور (رجسٽرڊ) وانگر مٿين مقصدن ۽ غرضن لاءِ انجمن خدام القرآن سنڌ، ڪراچي جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي.

انجمن خدام القرآن سنڌ ڪراچي

جي قيام جو مقصد

ايمان جي مرڪز — يقين جي سرچشمي

قرآن حڪيم

جي علم ۽ حڪمت جي

وسيع پيماني ۽ اعليٰ علمي سطح

تي تشهير ۽ اشاعت آهي

ته جيئن امت مسلمه جي سمجهدار طبقي اندر

تجديد ايمان جي هڪ عمومي تحريڪ برپا ٿئي

۽ اهڙي طرح

اسلام جي پهرئين ۽ دين حق جي غلبي جي ٻئين دور

جي واٽ هموار ٿي سگهي

وَمَا النَّصْرُ إِلَّا مِنْ عِنْدِ اللَّهِ